


**گيڙو ويس غزل**

# گيڙو ويس غزل

(شيخ اياز جا مڪمل غزل)



**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيڙو ويس غزل

(شيخ اياز جا مڪمل غزل)

مرتب

**اسحاق سميجو**


روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**Roshni Book No. 268**

كتاب جو نالو: گيڙو ويس غزل

شاعر: شيخ اياز

مرتب: اسحاق سميجو

ڇاپو پهريون: © روشني 2004ع

ڇاپو ٻيو: © روشني 2008ع

ڇاپو ٽيون: © روشني 2015ع

ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.

**قيمت: =/600 روپيا**

# GEROO VESS GHAZAL

A Collection of Sindhi Poetry by: **Shaikh Ayaz**

Complied by: **Ishaq Samejo**

Composed by: Anwer Hussain Soomro

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

First Edition © Roshni 2004

Second Edition © Roshni 2008

Third Edition © Roshni 2015

## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد+ پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد.

ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + فيضان بوڪ ڊيپو حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ، ڄامشورو

شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو پٽ شاهه

ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو

نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو

اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه+ مڪتہ گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه

مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو + العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر، مٺي

ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ

مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو + عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ

مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين.

مهراڻ بوڪ سينٽر سکر+ ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر

الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر مڪتبہ امام العصر، گهوٽڪي

سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور+ مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سعيد بوڪ مارٽ، شڪارپور

تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

مڪتبہ عزيزيہ کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ قاسميہ لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

**گيڙو ويس غزل**



# ارپنا

نارايڻ شيام

جي نالي!

گيڙو ويس غزل

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر **شيخ اياز** جي مڪمل غزلن جو مجموعو ”**گيڙو ويس غزل**“ اوهان اڳيان حاضر آهيو، جنهن جو مرتب **اسحاق سميجو** آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز جي هڪ نرالي سڃاڻ آهي. هن غزل جي روايتي شاعرانہ موضوعن، مجازي عشق جي گهڙيل واردات، محبوب جي لب و رخسار جي هيبتناڪ منظر نگاريءَ کي سنڌي غزل مان تڙي ڪڍيو ۽ نہ فقط عشقيہ مضمونن بلڪ غزل جي باقي روايتي موضوعن مذهب، تصوف، اخلاقي ۽ ناصحانہ ڳالهين کان پڻ بيزاري ظاهر ڪندي، ان ۾ ٻوليءَ کان وٺي خيالن، ڪردارن، موسمن ۽ قصن تائين مقامي رنگ ڀريو. جنهن کي اڳتي هلي هن پاڻ ئي ”گيڙو ويس غزل“ سڏيو ۽ آخرڪار اهو رنگ ئي هن جي غزل جو غالب رنگ ۽ خاص سڃاڻپ بڻجي سامهون آيو. هن ڪتاب ۾ سنڌس سمورن شعري مجموعن مان غزلن کي سهيڙي پيش ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون روشني پبليڪيشن ست جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


❖ هي سپنا منهنجي جهوليءَ ۾ – شيخ اياز 9
❖ هيءَ ڪوِتا نہ هئي،
ڪا نئين مت هُئي (مهاڳ) – اسحاق سميجو 29
❖ غزل 492-52
❖ ڏسٽي 506-493
❖ جُهڙالي هوا، گلابي گلي (رايا) 526-507
• محمد ابراهيم جويو 507
• هري دلگير 508
• امير علي چانڊيو 510
• اي. جي اُتم 515
• رشيد ڀٽي 516
• امداد حسيني 516
• تنوير عباسي 517
• عبدالجبار جوڻيجو 518
• مهتاب محبوب 520
• فتاح ملڪ 521
• تاج جويو 522
• ارجن شاد 523
• موهن ڪلپنا 525
• واسديو نرمل 525




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هي سپنا منھنجي جهوليءَ ۾

## (شيخ اياز)

مان ڪنھن وقت سوچيندو آهيان تہ مان پيدائشي شاعر آهيان، جڏهن منھنجي عمر يارنھن سال هئي ۽ مان ڪيئل داس فانيءَ وٽ پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن مون پهريون غزل لکيو هو جو مهيني ڪان پوءِ 'سدرشن' رسالي ۾ ڇپيو هو. اهو رسالو منھنجي دوست هوندراج 'داس' ڪڍيو هو جو اُن وقت ٻي درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ مان پانيان ٿو تہ پارت جي مشهور وڪيل رام ڄيٺملاڻيءَ جو ڪلاس فيلو هو. 'سدرشن' جا ٻہ چار پرچا ڪڍي داس ڪراچيءَ هليو ويو. جتي ڪجھ سالن ڪان پوءِ روزاني 'سنسار سماچار' جو سب ايڊيٽر ٿيو هو ۽ اُن ۾ 'ڪڙڪٻيتي' جي فرضي نالي سان مزاحيہ ڪالم لکندو هو.

'سدرشن' ۾ شايع ٿيل منھنجي غزل جي تخليق بہ هڪ عجيب تجربو هئي. انهن ڏينهن ۾ مون شڪارپور جي جماڻي هال لئبرريءَ مان سوامي رام تيرٿ جون اُردوءَ ۾ ڇپيل ڊائريون پڙهڻ لاءِ وتيون هيون، جن ۾ رام تيرٿ جي زندگي ۽ ان جا مشاهدا ڏنل هئا. انهن ڊائرين ۾ نظير اڪبر آباديءَ جا ڪجھ مخمس 'ڪوڙي نہ رکھ ڪفن ڪو' وغيره بہ شامل هئا ۽ ٻين جا ڪجھ غزل بہ اتاريل هئا. مون اهي ڊائريون چوويھ ڪلاڪ سانده پڙهيون هيون ۽ مون ڪان ڪاڏو وسري ويو هو. اها ڪيفيت اجا طاري

---

اياز جو اهو پهريون شعر جنوري- فيبروري 1938ع جي 'سدرشن' رسالي ۾ ڇپيو آهي. (اسحاق)

هئي تہ اوچتو مون کي هڪ غزل سجهي آيو هو. جنهن ۾ بہ تي لفظ اُن غزل جا هيا جو مون سوامي تيرٿ جي ڊائرين ۾ پڙهيو هو. اُن وقت مون کي بحر و وزن جو ڪوئي علم نہ هو پر جنهن وقت اهو غزل ڇپيو هو مون کي فاني صاحب ٻڌايو هو تہ اُن ۾ بحر و وزن جي ڪا خاص غلطي ڪانہ هئي. جڏهن مان ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن منهنجا ڪجهہ نظم ادبي رسالي 'سنڌو' ۾ ڇپيا ها ۽ منهنجا ڪلاس فيلو چوندا ها تہ اُهي نظم مون کي فاني صاحب لکي ڏيندو آهي. اُن وقت کان شاعريءَ منهنجو پيڇو نہ ڇڏيو آهي ۽ مون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ نہ وساريو آهي تہ مان اڳ ۾ شاعر آهيان، ٻيو سڀ ڪجهہ پوءِ آهيان.(1)

مان اهو فخر سان چئي ٿو سگهان تہ سنڌي غزل ۽ ٻي شاعريءَ کي ڏاري روايت مان مون ڪڍيو هو ۽ اُن جون جڙون سنڌي شاعريءَ سان ملايون هيون. جيتوڻيڪ مون ماترائن جي حساب سان بيت، وايون، گيت، لوڪ گيت، هائڪو لکيا ها، پر مون کي فارسي بحر وزن تي بہ ڪافي عبور هو. جنهن کي مون غزل، نظم، آزاد نظم، گيت، ڏيڍ سٽي وغيره ۾ ايئن استعمال ڪيو جو ڪو بہ بحر وزن جو استاد اُن مان غلطي پڪڙي نہ سگهندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون غزلن، نظمن، آزاد نظمن ۾ تشبيهون، استعارا، فني محرڪات، ٻوليءَ جا گوناگون تجربا سڀ سنڌي آندا. اها ڪا تعلي نہ آهي تہ مون فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو مطالعو ڪري بہ سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ اردو لفظ گهٽ ۾ گهٽ ڪم آندا آهن ۽ اُن جون جڙون شاهہ لطيف سان ملايون آهن. پر مون فارسي بحر وزن جو نندي هوندي کان مطالعو ڪيو هو ۽ جي سنڌيءَ جا جغادري شاعر ها، انهن کان بہ بحر وزن کي ڏهہ ڀيرا وڌيڪ ڄاڻندو هوس. هو بار بار سٽ ۾ اکر حذف ڪندا ها. مان ورلي ڪندو هوس. غالب جهڙي شاعر بہ چيو هو:

نکلنا خلد سے آدم کا سنتے آئے تھے لیکن،
بہت بے آبرو ہو کر ترے کوچے سے ہم نکلے۔

## گيڙو ويس غزل

متيون شعر چار پيرا مفاعيلن وزن تي آهي، پر پڙهڻ ۾ ’ڪا‘ جو الف حذف ڪري ’ڪ‘ ڪري ٿو پڙهڻو پوي، جو نڙيءَ ۾ ڪنڊي وانگر ٿو ڪٽڪي. منهنجي سنڌ جي نئين نسل جي شاعرن لاءِ اها هدايت آهي تہ هو فارسي بحر و وزن جو مطالعو ضرور ڪن. ايئن برابر آهي تہ فارسي هاڻي اسان جي تعليمي نصاب ۾ زبردستي مسلط نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ ٿورا ماڻهو پارسي ڄاڻن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ اردوءَ جي ذريعي اسان جن شاعرن لاءِ لازمي آهي تہ هُو فنِ عروض جو غور سان مطالعو ڪن. مون تہ پنهنجي درجي ۾ ان موضوع تي پهرين محمود خادم جو ڪتاب ’رهنماءِ شاعري‘ پڙهيو هو ۽ مون ڪي بحر وزن جي مشق ڪل ٻہ چار سال ڪرڻي پئي هئي.

❊

سنڌيءَ جا غزل گو شاعر اردوءَ جي صاحب ديوان شاعرن کان متاثر هئا. هو خليفي گل محمد جي سنڌي محاڪات، محاورن ۽ زبان بجاءِ ناسخ، مؤمن ۽ آتش وغيره جي ڪلام مان رديف ۽ قافيہ چونڊي چونڊي، پنهنجي غزلن ۾ آڻيندا هئا. خليفي گل محمد کان پوءِ سنڌي غزل، اردو غزل جو چربو هوندو هو.(2)

اسان غزل ۽ آزاد نظم جي مزاج ۾ ايتري تبديلي آندي، جو ان ۾ ڪائي اجنبيت نہ رهي. اسان بحر وزن، قافيي ۽ رديف ۽ ٻئي پوري فني لوازمات کي سنڌيت جي مزاج سان موافق ڪيو ۽ جديد ترين انسان جي ذهني ڪشمڪش ان ۾ سمائي آياسين. هن وقت سنڌي شاعري فڪري ۽ فني لحاظ کان، قدامت ۽ جدت جو بهترين ميلاپ آهي.(3)

منهنجي غزل جو فارم فقط اردو ۽ فارسيءَ تان ورتو ويو آهي. باقي ان ۾ محاڪات، استعارا، تشبيهون، قافيا، رديف وغيره نيٽ سنڌي آهن ۽ ڪجھ ابتدائي غزل ڇڏي، هر غزل تي منهنجي مُهر لڳل آهي. مون هر صنف ۾ اجنبيت جي عنصر کي رد ڪري، ان کي نيٽ سنڌي بڻايو آهي. اها منهنجي خامي آهي يا خوبي آهي، ان جو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو.(4)

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا غلام محمد گراميءَ جڏهن منهنجي شاعريءَ تي ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ مضمون لکيو، تڏهن هن مونکي ٻڌايو هيو تہ هن شاعري ڇڏي ڏني هئي، ڇو تہ اها هن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. هن اهو بہ ٻڌايو هو تہ جڏهن هو جميعت الشعراءَ جو ميمبر هو تڏهن شاعر مصرع طرح ڏسي سارا اردو جا ديوان کوليندا هئا ۽ ان ساڳئي قافيہ ۽ رديف تي لکيل غزل ڏسي، پنهنجو سنڌي غزل لکندا هئا ۽ نہ رڳو رسمي خيال ٻين جي اردو غزلن تان وٺندا هئا، پر قافيہ بہ انهن تان کڻندا هئا. روايت هنن جي مَيرن ٻاراڻن هٿن ۾ اُجهاڻل موم بتيءَ وانگر هئي.(5)

اهو وقت گذري ويو جڏهن سنڌي شاعرن مان ڪفن ۽ ڪافور جي بُوءِ ايندي هئي. جڏهن لکنو ۽ دهليءَ جي پُٺي روايت کان متاثر سنڌي شاعر، قافيہ پيمائي ڪندا هئا، ۽ پنهنجو غزل پينوءَ جي پاند جيئن ڦهلائي داد جي طلب ڪندا هئا. انهن ۾ نہ زندگيءَ جو شعور هو نہ ادب جي شناس ۽ نہ انهيءَ اردو غزل جو صحيح ذوق، جنهن جون ٻہ چار تشبيهون هنن لاءِ انهيءَ انڌي ڏيڏر جي ڪائنات تي ڇڪيون هيون، جو نہ فقط زندگيءَ جي موج ۽ تلاطم کان بي خبر هو پر پنهنجي کوهيءَ جي ڇر تي ڪنهن چنڊ ستاري جو پاڇو بہ نہ ڏٺو هئائين. گذريل ڪافي عرصي جي شاعري اهي ٿاڦوڙا آهن، جنهن جي ڇِڪ جون ڦينگون اجا تائين حيدرآباد کان لاڙڪاڻي تائين اڏامنديون نظر اينديون، ۽ جن کي اجا تائين ڪجهہ تڪ بند شاعر جور وانگر چنبڙيا پيا آهن. فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جي روايت ۾ ڪائي مور جي ادا تہ ڪانہ هئي، جوان جي تقليد ڪئي وڃي ها. البتہ ڪجهہ ڪانوَ هُدهُد جا کنڀ اٽڪائي، اڏامندا نظر ايندا هئا. انهن مان ڪجهہ اهي بہ هئا، جن جا سطحي جذبا هنن کي حالي، اڪبر الهہ آباديءَ ۽ اقبال جي دروازي تي وٺي ويا، ۽ هو لڪير جا فقير، ڪجهہ ادبي اوبر مان جهول ڀري آيا، انهيِءَ کوکليءَ شاعريءَ جي کُرڙ ڏسي، ڦوليا نہ سمايا. انهن کان اهو وسري ويو تہ اسان جي زبان ۽ ادب خود مالا مال آهي ۽ ڀٽائي، سچل

۽ ساميءَ جيڪو ذخيرو ڇڏيو آهي، سو ڪڏهن بہ نہ ڪٽڻو آهي. ۽ فقط اهو ئي اسان لاءِ فخر جو باعث آهي. هڪ طرف فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جي تتبع ۽ انڌي تقليد سنڌي شاعريءَ ۾ جمود پيدا ڪيو ۽ ٻئي طرف اسان جي ڪافي، بيت ۽ ڏوهيڙي ۾ بہ نئين جذبي ۽ جدت جي نمايان ڪمي نظر آئي.(6)

دراصل سنڌي غزل جو مزاج بدلجي ويو آهي، ۽ ان ۾ فارسي ۽ اردو غزل جي فارم کان سواءِ ڪائي مشابهت نہ رهي آهي. نہ تشبيهون ساڳيون، نہ استعارا، نہ اساطير (ڏندڪٿائون)، نہ روايتون، نہ بندشون، نہ ڪنايا، نہ اشارا-مطلب تہ ڪجھ بہ ساڳيو نہ آهي، ۽ هجڻ بہ نہ گهرجي....(1)

اڳي سنڌي شاعريءَ ۾ ’نانءُ وڏو ديھ ويران‘ وارو معاملو هو. دائودپوٽي ۽ ميران محمد شاهہ جو ادلو گدلو ۽ ٿُو ٿُو غزل هوندو هو. تہ ان کي اسان جي نصاب ۾ اسان تي مڙهي ڇڏيندا هئا. جيڪي نامر ڪنيا شاعر هئا، انهن جي ڪليات ڳولهي ڦولهي ڏسندا هئاسين تہ هڪ اڌ سِٽ پڙهڻ جهڙي مشڪل سان ملندي هئي. مثال طور مون مصري شاهہ جي ڪليات ساري اٿلائي پٿلائي هئي، پر مصريءَ جي تڙ جهڙي سِٽ رڳو هڪ هئي:

ماءُ ڏٺي مون مات مڙهين ۾،
جوڳي جيڪس ويا جبروت!

يا مفتون همايونيءَ جي سڄي ديوان ۾ سِٽ رڳو هڪ پڙهڻ جهڙي هئي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نہ رڳو.

جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ مان ٻنائيءَ جي شاعري ڪڍي وجي تہ اُن جو سارو سرمايو هڪ واهٽي واٿهڙوءَ جي هڙ جيترو مس ٿيندو جنهن ۾ اڳڙين ٽڳڙين کان سواءِ ڪجھ نہ هوندو..(2)

## گيڙو ويس غزل

سنڌي غزل جو لهجو بدلجي چڪو آهي. فقط گهاڙيٽو غزل جو آهي. ان ۾ فارسي يا اردو غزل جو نالو نشان نہ آهي. سنڌ پنهنجي شاهراهہ ڳولهي چڪي آهي، جنهن ۾ ڪيئي راهون ملي وينديون.

جيتوڻيڪ مون گهڻو ڪري، غزل ۾ تخلص ڪم ڪندو آهي، جيئن اردو ۽ فارسيءَ جي شاعرن ڪم آندو آهي. تخلص جو استعمال شاعر جي نشاندهي تہ ڪري ٿو، پر مون کي ان مان آپي پٽي جي بوءِ ايندي آهي ۽ جي نہ ڪيو وڃي تہ چڱو. ڪجهہ شاعر تہ مطلع کي ئي پنهنجي تخلص سان شروع ڪندا آهن، جو مناسب نہ آهي....(3)

اسان تہ غزل جو مزاج صفا بدلائي ڇڏيو آهي ۽ سنڌي غزل کي فقط فارم غزل جو آهي. باقي اُن جون روايتون، بندشون، تشبيهون، استعارا، اشارا، محاڪات وغيره فارسي غزل ۽ اردو غزل کان مختلف آهن. پر اسان کان اڳ ۾ انهيءَ بہ اردو غزل جي ٽئين درجي جي شاعرن جي ديوانن جو، اسان جي سنڌي شاعرن جي غزل تي اثر آهي. اسان جي غزل گو شاعرن جو مطالعو نهايت محدود هو. هنن اردوءَ جي ٻئي درجي جي شاعرن مصحفي، انشا، مومن، سودا، جرائت، مير درد وغيره مان بہ ڪنهن کي نہ پڙهيو هو ۽ انهن جي پائي جي هڪ سِٽ بہ نہ لکي اٿائون....(4)

مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن مون ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي، تڏهن پنهنجي دوست مرحوم جمال صديقيءَ سان گڏجي، ڪراچيءَ مان ٺٽي هڪ ڪيس هلائڻ ويو هيس. ابراهيم جويو، جو منهنجو ۽ جمال جو دوست هوندو هو، ٺٽي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو. اسان ابراهيم جي گهر رهيا هياسون. اُهي ٺٽي جون بہ راتيون منهنجي زندگيءَ تي اَمٽ ڇاپ ڇڏي ويون. منهنجن شعرن مان اڄ تائين ٺٽي جي رابيل جي خوشبو ايندي آهي ۽ مان جڏهن ڪوئي رابيل جهڙو مُکڙو ڏسندو آهيان تہ ٽڙڪي ويندو آهيان. ٻي ڏينهن تي ابراهيم ٻُڌايو تہ ٺٽي ۾ جمعيت الشعرا جو مشاعرو آهي، جتي واصف، خليل، نظامي وغيره جُغادري غزل گو شاعر آيا آهن ۽ مون اُتي انتظام ڪيو آهي تہ تون جديد شاعريءَ تي تقرير ڪرين. اُنهن ڏينهن ۾ مون

اختر حسين رائيپوريءَ جو ادب ۽ انقلاب، فيض جو نقشِ فريادي، ن — م راشد جو ماورا، جديد اُردو نظم ۽ نثر جا گهڻو ڪري سڀ ڪتاب پڙهيا هُيا ۽ هندستان پاڪستان مان نڪرندڙ سارا رسالا: نقوش، سويرا وغيره نظر مان ڪڍيا ها ۽ ورهاڱي کان پوءِ جو تازو ادب منهنجي اکين اڳيان هو. سو مون جديد ادب تي ٻه ڪلاڪ تقرير ڪئي ۽ اُتي آيل سيني شاعرن کي ٻڌايو ته هنن جهڙا غزل ته لکڻ ۽ دليءَ جو هر شاعر لکي سگهندو آهي ۽ جي غزل اُتي طوائفون ڪوٺن تي ڳائينديون آهن، سي به سندن غزلن کان بهتر هوندا آهن. پوءِ مون کين ٻڌايو ته جديد شاعري ڪيئن آهي. ٽئگور، اقبال، چڪبست وغيره جي شاعري ۾ نظم جي ڪهڙي نوعيت آهي ۽ حسرت، فاني، جگر ۽ اصغر گونڊوي ۽ فراق کان اڳتي وڏي فيض، جوش، ساحر، جذبيءَ، فڪر تونسويءَ وغيره ڪيئن غزل لکيو آهي. ڪجهه نون لکڻين مان يورپ جي ادب مان حوالا به ڏنا ۽ ٽئگور جي شاعريءَ جا حوالا به ڏنا. هو منهنجي عمر ۽ جرئت ڏسي ۽ دونهان دار تقرير ٻڌي وائڙا ٿي ويا ته انهيءَ عمر ۾ مون کي اهڙي گستاخيءَ جي جرئت ڪيئن ٿي هئي، پر پوءِ ابراهيم جويي کي ڏسي چپ ٿي ويا. چو ته ڇڙو ابراهيم هيڊ ماستر ۽ خليل ڊاڪٽر هئا، باقي ڪلارڪ گڏا، ماستر مَڙا هيا، جڏهن ته نظامي سنڌ زميندار هوٽل جو مالڪ هو. هو سُس پُس ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا: "هي ڇوڪرو ڪراچيءَ ۾ وڪيل آهي؟"

ڪيترا سال پوءِ مون کي مولانا گراميءَ ٻڌايو ته هو به ان تقرير وقت موجود هيو ۽ منهنجي تقرير ٻڌي هن پاڻ سان واعدو ڪيو هو ته هو اڳتي شاعري ڇڏي ڏيندو. (ان وقت مولانا گراميءَ سان منهنجي واقفيت نه هئي. منهنجي هن سان پهرين واقفيت سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۾ ٿي، جڏهن محمد ابراهيم جويو اُتي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي آيو.) مولانا مون کي ٻڌايو ته اهي صاحبِ ديوان شاعر جي نٿي ۾ منهنجي تقرير وقت موجود هيا، سي اردوءَ جا ڪجهه ديوان ڪٽي، اُنهن مان قافيا ۽ رديف لکي، پوءِ انهن تي غزل جا شعر لکندا ها. شاعري هنن

لاءِ چؤپڙ جي راند وانگر هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي ته ڳُل ڪان سواءِ سانگيءَ، گدا ڪان ابراهيم خليل ۽ رشيد احمد لاشاريءَ تائين سنڌ جا غزل گو شاعر چار شعر به چڱا چئي نه سگهيا آهن. انهن ۾ مُراد علي ڪاظم نيارو ۽ غير معمولي شاعر هيو پر هن جي شاعريءَ ۾ به فارسي آميزي گهٽي هئي، جيئن منهنجي شروعاتي غزل گوئيءَ ۾ هئي ۽ منهنجن دوستن لعل محمد لعل ۽ نعيم وجدي ۾ ته مون ڪان به گهٽي هئي. اهي پويان به به مراد علي ڪاظم وانگر چڱا شاعر ها. ڪاظم مرحوم عبدالله عبد جي نيڪي ڪندو هو. پر هُن جو ڪلام منهنجيءَ نظر مان نه گذريو آهي.

هڪ ڀيري مُراد علي ڪاظم همايون تعلقي شڪارپور ۾ فشريز کاتي ۾ ڪوئي عملدار ٿي آيو هو ته مان ۽ لعل محمد لعل هن سان ملڻ ويا هياسين. اُتي هن پنهنجا شعر ٻڌايا ها جن مان هڪ ته غزل مان هو، جو مون کي اجا تائين ياد آهي:

غواصيءِ عميق خرد ڪجهه نه ٿي سگهي،
هي ڪوڏ مون ڳنا ڪيا ساحل جي آسپاس. (7)

هفتو ٿيو ته پنڊيءَ مان هتي پهتس. پنڊيءَ مان ڪوئي دوست يا واقف نه مليو. سواءِ چند اردو شاعرن جي، جن مان ڪي ”رائٽرس گلڊ“ جا ميمبر هئا ۽ منهنجي نالي کان اڳ ئي واقف هئا. هي سيروس سئنيما جي لڳ هڪ ڪيفي ۾، ”اُردو شاعريءَ ۾ محبوب جو تصور“ جهڙي پراڻي ۽ بي معنيٰ موضوع تي بحث ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪو چئي رهيو هو ته، ”ولي دکنيءَ جي غزل ۾ محبوب ڪٿي مذڪر آهي، ڪٿي مؤنث.“ ڪنهن چيو ٿي ته، ”مير تقيءَ جي غزل ۾ بارها محبوب کي مذڪر ڪري مخاطب ڪيو ويو آهي،“ ۽ ڪنهن چيو ٿي ته، ”پهريون دفعو اختر شيرانيءَ محبوب کي مؤنث ڪري، سلميٰ، عذرا وغيره جي نالن سان مخاطب ڪيو آهي.“ انهن مان جو زياده ذهين ٿي لڳو تنهن مُرڪي چيو ته، ”پنجاب جي سلميٰ ۽ عذرا،

جا ڪنوينٽ ۾ سِڪيل، ڇٻيل ڇِٽيل لهجي ۾ انگريزي ڳالهائي ٿي ۽ پرس مان لِپ اسٽڪ ڪڍي، پنهنجن چپن کي لائيندي، فقط شورليٽ ۽ فورڊ جي نئين ماڊل ۽ ڪم نووڪ (آمريڪن ائڪٽريس جو نالو) جي نئينءَ فلم تي بحث ڪري ٿي، سا ايتري ته غير شاعرانه آهي جو اردو شاعرن کي وري محبوب کي مذڪر ڪري مخاطب ڪرڻو پوندو.“ اِن تي هو سڀ کلڻ لڳا. پر انهن مان هڪڙي، جنهن جو جدت پسنديءَ جو شوق هن جي اخبار جي ٽُڪرن جي ڇاپي واريءَ قميص مان ظاهر هو، مٿئين ذهين شاعر کان پڇيو ته. ”منهنجو مقصد فقط اهو آهي ته جنهن عورت ۾ تعليم ۽ آزاديءَ جي باوجود مشرقيت نه آهي، اها اسان لاءِ غير شاعرانه آهي. جنهن عورت کي حُسن سان حيا نه آهي، جنهن کي ’سهڻيءَ‘ جو ڪردار نه آهي، سا ڪنهن به شاعر جي محبوبه نه ٿي سگهندي.“ اِئين چئي، هن مون ڏانهن منهن ڦيرائي، تائيد جي اُميد سان ڏٺو. آءٌ هن وقت تائين خاموشيءَ سان هنن جو بحث ٻُڌي رهيو هوس ۽ دل ۾ آيم ته هن کي ”شوپنهار“ جو مقولو ٻڌايان ته، ”هر انسان هڪ نگاهه جو مستحق ته آهي، پر هر انسان هڪ جواب جو مستحق نه آهي.“ پر، اُردو شاعر ڪٿي ٿو ڪنهن کي خاموش رهڻ ڏئي! مجبوراً مون چيو ته، ”مون کي فقط اوهان جي مثال سان اتفاق نه آهي. سهڻيءَ جو ڪردار ڪنهن آدرشي عورت جو ڪردار ته نه آهي. اوهين ٻُلي ٿا وچو ته هوءَ مڙس کي ننڊ ۾ ڏسي، راتو واهه درياءُ پار ڪري، يار ڏي ويندي هئي.“ هن ڪجهه مُنهن گهنجائي مون کان پڇيو. ”اوهان جي ادب ۾ ڪوئي اُن کان بهتر ڪردار آهي!“ مون جواب ڏنو ”ها، آهي. مارئي! جنهن جو ڪردار شاهه لطيف سُر مارئيءَ ۾ چِٽيو آهي. هوءَ ڪوٽ ۾ قابو هئي، جتي هن کي طرحين طرحين لالچون ڏنيون ويون، ته به عمر سان ياري نه رکيائين ۽ مُڙس لاءِ ماندي رهي.“

اخبار جي ٽُڪرن جي ڇاپي واريءَ قميص سان شاعر ٺهڪ ڏيئي، ”حافظ“ جي سِٽ پڙهي:

”به خالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را.“

**گيڙو ويس غزل**

مون مُرڪي چيو "شاعر صاحب! هاڻي سمرقند ۽ بخارا اشتراڪي روس ۾ آهن. ڏسجو انهن جي بخشش ڪوئي بين الاقوامي مسئلو نہ پيدا ڪري ڇڏي! روس پنهنجي سرزمين سان ڪنهن جي بہ دست اندازي نٿو سَهِي سگهي." جڏهن هوٽل ڏانهن موٽيس ٿي، تہ رستي تي ياد آيم تہ پراڻي سڪر جي هڪ شيعي شاعر مون کي چيو هو تہ "هن سُنين جي اڪثريت واري ملڪ ۾ مارئيءَ جو ڪردار هڪ شيعي جو ڪردار آهي، جنهن کي سدائين عمر لاءِ نفرت آهي!" هر انسان آرٽ کي پنهنجي پنهنجي نظريي جي رنگين شيشي مان ڏسي، اُن جي تشريح ڪري ٿو.(8)

مون کي سنڌيءَ جي نوجوان اديبن لاءِ اها شڪايت آهي تہ هو مطالعو بلڪل نٿا ڪن. اهو دؤر ختم ٿي ويو جڏهن "ناسخ" ۽ "اِنشا" جا چار غزل پڙهي، اسان جا شاعر انهن جي قافين ۽ رديفن تي طبع آزمائي ڪندا هئا ۽ اُردو زبان جون ورهين ڪان لتاڙيل ترڪيبون، تمثيلون ۽ تشبيهون هنن جي سڄي ادبي دنيا هوندي هئي. منهنجي ادب جي ابتدا انهيءَ دقيانوسي قسم جي شاعريءَ ۽ ادب سان بغاوت سان ٿي هئي. مون کي اهو ڏسي تعجب ٿو اچي تہ انهيءَ دؤر جي ختم ٿيڻ بعد، اسان جا اديب انهن جديد اُردو شاعرن جي محاورن ۽ خيالن جي تقليد ڪري رهيا آهن، جي شاعر اُردو زبان جي تاريخ ۾ "ناسخ" ۽ "اِنشا" جي پايي تي بہ نہ پهچي سگهندا. مون اُردوءَ ۾ هزارين شعر لکيا آهن. اگرچہ ان ۾ منهنجو زياده تر مقصد اهو آهي تہ سنڌ جي عظيم ادبي شخصيتن جا منظوم ترجما ڪري، انهن کي پاڪستان ۽ هندستان جي ادب سان روشناس ڪرايان، ۽ توکي خبر آهي تہ انهن ترجمن اردو ادب ۾ ڪيتري مقبوليت حاصل ڪئي آهي، پر مان يقين سان چوان ٿو تہ اردو زبان هڪ تخريبي دؤر جي زبان آهي ۽ اُن ۾ اُها وسعت ۽ صلاحيت نہ آهي، جا سنڌي زبان ۾ آهي. اردوءَ جا زياده تر اديب بلڪل سطحي انشاپرداز آهن، جن جو علمي استعداد بلڪل محدود آهي. انهن ۾ نہ خيالات جي انفراديت آهي ۽ نہ زبان جو حُسن. خصوصاً اردو جا افسانہ نويس فقط لفاظيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڄاڻن، ۽ سنڌن دنيا جي ادب جو مطالعو

بيحد محدود ۽ انساني فطرت جي ڄاڻ بنهه گهٽ آهي. اردو ادب جي تقليد سنڌي اديبن جي ذهني ارتقا لاءِ مهلڪ ثابت ٿيندي.

جيستائين اسان جا اديب خصوصاً يورپ ۽ آمريڪا جي جديد ۽ قديم ادب جو مطالعو نه ڪندا، تيستائين هنن کي چڱي ۽ بُري ادب جي صحيح پرک نه پوندي. منهنجو مطلب اهو نه آهي ته اردو ادب جي تقليد ڇڏي، مغربي ادب جي تقليد ڪئي وڃي. مان هر تقليد جي خلاف آهيان. هر چڱي ادب ۾ اديب ۽ اُن جي قوم ۽ زبان جي انفراديت ۽ اصليت آهي. جيستائين ڪنهن سنڌي اديب گهٽ ۾ گهٽ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جو گهرو مطالعو نه ڪيو آهي ۽ هو پنهنجي تاريخ، روايات ۽ ماحول جو چڱيءَ طرح واقف نه آهي، تيستائين هو سنڌي زبان ۾ چڱو ادب پيدا نٿو ڪري سگهي. (9)

اردو مشاعرو اها جاءِ آهي، جتي تحسين ۽ تضحيڪ ۾ فرق ڳولڻ مشڪل آهي، جتي روح جي لات مان جُڙيل سِتون ڪوڏين جي ملهه وڪامنديون آهن، جتي ساده مزاج شاعر هر جُڙتو ساراهه تي ٿڳجي ويندا آهن! اهي بهادر شاهه ’ظفر‘ ۽ نواب واجد عليءَ جا زمانا ويا، جڏهن محفلن ۾ سنجيدگي وسندي هئي، شمع ڦرندي رهندي هئي ۽ ان جي جوت سان انساني ذات ملي، ماحول کي ٻهڪائي ڇڏيندي هئي، پر انهيءَ غالب ۽ ذوق جي زماني ۾ به تخليق جي توهين ئي ٿيندي هئي، هينئر بيهودگيءَ سان ٿيندي آهي، تڏهن سنجيدگيءَ سان ٿيندي هئي؛ هينئر عوام ڪري ٿو تڏهن خواص ڪندا هئا: شاعر ويچارو امر جو بندو، شاهه يا نواب جو تنخواهه دار، فخر سان قصيدي جا بند پڙهندو هو ۽ شهنشاهه ظل الله ڪنڌ ڌوڻي، پنهنجي بحر قافيه ۾ پابند ساراهه تي خوش ٿي، ويچاري شاعر کي نوازيندو هو ۽ شاعر ان ادبي ضمير فروشيءَ تي خوشيءَ ۾ نه ماپندو هو. ادا، مان جڏهن ”غالب“ جهڙي عظيم شاعر جا قصيدا ڏسندو آهيان، ته اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن.

ڪڏهين ڪڏهين هوا بند ٿيڻ سبب مونجهه پئي ٿي. مون فضا جي هانوَ ٻوسات مان نڪرڻ لاءِ نيري آڪاش ڏانهن نهاريو. تارن جي

ڪٿ تي گويا ڪوئي ابدي شاعر ليٽيل هو. جو نُور مان نغما جوڙي رهيو هو. منهنجو جسم اُتي مشاعري ۾ هو. ليڪن منهنجو روح ترنم جي لهرين وانگر ٽڙي پکڙي ويو هو. مون سوچيو تہ مشرق جو عوام فنڪار جي صحيح عزت ڪڏهن ڪندو؟ هاءِ، هي انسان ڪڏهن ڄاڻندا تہ سندن روحاني نجات جا وسيلا فقط ادب ۽ آرٽ آهن؟ اهو وقت ڪڏهن ايندو. جڏهن بيت آيتن کان اڳرا ليکبا؟ پنجن ڇهن سنڌي شاعرن سنڌي ڪلام پڙهيو. جنهن تي غير سنڌي عوام خنده زني ڪئي. انهن مان ڪن جو ڪلام واقعي ڪل جهڙو هو. پر سامعين ان جي معنويت تي نٿي کليا: هو فقط سنڌي زبان جي لهجي ۽ ڪن لفظن جي اُچار تي ٿي کليا. شايد هو سمجهي رهيا هئا تہ سنڌي نااهل آهن. مون کي اها ڪؤنس اُگري لڳي. آءٌ خوش ٿيان ها، جي هو سنڌي ڪلام جي بي معنائيءَ تي کلن ها. ڇو تہ عبدالڪريم ”گدائيءَ“ جي بيتن کان سواءِ ٻيو جو بہ سنڌي ڪلام پڙهيو ويو. تنهن مان اُردوءَ جي پاروٿي شاعريءَ جي بانس ٿي آئي: اهي ئي ساڳيون اردو ۽ فارسي غزل جون جهونيون پراڻيون ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعارا، جي خود اردو ۽ فارسي ادب ”ٿو ڪنا“ ڪري ڦِٽا ڪيا آهن: اهي ئي اوڳاڇيل پارسي لفظ، جي موجوده سنڌي غزل جي جان آهن ۽ جن تي هر سنڌي مشاعري ۾ ’واهہ واهہ‘ ٿيندي آهي! الا، هي شاهہ لطيف جي سرزمين! ان جي ادبي تخليق جا سرچشما سُڪن، اهو ناممڪن آهي! معلوم نہ آهي تہ اسان جا شاعر ڇو پنهنجو ورثو وساري ويٺا آهن! (10)

مون تہ ديوانِ گل، ديوانِ قاسم، ارمغان حامد، ديوانِ فاضل، ڪلياتِ گدا، ديوانِ بُلبل، ڪلياتِ سانگي، ديوانِ واصف، ڪلياتِ عزيز وغيره ننڍي هوندي پڙهي، اُنهن جي ٻولي ۽ روايت پرستيءَ کان بغاوت ڪئي هئي. جڏهن اردو ۾ فيض ۽ ن. م. راشد جا ڪتاب ’نقش فريادي‘ ۽ ’ماورا‘ ڇپيا هئا تہ اهي پنهنجي تازگي ڪٺي آيا ها ۽ منهنجي مٿا ڪوي ٽئگور سان بہ وابستگي گهٽجي وئي هئي. اهو ڏسي مون کي عجب آيو هو تہ هي ڌرتيءَ جو حصو جتي رنگا رنگ پکي پنهنجون ٻوليون ٻولين

ٿا، جن ۾ ڪي پکي ڏيهي آهن ۽ ڪي سائبيريا تائين دور تان اچن ٿا، انهن جو شاعري ۾ ڪو ذڪر نہ آهي. اردو غزل ۾ رڳو ڇهن ستن پکين جا نالا ورتا ويا آهن. مثلاً بلبل، قمري، زاغ و زغن، ڪُلاغ، شاهين، ڪرگس، ڪويل، پپيهو ۽ شايد هڪ ٻہ نالا ٻيا هجن. انهن مان بُلبل تہ ايران ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪويل ۽ پپيهي ڪانسواءِ باقي نالا بہ ايراني ئي آهن. علامہ اقبال بلبل و دراج و سار لفظ ڪتب آندا ۽ تتر ڪي دراج ڪوٺيو آهي. ڪويل ۽ پپيهو لفظ نہ غالب ڪم آندا آهن، نہ علامہ اقبال. ورهاڱي ڪان اڳ ملڪ جي جاگرافيءَ ڏانهن ڪنهن شاعر ڪونہ ڏٺو آهي ۽ شامِ اوڌ ۽ صبح بنارس روايتي طور ڪم آندا اٿائون. دليءَ جي شهرِ آشوب ڪان پوءِ مير تقي مير لکيو هو:

دلی کہ ایک شہر تھا عالم میں انتخاب
ہم رہنے والے ہیں اُسی اُجڑے دیار کے۔

هند جي فارسي شاعريءَ، خسروءَ ۽ غالب ڪانسواءِ پنهنجي ڏر جو ذڪر خير ڪو ڪيو آهي. علي حزين جو هڪ شعر آهي:

از بنارس نہ روم مصبد عام ست این جا
ہر برہمن پسرے لچھمن و رام ست این جا۔

(مان بنارس ان ڪري نٿو ڇڏيان جو هتي عام عبادت گاهہ آهي ۽ هر برهمڻ، ڇڙ لڇمڻ ۽ رام جو پُٽ آهي.)

گنگا، جمنا، برهم پترا ۽ سنڌوءَ وغيره جي ديس ۾ دجلہ ۽ فرات جون ڳالهيون ٿينديون هيون. علامہ اقبال بانگِ درا ۾ هماليہ تي نظم لکي جو پاسو ڦيرايو تہ ايران جي ڪوهِ دماوند تي وڃي نڪتو. بنگال ۾ مون، فقط چمپا جا سترهن قسم ڏٺا ها، پر برصغير ۾ نرگس ۽ گُلِ لالہ سان تشبيهون ڏنيون وينديون هيون، جي گل فقط ايران ۾ ٿيندا ها. جتي سنڌ ۽ راجستان جهڙا صحرا ها، اُتي عرب جي صحراءِ نجد جو ذڪر ڪيو ويندو هو. ديومالائن جي ديس ۾ ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، رستم سُهراب وغيره جا اجنبي قصا دُهرايا ويندا ها. رڳو

هڪ شعر اردو ۾ پنجاب جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکيو ويو هو. تہ اُهو بار بار ڏُهرائيندا هئا. جڻ پنجاب تي ڪو احسان ڪيو هئائون:

سُنایا رات کو قصہ جو ہیر رانجھے کا
تو اہلِ درد کو پنجابیوں نے لوٹ لیا۔

اهو سڀ انهيءَ جي باوجود تہ پنجاب جي شهرن پنجابي ڇڏي اردو اپنائي هئي. اردو شاعريءَ ۾ محبوب کي اختر شيدائيءَ تائين مذڪر لکيو ويو. اختر شيرانيءَ جون عذرائون ۽ ليلائون بہ رت پوڙيون هونديون ۽ اُهي هر نسواني جذبات کان عاري لڳنديون.

اُروشي ۽ شُڪنتلا جي ديس ۾ عورت کي محبوبہ چوڻ معيوب سمجهيو ويو. امرد پرستي (Homo Sexuality) عام هئي ۽ محبوب جو سراپا جڻ پورو مغليہ اسلحہ خانو هوندو هو. تير نظر، خنجرِ ابرُو وغيره سان محبوب ائين شڪار ڪندا ها، جيئن مغليہ شهزادا شڪار ڪندا ها. غالب جو شعر آهي:

تم مجھے بھول گئے ہو تو پتہ بتلادوں
تیری فتراک میں کوئی کبھی نخچیر بھی تھا۔

(تو مون کي وساري ڇڏيو آهي تہ توکي پتو ٻُڌايان ٿو. ڇا تنهنجيءَ خرزين ۾ ڪڏهن ڪوئي شڪار بہ هيو؟)

ساري تهذيب جي عڪاسي ڏاري هئي ۽ ايران، سمرقند، بخارا، افغانستان وغيره تان ورتي وئي هئي. محبوبن جا ڏند مسيءَ سان ڪارا هوندا ها ۽ چپ پان سان ڳاڙها، جڻ هنن ڏاڍن وانگر عاشقن جو خُون پيتو هو. انهيءَ شاعريءَ جو تتبع اسان جي غزل گو شاعرن (گل ڪانسواڻ) ۾ ملي ٿو. سيئي ادبي سلهہ جا مريض هيا، جن هڪ سؤ سال شاعرن کي انهيءَ وبا ۾ وچڙائي رکيو ۽ اجا تائين انهن مان ڪي رت اوڳاڇيندا ٿا وتن. انهيءَ وچ ۾ ڏرتيءَ جا عظيم شاعر، ڀٽائي، سچل ۽ سامي جڻ وسري ويا ها. اڳين غزل گو شاعرن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مصرع سنڌي هوندو هو. جيئن ڪنهن ڪندي جي مُنهن ۾ هڪ اڌ ڏند

رهجي ويندو آهي، نہ تہ اڪثر شاعر ٻُڌا ها ۽ هنن اردوءَ جا پان خور ڏند وجهايا ها. اهڙيءَ شاعريءَ خلاف بيوس پهرين بغاوت ڪئي. آخر ان جي ساري عمارت اچي ڦهڪو ڪيو. اردو شاعري بہ موضوع جي حد تائين بدلجي وئي. ميراجي، فيض، راشد وغيره ان ۾ ڪافي انقلاب آندو پر ٻوليءَ جي لحاظ کان ان جي فارسي آميزي ۾ فرق نہ آيو ۽ ساري جا سارا مصرع فارسي هوندا ها. آرزو لکنوي، عظمت الله، سيد مطلبي فريدآباديءَ، ميراجي، فراق گورکپوريءَ جن ٻوليءَ ۾ ڏيهي لفظ آندا، انهن ۾ ايترو جينيس ڪونہ هو جو زبان جو مزاج بدلائي سگهن. علامہ اقبال جي ٻولي بہ غالب واري آهي، ان ڪري اردو شاعري ۾ اڄ تائين جمود آهي.

سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ ڀرپور انقلاب آيو آهي ۽ ان ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ وقت لڳي ويو آهي. اڄ سنڌ، هڪ ماڪين جي ماناري وانگر آهي، جتي ڪيئي شاعر گُنگنائي رهيا آهن. مون کي ٻارهن تيرهن ورهين جي عمر ۾ فارسي بحر وزن تي مڪمل دسترس هو. پوءِ مون ان ۾ ڪيئي تجربا ڪيا، جي بنهہ سنڌي آهن. مون سنڌ جا ڪلاسيڪي اسلوب بيت ۽ وائي بہ وري جيئاريا آهن ۽ ٻي هر صنفِ سخن تي (سواءِ ترائيل جي) لکيو آهي. (11)

مان پوهوءَ وارن رسالن جا پنا اُٿلائڻ لڳس تہ ايتري ۾ رباني اچي نڪتو. هن سان گڏ نثار ۽ هن جا ٻہ دوست بہ آيا جن مان هڪ ڊاڪٽر هو ۽ ٻيو اردو ادبيات جو پروفيسر. نثار ڪتان اسڪاچ جي بوتل هٿ ڪئي هئي، جا هن وچ تي کولي رکي. پروفيسر اردو غزل تي تحقيق ڪئي هئي ۽ ان تان گهور ٿي ويو. هن چيو تہ، ”غزل ۾ محبوب جو تصور بہ ڦري رهيو آهي. اڳي تہ غزل ۾ محبوب کي ’سبزهء خط‘ بہ هيو

---

اياز ”چنڊ ٻُليون“ جي نالي سان ترائيلن جو ڪتاب لکيو آهي، پر اهو هن تحرير کان بعد جو آهي. (اسحاق).

سبزهء خط – گلن تي وارن جي چٽ.

ڪاڪُل مشڪين – مشڪ جهڙا گهنڊيدار لوٽا. ←

**گيڙو ويس غزل**





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ’ڪالِ مشڪين‘ بہ هئي، هو ’ترڇي ڪُلاهہ‘ بہ پائيندو هو تہ ’شڪار‘ بہ ڪندو هو. هن وٽ ’دشنه‘ ۽ ’خنجر‘ بہ هوندو هو تہ ’تيرِ نگاهہ ۽ ڪمانِ ابرو‘ بہ هوندا ها. هو ’سمند ناز‘ تي سواري بہ ڪندو هو تہ هن جي ’فتراڪ ۾ نخچير‘ بہ هوندو هو. هو قاتل بہ هو ۽ هن جي دامن تي خون جا داغ بہ هئا. هن جي ڪوچي ۾ ڪيئي عاشق ڪُسي ويا ها. مطلب تہ نواب يا شهزادو جنهن جو هر غزل گو شاعر وظيفي خوار هو. اُن جون سڀ خوبيون/ خاميون غزل جي محبوب ۾ هيون ۽ وظيفي جي ڪمي بيشيءَ تي جنهن حسد جو اظهار شاعر هڪٻئي سان دربار ۾ ڪندا ها، شاعريءَ ۾ اُن جو اظهار رقيب رُوسياهہ جي منهن ۾ چِٽائي وجهي ڪندا هئا. غزل ۾ عاشق جو گريبان چاڪ، وار پريشان، چشم نم ۽ دل بيمار هوندي هئي. هو دربان جون جتيون بہ چنبڙيندو هو، رقيب جا موچڙا بہ کائيندو هو ۽ سارو وقت حسد جي آگ ۾ جلندو پچرندو بہ هيو. ڪنهن وقت هو مجنونءَ وانگر سُڪي ڪاٺ ٿي ويندو هو تہ ڪنهن وقت فرهاد وانگر مٿي ۾ ڪهاڙو هڻي خودڪشي ڪندو هو. جڏهن هو هجر ۾ ٻري ڪک ٿي ويندو هو، تڏهن هن جو محبوب هن جي رقيب جي پهلوءَ مان نڪري، هن جي عيادت لاءِ ايندو هو ۽ هن کي ڏسي، ويچاري عاشق کي آخري هڏڪي ايندي هئي ۽ جڏهن هو مري ويندو هو تہ هن جي لاش کي ڪفن بہ ڪونہ ملندو هو. ها، ڪڏهن ڪڏهن هن خستہ جان جنازي تي ڪوئي روئيندو هو ۽ ڪڏهن هن جو سنگدل محبوب هن جي مزار تي فاتحہ خوانيءَ لاءِ ايندو هو، ۽ محشر جي ڏينهن ويچارو عاشق اهڙي تہ آهہ و فغان ڪندو هو، جو هر ڪوئي پڇندو هو تہ هي داد خواهہ ڪير آهي.“

---

→ دشتہ – هٿيار جو نالو.
’سمند ناز‘ نخريلو گهوڙو.
فتراڪ – گهوڙي تي لڙڪندڙ ٻوٿري.
نخچير – ماريل شڪار.
رقيب رو سياهہ – ڪار مُنهون رقيب.

مون پروفيسر صاحب کي چيو تہ: ”اسان وٽ بہ سانگيءَ ۾ گدا کان وٺي جميعت الشعرا جي لڏي تائين ساڳيءَ لڪير جا فقير هيا. هڪ ڀيري حيدرآباد جو هڪ نامي گرامي شاعر منهنجي آفيس تي آيو هو ۽ هن منهنجي فرمائش تي غزل پڙهيا ها تہ اُهي مون کي اِنشا ۽ ناسخ جي اُلٽيءَ وانگر لڳا ها.“ ان تي پروفيسر صاحب چيو تہ: ”حسرت موهانيءَ جي غزل ۾ محبوب جو تصور بلڪل مختلف آهي.“ مون اُن تي چيو ”حسرت موهاني بہ ڪنهن رويا سان عشق ۾ آهي. فيض ۾ عورت جي گرم و گداز جسم سان عشق ملي ٿو پر جيستائين عشق و محبت جو تعلق آهي، مون کي هندي شاعري اردو شاعريءَ کان هزار ڀيرا وڌيڪ وڻندي آهي. ها، اردو غزل جو فلسفيانہ پهلو ٻي ڳالهہ آهي. مون کي اصغر گونڊويءَ جي شاعري وڻندي آهي. غالب ۾ بہ ڪي شعر تہ اهڙا آهن جو اُهي پڙهي مون کي خاطري ٿي وئي هئي تہ شاعر پيغمبر ٿيندا آهن ۽ انهن جي دور رس نگاهہ پنهنجي دؤر کان سؤ سال اڳتي ڏسي سگهندي آهي.“ مثال طور مون هن کي غالب جا ڪجهہ شعر ٻڌايا.

مری تعمیر میں مضمر ہے اک صورت خرابی کی
ہیولا برقِ خرمن کا ہے خونِ گرم دہقاں کا

دیوار بارِ منتِ مزدور سے ہے خم
اے خانماں خراب نہ احسان اُٹھائیے

کوہ کن گرسنہ مزدور طرب گاہِ رقیب
بے ستون آئینۂ خوابِ گرانِ شیریں

اهي شعر ٻڌي پروفيسر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ: ”اوهان تہ اردو شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. مون تہ ٻڌو هو تہ اوهان کي اردو شاعريءَ سان چڙ آهي.“(12)

## گيڙو ويس غزل

پنجابيءَ جو عظيم شاعر ماڌولال حسين هڪ مجلس ۾ ويٺو هو. اتي هڪ شخص ديوانِ حافظ کوليو. ماڌولال حسين هُن کان پڇيو: ”هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟“ ۽ پوءِ ديوانِ حافظ جا پنا اُٿلايائين تہ حافظ جي هيٺين شعر تي نظر پيس:

چشمہ چشم مرا اے بُتِ خنداں دریاب
بر اُمیدِ تو بخوش آبِ روانے دارد۔

(اي کلندڙ پيارا! منهنجي اکين جي چشمي کي دريافت ڪر، جو تنهنجي آس ۾ وهي رهيو آهي.)

ماڌو لال حسين، ديوانِ حافظ ڦٽي ڪري چيو: ”هن حافظ جي عمر تہ پوڙهين رنن وانگي روئيندي گذري آهي.“ ائين ئي اڳئين اردو ۽ سنڌي غزل تي نظر وجهبي تہ اڪثر شاعر روئنا نظر ايندا ۽ اقبال جي شاعريءَ کان اڳ گهٽو ڪري نہ رڳو اردو شاعري قنوطيت سان پري پئي آهي، پر ابراهيم خليل تائين سنڌي شاعري بہ ائين لڪير جي فقير رهي آهي ۽ ان مان ڻاهہ ڻاهہ ڳوڙها ڳڙندا نظر اچن ٿا. ڳُل جا ڪجهہ غزل ۽ سانگيءَ جون ڪجهہ سٽون اُن مان ڪڍي ڇڏجن تہ ساري غزليہ شاعري 'سرن درياهہ' ڪرڻ جهڙي آهي.

دراصل غزل ڏاريءَ زمين تي اُسريو هو، جو امير خسروءَ واري زماني ۾ هندستان جي ڌرتيءَ اپنايو هو. خسرو جي غزل ۾ جا پنهنجپائي هئي، سا اسان کي آرزو لکنويءَ جي غزل ۾ ملي ٿي. انهن جي وچ ۾ پارسي غزل جو چريو هو. غالب جهڙي مفڪر شاعر بہ چيو:

فارسی بین تابہ بینی، نقشہائے رنگ رنگ،
مجمعِ اُردو چہ بینی، ان کہ نے رنگ من ست۔

(فارسي ڏس تہ توکي منهنجا رنگ رنگ نقشَ نظر اچن، منهنجو اردوءَ جو مجموعو ڇو ٿو ڏسين، اُهو تہ بي رنگ آهي!)

**گيڙو ويس غزل**

خسروءَ جون هي سٽون:

سکھی پیا کو جو میں نہ دیکھوں،
تو کیسے کاٹوں اندھیری رَتیاں؟

یا

وہ صورتیں الاہی کس ملک بستیاں ہیں
اب جن کے دیکھنے کو آنکھیں ترستیاں ہیں

خسروءَ جهڙي شاعري، اردوءَ ۾ اجا تائين ڪوئي نہ ڪري سگهيو آهي. اردو ۽ سنڌي غزل، ٻنهي ۾ فارسي غزل جون روايتون، تشبيهون، استعارا وغيره بي دريغ استعمال ڪيا ويا آهن. ايتري قدر جو غزل پڙهي دل گائون مائون ٿيڻ لڳي ٿي. (13)

## حوالا


(1) ساهيوال جيل جي ڊائري، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1986ع، ص. 6_205

(2) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان (مرتب: مظفر چانڊيو) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1992ع، ص. 50

(3) خط، انٽرويو، تقريرون (1)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع، ص. 172 ۽ 231

(4) پن ڇڻ پڇاڙان، سمبارا پبليڪيشن، ڪراچي، 1985، ص.

(5) ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع، ص. 122

(6) خط، انٽرويو، تقريرون (1)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1987ع، ص. 222

(7) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1992ع.

(1) ساڳيو ص. 127

(2) ساڳيو ص. 132

(3) ساڳيو ص. 138

(4) ساڳيو ص. 137

(5) ساڳيو ص. 31، 30، 29

(8) جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، 1963ع، ص. 39_38


### گيڙو ويس غزل

(9) جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، 1963ع، ص. 61_60

(10) جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، 1963ع، ص. 152، 151، 150

(11) خط، انٽرويو تقريرون (1)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1991ع، ص. 138 کان 141 تائين.

(12) ساهيوال جيل جي ڊائري، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1986ع، ص. 102 کان 104 تائين

(13) خط، انٽرويو تقريرون (1)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1991ع، ص. 32_231

**مهاڳ**

# هيءَ ڪوِتا نہ هئي
# ڪا نئين مَت هئي

**( اياز جو غزل )**

سنڌي غزل کي شيخ اياز تائين پهچندي پهچندي پوٽيون ٻہ صديون لڳيون آهن. نور محمد خستہ (1771ع) کان شيخ اياز (1923ع) تائين، سنڌي غزل جو سفر سنڌ جي رستي تي، هڪ اوپري شخص جو سفر آهي. پنهنجيءَ هلت، لوڏ، انداز، لباس توڙي وک جي کٽت ۾ ئي اوپرو ۽ اجنبي. اڪثر شاعرن ان ئي اوپري چال جي اهل ڪرڻ ۾ عمر گذاري ڇڏي هئي. سندن حياتي اهڙي ڏاريءَ روايت جي ڏنڌ کي هوا ڏيندي هوا ٿي وئي. جنهن سنڌي شعر جو پنهنجو سڀاجهو ۽ روشن چهرو لٽي ڇڏيو هيو. اياز ان ڏنڌ ۾ سج جو اُهاءُ ٿي اُڀريو. هُن جو شعر نئن جي تک ۽ طوفان جي زور جيان آيو ۽ نہ فقط پاڻ کان اڳ وارين سمورين ادبي روايتن کي اُڏائي ڪٽي ويو، پر همعصر دؤر کي بہ ايترو متاثر ڪيائين، جيترو شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام پنهنجي دؤر کي متاثر ڪيو هجي. اهو ئي سبب آهي جو اياز کان بعد واري اڪثريتي سنڌي شاعري اياز جي ئي سڏ جو پڙاڏو محسوس ٿئي ٿي. هن پنهنجي پهرئين مجموعي ۾ چيو هو:

ڪوئي شاعر اجا تہ جانِ اياز
ناهہ تنهنجي غلام کان بهتر.

هُن جي اها دعويٰ تڏهن بہ سچي هئي، اڄ بہ سچي آهي ۽ ايندڙ ڪيئي

**گيڙوويس غزل**

دؤرن تائين تہ وقت بہ سندس ڪيل دعويٰ کي چئلينج ڪري نہ سگھندو.

جڏھن اياز سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيو تڏھن خاص ڪري سنڌي غزل جي پيرن ۾ روايتن جا زنجير پيل ھئا ۽ اھي ڪٽ چڙھيل ڳرا زنجير ڳِھلي ڳِھلي، سنڌي شعر جا پير زخمي ٿي چڪا ھئا. لاڙڪاڻو، ھالا، سکر، حيدرآباد، ڪراچي، دادو، ٽنڊو محمد خان، جيڪب آباد ۽ ٻين شھرن ۾ انجمن شعراءَ، بزم ادب، جميعت الشعراء، بزم مشاعره، بزم ناز ۽ بزم خليل جھڙيون تنظيمون مشاعري بازيءَ وسيلي روايت جي ان ڏارئي گلشن کي آباد ڪيو ويٺيون ھيون. اھي مشاعره جيڪي روايت جي ان گلشن لاءِ پاڻيءَ جو ڪم ڪري رھيا ھئا، سي فارسي زده فرسوده روايتن جي آماجگاھ ھيا، جتي تاج الشعرائن ۽ استاد الشعرائن جا شاگرد پنھنجن فارسي ابن ڏاڏن جي روح کي ايصال ثواب پھچائي رھيا ھئا. اھي شاعريءَ جون محفلون خود شاعريءَ سان مذاق ٿي لڳيون. جتي بقول اياز جي: اردو ۽ فارسي شاعرن جي ديوانن مان قافيہ چونڊي، شعر گوئي جي رسم ادا ٿي ڪئي وئي. انھن مشاعرن ۾ محبوب جي سروقد، مشڪ بُو زلفن، قاتل مزگان و ابرو، چشم ميگون جي مدح سرائي ۾ زمين آسمان ھڪ ڪيا پئي ويا. سنڌيءَ جو عام سادو سودو، سچو ۽ محجوب عاشق بہ ڪڏھن تصوراتي ليليٰ جو مجنون بڻجي صحراءِ عرب جي خاڪ پيو ڇاڻي، تہ ڪڏھن فرھاد بڻجي شيرين لاءِ خيالي ٽڪر پيو ٽاڪي. غزل جي شاعري بازاري شاعريءَ ۾ بدلجي چڪي ھئي. خليفي گل ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ جون سموريون ڪوششون ۽ محنتون ضايع ٿي رھيون ھيون ۽ سنڌي غزل جا پنھنجا اصل ۽ نجا خدوخال روايت جي ڏوڙ ھيٺ لتجي چڪا ھئا. ڪڏھن ڪڏھن سنڌيءَ جي پھرئين مڪمل ۽ روشن خيال رسالي ”سنڌوءَ“ ۾ ھري دلگير يا فانيءَ جو ڪو نئون غزل پنھنجي سھڻي صورت پسائي ۽ تجلو ڏيئي گم ٿي ويندو ھيو يا ڪنھن روايتي غزل ۾ ڪو شعر يا ڪا مصرع پڙھندڙ جو ڌيان ڪجھ دير لاءِ ڇڪائي وٺندي ھئي، تہ سنڌيءَ ۾ غزل لاءِ جڻ تہ جواز نھي پوندو ھو. نہ تہ الا الا، خير صلا.

مشاعرن ۾ تہ شاعريءَ جي مٽي پليت ڪئي پئي وئي. پٽيل، گنل

گيڙو ويس غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چسين طرحن تي طبع آزمائي سبب غزل جو روح مجروح ٿيندو پئي رهيو تہ ٻئي طرف ان شاعريءَ جا موضوع بہ زندگي ۽ سماج کان لاتعلق هيا. ’سنڌو‘ رسالي ۾ اهڙن شاعرن جون منظوم جنگيون، جاهلي دؤر ۾ عربن جي جنگين جهڙيون ئي هيون. جيڪي هڪ گهوڙيءَ لاءِ چاليهہ چاليهہ سال هڪ ٻئي سان وڙهندا هئا. لطف الله جوڳي ڪتي جي وفاداريءَ تي نظم لکيو تہ قادر بخش حقير ان کي ڪڙم جو ويري ثابت ڪيو. اها ”نظرياتي ويڙهہ“ وڏو عرصو هلي. رشيد لاشاريءَ جهڙو شاعر بہ قديم عربي شاعرن وانگي طنزيہ ۽ هجويہ شعر لکي، ماڻهو کلائيندو هيو. عشقيہ شاعريءَ جي تہ ٻولي بہ لنڊي ۾ وڪرو ٿيندڙ ڪپڙن وانگر بي رنگ ۽ فرسوده هئي. تشبيهون ۽ استعارا قِتل ڪير وانگر وات جو ذائقو خراب ڪري رهيا هئا، جي ٻڌي روح ڪتو ٿي پيو هو. ڪي مخصوص بحر تہ هر شاعر جي آنڌي تي چڙهيل هئا، جن تي نئين کان نئون شاعر بہ آسانيءَ سان في البديهہ شعر لکي ٿي سگهيو. غزل گوئي هڪڙي ٻاراٽي راند هئي. شاعرن جو سڄو زور بحر وزن ۽ قافيي رديف تي هيو. فارسي ترڪيبن جي حد کان وڌيڪ استعمال کي ئي فن جو ڪمال ۽ وڏي ڪاريگري تصور ڪيو ٿي ويو. خاص طور رديف تہ اهڙا هئا، جن ۾ ڪنهن وڏي خيال جو ظاهر ٿيڻ يا شعري جماليات ۽ رَس جو پيدا ٿيڻ ممڪن ئي نہ هيو. رديف شعر جي پير جو ناسور بڻجي چڪو هيو. جنهن ڪيس معذور بڻائي رکيو هيو. اياز کان اڳ واري غزل جي هڪ جهلڪ هنن شعرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي، جيڪي ان دؤر جي نهايت ئي مقبول ۽ قادرالڪلام شاعرن جي ”عرق ريزيءَ“ جو نتيجو آهي.

عاشقن جي جنگ تي معشوق يڪسان صف بہ صف،
سينگ ابرو ڪيو هئن ٿا تير مزگان صف بہ صف.
*(امام بخش شاهہ فدوي)*

سڙي، ڪامي، پَچي ٿي آتشِ فرقت ۾ جانان جي،

**گيڙو ويس غزل**

دل پُرداغ سبقت ٿي رکي، سروِ چرغان تي.
(گدا)

منهنجي چشمن کي ڏسي، اڄ اشڪبار و اشڪ ريز،
ساري عالم کي نہ هرگز ابرِ نيسان ٿيو پسند.
(مخلص)

هر طرف ٿيو بهار جو هُل هُل،
باغ ۾ راغ ٿي پيا گل گل.
(قليچ)

سانگيءَ جهڙي نهايت ئي اهم غزل گو شاعر جنهن خليفي گل کان پوءِ صحيح معنيٰ ۾ سنڌي غزل کي نئين زندگي عطا ڪئي ۽ ان سبب ئي ڊاڪٽر اياز قادريءَ 1881ع کان 1925ع تائين (لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جي عرصي کي غزل جي حوالي سان) ”سانگيءَ جو دؤر“ ٿو سڏي، سو بہ هن قسم جا شعر لکي رهيو هو:

دل تہ صد پاره آهي شانہ صِفت،
زلف جي تار تار سان گستاخ.

❊

خالي رخ دلدار جو بوگير آءُ آهيان،
ٿي مور نہ مون کي وٽي بُو مشڪ ختن جي.

اهڙي لاڳيتي شعري پريڪٽس هڪ مئل، غير متحرڪ، بي رس ۽ غير جمالياتي شعري فضا کي جنم ڏنو. ان قسم جي شاعري جيڪا خود اياز جا بہ ڪيئي همعصر ڪري رهيا هئا. تنهن کي ذهن ۾ رکي اياز ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۾ لکيو:

وڏوا جو مڙهہ آهہ ادب،

**گيڙو ويس غزل**

اڄ ڪلهه سنڌي ٻوليءَ جو.

پر خود اياز ان وڏوا جي مڙهه ۾ روح ڦوڪيو ان جي وارثي ڪئي، ان جا ڳوڙها اگهيا. ان کي پنهنجو ثقافتي لباس پارايو ۽ پنهنجي ڪوتا کي ڪجل ٻڌائي، ان جي اکين ۾ پاتو ۽ چيو:

ٻهڳڻ ٻولي تنهنجي لاءِ،
منهنجي ڪوتا آهه ڪجل!

هو پاڻ کان اڳ وارن غزل گو شاعرن لاءِ چڱي راءِ نہ رکندو هيو. ان ڪري ئي هڪ هنڌ هن لکيو: ”گل جا ڪجهه غزل ۽ سانگيءَ جون ڪجهه سٽون ان مان ڪڍي ڇڏجن تہ ساري غزليہ شاعري ’سَرن درياهہ‘ ڪرڻ جهڙي آهي.“ جيتوڻيڪ اها راءِ گهڻي سخت ۽ جذبات تي ٻڌل آهي، پر پوءِ بہ ڪانئس اڳ واري اڪثريتي شاعري لاءِ سندس اهڙي راءِ ڪا گهڻي غلط بہ نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجي غزل جو رشتو روايت پرستن بجاءِ سنڌيءَ جي پهرئين صاحبِ ديوان ۽ صحيح معنيٰ ۾ پهرئين سنڌي غزل گو شاعر خليفي گل محمد گل هالائيءَ (1784ع — 1856ع) جي روايت سان ڳنڍيو. جنهن ڏاري روايت کي ٺڪرائي، ٺيٺ سنڌي لفظ ڪم آندا ۽ سنڌ جي ڳوناٽي زندگيءَ مان مواد ۽ موضوع چونڊيا. سندس هي غزل تہ پنهنجي ٻوليءَ، اُٺت، احساسن ۽ انداز ۾ هڪ شاهڪار جو درجو رکي ٿو.

آيو اڄ يار گهر پيهي، ويا ڏکڙا وريا سکڙا.
مليو پرڏيهہ ۾ ڏيهي، ويا ڏکڙا وريا سکڙا.

مليو محبوب متوالو ويو ڏک ڏرت هڪ — تالو.
پڳي دلدار دل، پيهي، ويا ڏکڙا وريا سکڙا.

ڪليو اڄ باغ گل رنگي، هزارو هيج مان زنگي،

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نباهيو نينهن نر نيهي، ويا ڏڪڙا وريا سگهڙا.

جيتوڻيڪ اياز جو پهريون شعري مجموعو ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ (1962ع) فارسي آميزي جي ان ساڳيءَ روايت جو تسلسل آهي ۽ ساڳئي مجموعي جي ابتدا ۾ هن زيرِ اضافت، همزه اضافت، واو عطفي ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جي محدود استعمال کي به جائز قرار ڏنو آهي، پر ساڳئي مجموعي ۾ هُو لکي ٿو: ”غزل جي فارسي ۽ اردو روايات کان ڪڏهن ڪڏهن هٽي، مون ان کي سنڌي روايات ۾ رڱيو آهي.“ ڀؤنر ڀري آڪاس ۾ اهڙا ڪجهه غزل ۽ ڪيترائي شعر آهن، جيڪي اڳتي هلي اياز جي انفرادي غزل رنگ جو پيش خيمو ثابت ٿيا. هن مجموعي جي 66 غزلن مان اڪثريتي غزلن ۾ فارسي غزل واري ”رنگ و بُو“ ئي نظر اچي ٿي. جن ۾ روايتي تغزل به آهي، ته بار بار ورجايل ترڪيبون ۽ تشبيهون پڻ، پر انهن ۾ جذبي جي اُڇل ۽ شدت توڙي لهجي جي تکائي ۽ ڪاٽ ساڳي ئي آهي، جيڪا اياز جي باقي شاعريءَ ۾ ملي ٿي. هُو روايت ۾ به غير روايتي رستي تي هليو هيو. پر پوءِ به ڪيس پنهنجو اهو سفر پسند نه آيو ۽ هن جلد ئي پنهنجو اهو رنگ ترڪ ڪيو. هن فارسي زده ٻوليءَ کان هٽ ٻڌي موڪلايو ۽ پنهنجي غزل جو رشتو پنهنجي لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شعري روايتن سان ڳنڍيو. هن غزل جي روايتي شاعرانه موضوعن، مجازي عشق جي گهڙيل وارداتن، محبوب جي لب و رخسار جي هيبتناڪ منظر نگاريءَ کي سنڌي غزل مان تڙي ڪڍيو ۽ نه فقط عشقيه مضمونن بلڪ غزل جي باقي روايتي موضوعن مذهب، تصوف، اخلاقي ۽ ناصحانه ڳالهين کان پڻ بيزاري ظاهر ڪندي، ان ۾ ٻوليءَ کان وٺي خيالن، ڪردارن، موسمن ۽ قصن تائين مقامي رنگ ڀريو. جنهن کي اڳتي هلي هن پاڻ ئي ”گيڙو ويس غزل“ سڏيو ۽ آخرڪار اهو رنگ ئي هن جي غزل جو غالب رنگ ۽ خاص سڃاڻپ بڻجي سامهون آيو.

فڪري پس منظر کي ڇڏي، فقط رنگ ”گيڙو“ کي ئي ڏسجي ٿو ته

خود ان جي بہ پنھنجي نرالي ۽ گھري معنيٰ آھي. ظاھر آھي تہ ھر رنگ جي ماھيت، معنيٰ ۽ تاثر پنھنجو آھي ۽ اھو ڪنھن خاص ڪيفيت ۽ رويي جي علامت ھوندو آھي. مثال طور اڇو رنگ وقار، امن ۽ پاڪيزگيءَ جي علامت آھي تہ ڳاڙھو رنگ طاقت، محبت ۽ قربانيءَ جي. ساڳيءَ ريت پيلو رنگ، جنھن سان ئي گيڙو رنگ نھي ٿو ۽ جيڪو ڳاڙھي ۽ نيري سان گڏ ٽيون بنيادي رنگ شامل ڪيو ويندو آھي، سو خوشيءَ ۽ گرم جوشيءَ جو اُھڃاڻ آھي. جڏھن تہ تاثر جي لحاظ کان پيلو، ڳاڙھي ۽ نارنگيءَ وانگر گرم تاثر رکندڙ رنگ سمجھيو ويندو آھي. "گيڙو" نارنگي ۽ پِيلي جي وچ جو رنگ آھي، جيڪو ڳنڀيرتا، سنجيدگي ۽ غور فڪر جي معنيٰ ظاھر ڪري ٿو. ٻئي طرف ٻُڌ جي پوئلڳن ۽ ھندو ڌرم جي ڪن يوگين ۽ سنياسين کي ڇڏي، سڄيءَ دنيا ۾ فقط سنڌ جا صوفي، خاص طور شاھہ عنايت واري سلسلي جا مريد ۽ پوئلڳ ئي گيڙو رنگ جو لباس، شال ۽ پٽڪو پائيندا آھن. يعني تہ ھڪ طرف گيڙو رنگ تصوف ۾ بہ سنڌ جي پنھنجي انفراديت ۽ الڳ سُڃاڻپ جو اُھڃاڻ ٿو بڻجي، تہ ٻئي طرف فڪري حوالي سان شاھہ عنايت جھڙي عملي صوفي، جنھن حق جو آواز بلند ڪري غاصب ۽ ظالم قوتن کي للڪاريو ۽ شھادت جو جام پيتو. تنھن جي حق لاءِ ويڙھہ، ثابت قدمي ۽ حوصلي جي نمائندگي ٿو ڪري. ايڏي وسيع ۽ شاندار پس منظر رکندڙ رنگ کان وڌيڪ ٻيو ڪھڙو رنگ ٿي پئي سگھيو، جيڪو اياز جي غزل جي صحيح معنيٰ ۾ ترجماني ڪري سگھي ھا؟

جيتوڻيڪ اياز جي شروعاتي غزل جو رنگ مختلف آھي ۽ ساڳيءَ ريت پوئين دؤر خاص ڪرير "سورج مُکي سانجھہ" وغيره جي غزلن جو رنگ تہ بلڪل ئي نئون ۽ نرالو آھي، جنھن ۾ پڻ ڪمال جو حُسن ۽ تخليقي جوھر آھي، پر پوءِ بہ غزل ۾ ھن جي سڃاڻپ وارو رنگ اھو ئي آھي.

پرينءَ جي پکي ۾ وچين ٿو اياز
ٽڙي آهه تانگر، ٻه ٽي قول ڪڻ!

❋

هي مڏ ماتا، آتا نيڻ،
جهڙا رَس لوپي پؤنرا،

❋

هي پير پَٽيهر جهڙا هئا،
جي پنڌ پيا پربت لوڪوا!

❋

مِينهن جي رات ڪاتي وچو اوٺيو
ٻاهڙي ٽي ٻري، مانڙي ٽي پچي!

هو پاڻ ڪان اڳ واري شاعر کي هيئن لوئي چڪو هيو ته.

سنڌي شاعر، باسي بيک
اردوءَ جي اڌ جُوٺي ڏات!

هو اهڙي ”باسي بيک“ تي گذارو ڪرڻ جي خلاف هيو ۽ ”پنهنجي لوئي، پنهنجي لاک“ جو نعرو ڪٽي سامهون آيو هو.

اياز جو هڪڙو وڏو ۽ اهم ڪارنامو اهو به آهي ته هن سنڌي شاعريءَ جي جهولي نون تصورن، نون خيالن، نون نظمن سان ڀري، فطرت توڙي سماج جي سمورن پهلوئن کي ڪمال ڪاريگري ۽ فنڪاراڻي حسن ۽ شان سان ظاهر ڪيو. پر ان کان سواءِ هن جو هڪڙو اهم ڪم ٻيو به آهي، سو اهو ته هن نه فقط سنڌي ٻوليءَ جي جهولي وڏ ۾ وڏ صنفن سان ڀري پر انهن کي هڪ اعليٰ معيار به عطا ڪيو. خاص ڪري غزل جهڙي گهاڙيٽي جي لحاظ کان سخت گير ۽ (ايم ڪمل جي لفظن ۾) ”ڪٽر صنفِ سخن“ ۾ به هن ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

سنڌي غزل جڏهن ايازي رستي ۽ رنگ کي اختيار ڪيو ته سنڌيءَ ۾ روايتي غزل جو نسل ئي ناياب ٿي ويو. جيڪي شاعر ان رنگ ۾ ئي

لکندا رهيا. تن جو نئين شاعريءَ نئين پڙهندڙ سان ناتو ڪٽجي ويو ۽ شاعريءَ ۾ فقط انهن شاعرن جو رنگ ڄميو. نالو ٿيو ۽ کين شهرت ملي، جن سنڌڙيءَ کي گيڙو ويس غزل سيبائڻ لاءِ جستجو ٿي ڪئي.

غزل کي سنڌي سياءُ ۽ مزاج عطا ڪرڻ لاءِ اياز کان اڳ ۾ خليفي گل محمد گل هالائي به ڪوششون ورتيون هيون ۽ فڪر توڙي ٻوليءَ جي سطح تي هن تمام سنجيدگي ۽ ذميواريءَ سان اهو ڪم سرانجام ڏنو. مگر هو ڪنهن به صنف کي مڪمل طور پنهنجو بڻائڻ جي ٻين فني لوازمات کان ان حد تائين آگاهه نه هيو. تنهن ڪري هو به 'صاحب ديوان' ٿيڻ جي چڪر ۾ ڇَٻ ڇَٻ ۽ ڪٻ ڪٻ ۾ ڦاسي پيو. نتيجي ۾ غزل ۾ ٻولي ته سنڌي برابر استعمال ٿي پئي، پر ان ۾ تخليقي حسن، فڪري گهرائي ۽ موضوعي وسعت نه هئي. غزل موضوعي مفلسيءَ جو شڪار هيو. گسي ويل سڪي جهڙا رومانوي شعر وري وري گسايا پئي ويا. هڪڙن سنڌيءَ ۾ فارسي غزلن کي نقل پئي ڪيو. بلڪ انهن کي ڇٻاڙي سنڌي صورت پئي ڏني. ٻيا اهي هئا جن خليفي گل جي روايت کي پاٽي ڏيندي غزل کي سنڌي بڻائڻ جي نيڪ ڪوشش ته ڪئي هئي، پر اهي گهڻيءَ حد تائين بي روح قافيه پيمائي واري ڪارروائي ۾ مصروف رهيا هئا. شيخ اياز اهڙي دؤر ۾ غزل کي موضوعاتي وسعت ڏني، هڪ طرف ان جي ٻوليءَ کي سنڌ جو ويس اوڍايو ته ٻئي پاسي ان کي زندگيءَ جي نين گهرجن ۽ ضرورتن سان ڳنڍيل موضوعن جا ڳهه ڳنا پارايا ۽ پنهنجي تخيل ۽ تخليقي سگهه سان ان ۾ اهڙو ته رنگ ۽ نور ڀريو جو سڄي سنڌ "مي رقصم" جو عڪس بڻجي وئي:

ٿي ساري سنڌ اياز نچي،
ڇا ڇم ڇم آندءِ ڇيرن جي.

شيخ اياز غزل جو مزاج تبديل ڪيو ۽ ان کي سنڌ جي ڪلاسيڪل صنفن بيت، وائي ۽ ڪافي وانگر هڪ سنڌي ماڻهوءَ جي ترجمان صنف بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. توڙي جو هيئت جي لحاظ کان

غزل هڪ نہ تبديل ٿيندڙ صنف آهي، پر اياز ان ۾ بہ ورائٽي پيدا ڪئي آهي. هن نہ فقط مطلع ڪانسواءِ غزل لکيا، پر مسلسل غزل ۽ گهڻ موضوعاتي غزلن جي سيريز کي ملائي، طويل غزلن لکڻ جا تجربا پڻ ڪيا، جن ۾ هڪ ئي وقت رومانوي، سماجي، سياسي، ادبي ۽ ثقافتي موضوعن جي مختلف پهلوئن کي چٽيو ويو آهي. اهڙا اڪثر غزل هن جي ڪتاب ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۾ شامل آهن. اياز پنهنجي دؤر جو سڀ کان نمايان ۽ صحيح معنيٰ ۾ نمائنده شاعر تہ آهي ئي، پر حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها بہ آهي تہ هو شاعريءَ جي هر ان صنف ۾ سڀ کان نمايان بيٺو آهي، جيڪا هن لکي آهي. بيت کان وائي، هائڪو کان ترائيل، ڏيڍ سٽي کان دوهي ۽ گيت کان غزل تائين هو هر صنف جو نمائنده ۽ ان کي نئين سجاڳ ۽ تعارف عطا ڪندڙ شاعر آهي.

اياز کان اڳ جو گهڻو تڻو ڪلام اردو ۽ فارسي شاعرن جي خسيس نقالي کان سواءِ ڪجهہ نہ هو. مير علي نواز کان مرزا قليچ بيگ تائين شاعرن جي وڏي حلقي، فقط ٻين شاعرن جي خيالن کي سنڌيءَ ۾ نقلي پئي ڪيو نہ تہ انهن ۾ سندن جذبات شامل هئا، نہ سندن داخلي ۽ خارجي حالتون، نہ دلي ڪيفيتون، نہ سماجي الميا، نہ ذاتي احساس، اظهار ۾ بي ساختگي ۽ نہ ئي اڇلون ڏيندڙ اڌما ـ ان صورت ۾ سنڌي غزل ۾ ان بي پناهہ تخليقي گهرائي، فني دل ڪشي ۽ فطري اثر انگيزيءَ جو پيدا ٿيڻ بہ يقينن ناممڪن ئي هيو. جنهن کان سواءِ ڪوبہ شعر بي رس ڳني يا آڙهاري ميري وانگر بي لطف ۽ بي ذائقي هوندو آهي. اياز جي ڪوشش سان سنڌي غزل مان روايتي غزليہ تصورن، عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ، تغزل جي نالي ۾ شاعر پاران هٿ ٺوڪين، گهڙيل ۽ مصنوعي نموني پاڻ تي مڙهيل عشقيہ حالتن جي بيان، دقيانوسي ۽ اڻ ڏٺل شين جي تشبيهن ۽ خيالي ڪردارن هوريان هوريان ٽپڙ ويڙهڻ شروع ڪيا ۽ انهن جي جاءِ تي نون ۽ حقيقي زندگي ۽ سماج سان سڌيءَ طرح لاڳاپو رکندڙ ڳالهين، واقعن ۽ حالتن جو بيان ٿيڻ شروع ٿيو. سنڌي شاعرن مذڪر محبوب مان جان ڇڏائي غزل ۾

مؤنث ڪردار کي جاءِ ڏني، ايئن هن حقيقي معنيٰ ۾ غزل کي سنڌي غزل بڻجڻ جو شرف عطا ڪيو ۽ بعد وارن شاعرن ان کي ايترو ته ڳايو وڄايو جو هاڻ سنڌيءَ جو ڪوبه نئين کان نئون جديد شاعر غزل لکندي ڦڪائي محسوس نٿو ڪري. نه ته فارسيءَ جي اثر هيٺ روايتي دؤر جي شاعرن ته اياز جي لفظن ۾ غزل کي ”چؤپڙ جي راند“ بڻائي ڇڏيو هيو ۽ ڪوبه سنجيده ۽ پڙهيو لکيو شاعر ان نامناسب سرگرميءَ کان ٻاهر رهڻ ۾ ئي چڱائي محسوس ڪندو هو. ٻيو سڄي جهڙي شاعر کي به نظم جو سهارو وٺڻو پيو هيو ۽ هن پنهنجا سمورا نوان خيال، نئين محسوسات ۽ نئون فڪر نظمن ۾ ئي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پيو ته ٺهيو پر اردو غزل جي ڪعبي قبلي غالب کي به غزل جي ’تنگ دامانيءَ‘ جي شڪايت هئي ۽ هن پنهنجي ’وسعت بيان‘ لاءِ ڪنهن نئين فارم ڪنهن نئين گهاڙيٽي جي خواهش جو اظهار ڪيو هيو:

بقدر شوق نہيں ظرف تنگنائے غزل،
کچھ اور چاہيئے وسعت ميرے بيان کے ليئے۔

اردو ۾ ته غزل جي تنگ داماني ۽ سخت گيري مستقل بحث جو موضوع رهي آهي. ڪليم الدين احمد کان سبط حسن ۽ جوش تائين غزل جي محدود فضا تي سخت چوٽ چنبيا ويا آهن. ڪليم الدين احمد ته ان کي ”وحشي صنف“ سڏيو آهي، جنهن ۾ مهذب ڳالهين ۽ تهذيب يافته معاشري جي ترجماني جي گنجائش نه آهي. جوش غزل جي سخت فني پابندين خاص ڪري ان ۾ ٽيندڙ قافيه پيمائي جيڪا روايتي دؤر ۾ اردو وانگي سنڌي شاعريءَ ۾ به ٽيندي رهي آهي، تنهن تي هڪ شعر ۾ ڀرپور چوٽ ڪئي اٿس.

ان کے دل ميں شعر کی روشن ہو کس صورت سے آگ،
قافئے کے ہاتھ ميں رہتی ہے جن لوگوں کی باگ۔

سنڌي غزل گوئي کي به ساڳيو مسئلو درپيش رهيو ۽ انهن شاعرن

جن سنڌي ٻوليءَ جي زمين ۾ غزل جي ڏاري صنف سخن جو ڏنڊڻ لڳايو هيو. تنهن گل گؤنچ به اهي ئي ڪيڏيا جيڪي فارسي غزل جا هئا. اڪثر تشبيهون، تلميحون، استعارا، اهڃاڻ، شعري علامتون ۽ ڪردار اهڙا هئا، جن کي بار بار ڳائي، انهن جو تقدس مجروح ڪيو ويو هو ۽ انهن ۾ ڪا تازگي ۽ نواڻ جي گنجائش ئي نه ڇڏي وئي هئي. تنوير عباسي صحيح لکيو آهي ته ”غزل جي زمين ڏاڍي ماريل آهي، فارسي ۽ اردو وارن ڪا وٿي نه ڇڏي آهي، جو ان ۾ ڪا تخليق ڪري سگهجي. قافيا رديف ڪتائي ڇڏيا اٿن. تشبيهون استعارا، تلميحون توڙي ان کي ادا ڪرڻ جا اسلوب ڪتائي ڇڏيا اٿن. اردو جي جديد غزل جي به ساڳي حالت ٿي وئي آهي.“

اياز هوندي ته ڪنهن به معاملي ۾ مروج پابندي ۽ روايتي اصولن کي مڃڻ جو قائل نه هيو، پر پوءِ به هن غزل جي روايتي گهاڙيٽي سان گهڻي هٿ چراند نه ڪئي. ڪن ڪن غزلن ۾ هن مطلع جو استعمال نه ڪيو آهي، باقي پابندين کي هن به سخت گير غزل گو شاعرن وانگر قبول ڪيو ۽ نڀايو آهي. پر پوءِ به اياز جي شاعريءَ جي سڀ کان اهم نقاد امير علي چانڊئي جو اهو تجزيو درست ئي آهي ته ”اهڙي ماحول ۾ اياز پاڻ کي هرويرو ٺيٺ روايت پسند غزل گو سڏائڻ پسند نه پئي ڪيو، ان ڪري هن پنهنجي غزلن ۾ روايتي تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين جي جاءِ تي نيون تشبيهون ۽ نوان استعارا آڻي پاڻ کي متعارف ڪرايو ۽ غزل کي هيئت جي تبديليءَ کان بغير جدت سان روشناس ڪرايو. گويا اياز سانگي کان پوءِ صحيح معنيٰ ۾ پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جديد سنڌي غزل جو بنياد رکيو.“

اياز غزل جي قديم ۽ روايتي موضوعن کي هڪ ئي ڌڪ سان پنهنجي شاعريءَ مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ نه رڳو انهن ۾ وسعت ۽ جدت پيدا ڪئي پر ساڳئي وقت ان جي فضا ۽ هيئت ۾ تبديليون به آنديون. هن غزل جي داخلي دنيا کي خارجي جهان سان آشنا ڪيو ۽ ان ۾ سنڌي سماج کي ڪٽي آيو. سنڌ جا ڏينهن، سنڌ جون راتيون، سنڌ

جا وڻ ۽ سنڌ جون موسمون، جُهڙ، ڪنوڻيون، رڻ، پهاڙ، نديون، جهنگ ۽:

بنا ٻوڙ وسنديون ٻَڪر ٻوس تي،
گهٽي وقت کان ٿيون گهٽائون گڙن.

❋

تنهنجي ڪوثر توکي پهتي، مون کي ڏينم چڏي،
ڪعبي ۾ ٻيي ياد اچي ٿي، مون کي ڪينجهر جي.

❋

ماڳر ساري ٿانگر – واس،
لوئي ناهه، مڇيءَ جي لِيءَ.

❋

نينگرڙا هي پوپٽ آهه،
ان جي پَرڙا هيئڻءَ نہ پَٽ!

اياز جا ڪيترائي غزليہ شعر تہ هن جي پنهنجي مخصوص غزليہ انداز کان بہ گهڻو مختلف آهن ۽ وڏيڪ شعري حُسن رکن ٿا:

رات ڪاري، هتي هُتي جُگنو،
ٽيڙَ ڪائي پئي ڏيئي جي لاٽ!

هي شعر اياز جي گيڙو رنگ غزل کان گهڻو نرالو ۽ تخليقي ڪمال جو بي مثال نمونو آهي، تصورن، عڪسن ۽ رنگن جو هڪ ميڙ اچي سامهون ٿو بيهي ۽ روح ۾ جلترنگ وڄڻ شروع ٿي ٿا وڃن. سندس بعد واري شاعريءَ مان هي ننڍڙي بحر وارو غزل تہ جديد غزل ۾ هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

آگ آهيان هَتو جلي ويندؤ،
وِچ ۾ پوپٽو جلي ويندؤ.
تو جهنم جيان بهار ٻَري،
گُل تہ آهن ڏتو جلي ويندؤ.

**گيڙو ويس غزل**

ايترو ڏُور چو نهاريو ٿا،
انت سان هي سَتو جلي ويندؤ.
اُپ تائين تہ آڳ آهہ اياز!
ايترو جَمگهتو، جلي ويندؤ.

هن غزل جي هر شعر ۽ هر شعر ۾ موجود تخيل، تصور، عڪس، لفظن جو جڙاءُ توڙي قافئي ۽ رديف جي انوکائي بنهہ نئين روايت جو بنياد محسوس ٿين ٿا.

اياز غزل ۾ نظم واري موضوعاتي وسعت تہ پيدا ڪئي ئي آهي، پر هن جي غزلن جا بحر بہ نظمن وارا آهن ۽ جڏهن اهي پڙهجن ٿا تہ ماڻهو غزل جي فضا مان ٻاهر نڪري ٿو اچي. خاص طور اهي غزل جن ۾ انقلاب ۽ بغاوت جو عنصر غالب آهي. غزل پڙهندي پڙهندڙ جڻ تہ جنگي حالتن جي آڏو اچي ٿو بيهي، آزاديءَ جا نعرا، غلاميءَ کان نفرت، سَڏ، واڪا، اعتماد ۽ ويڙهہ جو حوصلو.

چو گهبرائين ٿو ڪوٽ ڏسي، هي اوچي اوچي اوٽ ڏسي،
زندان اڏائي ويندا سين، زنجير پگهاري ويندا سين.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پر ايئن نہ مرندا سين ساٿي،
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

صحيح ڳالهہ اها آهي تہ اياز جا اهڙا غزل فقط غزل جو فارم اختيار ڪرڻ ڪري غزل سڏجن ٿا. جي نہ تہ جهڙيءَ ريت هن جون ڪيئي وايون پنهنجي اصل ۾ گيت آهن، اهڙيءَ ريت هن جا ڪيئي غزل پنهنجي اصل ۾ نظم آهن. انهن جا موضوع، ڪيفيتون، تاثر، ٻولي، انداز بلڪ منجهن سمورا لوازمات نظم وارا آهن. اهو اهڙو تجربو هيو جنهن جو ساهس فقط اياز جهڙو شاعر ئي ڏاري پئي سگهيو. ساڳيءَ ريت هن جا ڪجهہ غزل ڪافي رنگ جا آهن، جن ۾ ساڳيو روايتي ڪافيءَ وارو سوز، حسن ۽ پنهنجائي آهي. باوجود ان جي ڪن نقادن کي اياز جي غزل

جو اهو رنگ پسند نہ آيو ۽ ”سنڌي غزل جي اوسر“ (ڀاڱو ٻيون) ۾ روايتي نقاد اياز قادري، شيخ اياز جي اهڙي تجربي کي ’ڪوجهو‘ سڏيندي لکيو تہ ”شيخ اياز پهريون شاعر آهي، جنهن غزل ۾ ڪافيءَ جي رنگ پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي ڪن شاعرن بلڪل ٿوريءَ حد تائين پيروي ڪئي آهي، مگر اهڙي تجربي غزل جي سونهن ۽ شوخيءَ کي ڪوجهو ڪري ڇڏيو آهي.“ ان جي ثبوت طور هن شيخ اياز جي اهڙي رنگ مان ڪجھ هيٺيان مثال پيش ڪيا.

جيجل ڪهڙي ٻيجل آندي هيءَ تُنبي جي تانَ،
سِر جي سَٽ ڏئي ٿو آڇي هرڪو ڌُهرا دانَ.

❋

ملن ئي نٿا اڄ تہ پيرا پنهونءَ جا،
ڪٿي آهي هو ڪيچ، او منهنجي آيل!

مان سوچيان ٿو تہ ڊاڪٽر اياز قادري واقعي بہ ادب جو ڊاڪٽر هيو؟ ۽ ڇا هن کي سُٺي شعر جي سمجھ بہ هئي؟ بنيادي طور هُو بزم مشاعره جي آخري باقيات هو. جديد شاعريءَ جي معيارن کان اڻ واقف هيو ۽ گهڻو ڪري تہ غزل جي روايتي تصور جي عقيدت ۾ ورتل نقاد هيو. تنهنڪري هن کي اياز جو اهو انداز پسند نہ آيو. جيتوڻيڪ اهو ئي انداز سچل جي غزل جو بہ آهي تہ ٻين ڪيئي سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جو بہ ـ ۽ اهڙي غزل کي ”ڪوجهو“ سڏڻ راءِ زنيءَ ۾ سطحي پڻي جي نشاندهي ڪري ٿو.

”ڪَتين ڪر موڙيا جڏهن“ جي ٽئين ڀاڱي ۽ ”سُورج مکي سانجھ“ ۾ موجود غزل هڪ ئي فڪر، انداز ۽ سلسلي جا آهن. جن ۾ موت جا گهنگهرو بہ وڄن ٿا ۽ ازلي حسن جي ساراهہ جو قصيدو بہ آهي. هنن غزلن ۾ گيت جهڙو ردم ۽ لئہ آهي ۽ رقص جهڙو رچاءُ آهي. جيڪي پڙهڻ سان هڪڙي وجد جهڙي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. انهن ۾ نئين عشق جهڙو نشو آهي، سُرور آهي. ائين ٿو لڳي تہ اياز اهي

غزل ائين نچي ڳائي لکيا آهن. جيئن سچل سرمست جهومندو ڳائيندو ڪافيون چوندو هيو. انهن غزلن ۾ اسلوب. ٻولي ۽ محسوسيات جي جدت ۽ نواڻ سان ڀريل آهن. هنن مجموعن ۾ اياز پنهنجي ڪلاسيڪي غزليہ رنگ کان موڪلائيندڙ نظر اچي ٿو ۽ نئين عشق لاءِ ٻولي بہ نئين ڪم آڻي ٿو. هن جي انهن غزلن ۾ رڳو رديف ئي ايترا انوکا ۽ منفرد آهن. جو پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو دل ئي دل ۾ چوندو رهي ٿو تہ، ”چوان ٿو تون تہ تون آهين“، ”اهو ناهين، اهو ناهين“، ”ڪڏهن تہ ايندين ڪڏهن تہ ايندين“، ”اچا نہ ويندس اچا نہ ويندس“، ”مان ڇا ڇاڻان مان ڇا ڇاڻان“، ”پلي آئين، پلي آئين“، ”نہ مان آهيان، نہ تون آهين“، ”ڪيڏانهن وئين ڪيڏانهن وئين“ ...بيخودي ۽ سرمستي جي ڪيفيت چڙهندي وڃي ٿي ۽ ماڻهو شعر جي روانيءَ سان گڏ لڙهندو وڃي ٿو. اياز جو پويون اسلوب پهرئين اسلوب کان طاقتور يا وزندار آهي يا نہ. مان ان تي راءِ ڏيڻ جي اهل نہ آهيان. پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ خود ان انداز شعر جو مزاج خاص طور سنڌي غزليہ شاعريءَ جو مزاج هڪ ڦيرو وري يڪسر بدلائي ڇڏيو آهي ۽ ان تي هڪ نئين تخيل جي اندلٺ اياري، ان کي رنگيني بخشي آهي. انهن ئي غزلن ۾ مسلسل غزل جا نوان تجربا ڪيا ويا آهن ۽ انهن ۾ نظم، گيت ۽ غزل جو حسين امتزاج نظر اچي ٿو.

هوا گهلي ٿي، اچا چڱن ۾ اڏار آهي، بهار آهي،
اچا تہ جهومي پيو صنوبر ترِڙي پيو ديوار آهي.

اهڙو تجربو اياز جي پهرئين مجموعي ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ ۾ پڻ نظر اچي ٿو.

پوئين اڪثريتي شاعري اياز جو ياد نامو آهي. هن پنهنجي ننڍپڻ، جواني، شڪارپور، سکر، محبوبائن، انهن جي ساٿ ۽ جوين جي سانوڻين کي ياد ڪيو آهي ۽ انهن يادن جي گرميءَ سان، عمر جي گليشئر جهڙي حصي کي شعلو بڻايو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هن جي

خيالن ۾ الھڙپائي ۽ جواني پنھنجن پورن جلون ۽ نازن ادائن سان نئين رنگ روپ ۾، تخيل جي اُڏام ڪٽولي تي چڙھي، اچي سندس تصور جي طلسمي شھر ۾ لٿي آھي.

ھو مناري پرسان منزل، جنھن جي پرسان ڏڙڪي ٿي دل،
ڪارِ بہ ھئي يا پنڌ لٽاسين، تنھنجون جھاتيون ياد پيون.

سج روپھريون نِيريون گھَريون لھرون ساڏو ٻيلي ڏي،
تيز ھوا ۾ ٻيڙيون تن تي، اڄ سڀ ٻاتيون ياد پيون.

سانوڻ مِينھن بہ ڪيئي آيا، پيارا ڏينھن بہ ڪيئي آيا،
ساري عمر اياز پڄايل ھن جون چاتيون ياد پيون.

ھن پنھنجي غزل ۾ موضوعن جي گوناگوني ۽ جديد زندگيءَ سان غزل کي ھم آھنگ ڪرڻ ۾ جيڪي ڪوششون ورتيون آھن، سي تہ پنھنجيءَ جاءِ تي، پر جيڪڏھن سنڌي غزل کي اياز جي ڏنل نون ۽ نج پنھنجن قافين جو حساب ڪتاب ٿا لڳايون، تڏھن بہ ڪيس سلام ڪرڻ تي دل ٿي چوي. ايترا سھڻا، انوکا، صحيح اُچار وارا، نرالا، وسيع معنيٰ رکندڙ ۽ مترنم قافيہ شايد ئي ڪنھن شاعر جي غزل ۾ ملي سگھندا، جيترا اياز جي غزلن ۾ نظر اچن ٿا.

نامور دانشور ۽ اياز جي شاعريءَ جي اھم پارکو محمد ابراھيم جويي صحيح لکيو آھي تہ ”اردو شاعريءَ کي ڏسبو تہ پوري شاعريءَ ۾ ڪل سؤ سوا کن قافيہ نظر ايندا، جي ولي دکنيءَ کان فيض احمد فيض تائين شاعرن وري وري پئي ڪم آندا آھن. پر اڪيلي سر اياز ئي سنڌيءَ ۾ سوين قافيہ پنھنجن شعرن ۾ ڪم آندا آھن.“ بقول جويي صاحب جي ”اياز پنھنجي ٻوليءَ کي ڪتابي ٻوليءَ مان ڪڍي ۽ عوامي ٻوليءَ سان مالا مال ڪري، ان کي ايڏي وسعت ۽ تازگي ڏني آھي، جو سنڌي شاعري سمورا بند پڃي ھڪ پيرو ٻيھر اڳتي وڌي آھي ۽ ان مان نوان لفظ، نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيہ ھاڻي ڪنڍا ئي نہ آھن.“

**گيڙو ويس غزل**

اياز پنهنجي شاعريءَ وسيلي پڙهندڙ کي نه فقط تصورن ۾ خيالن جي هڪ نئين دنيا سان ڳنڍي ٿو، پر هڪ نئين لغت سان به شناسائي ڪرائي ٿو. جيڪا ڪنهن به موضوع ۾ فڪر کي اظهارڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي. هن جا ساز (شعري گهاڙيتا) بلاشڪ ته پراڻا ئي هيا، پر انهن مان نڪرندڙ سُر نوان هيا، هن کي ٻڌڻ سان زندگيءَ ۾ زندگي اچي ويئي. هڪ بيٺل ۾ سُن ٿيل سماج ۾ نئين سِر چرپر ۾ جنبش پيدا ٿي.

تو هونءَ ته جُهونا ساز ڏنا، پر ڇا ته نوان آواز ڏنا،
تو ڇا ڇا گيت اياز ڏنا، ڇا ڏاتر تنهنجي ڏات هئي!

هن ڪڏهن به پنهنجيءَ ذات تي فخر ۾ وڏائي نه ڪئي، پر شعر کي ئي معيار قرار ڏنو ۽ سرعام چيو:

اسان لاءِ سيد ته ڪا شيءِ نه آ،
اسان لاءِ شاعر وڏي ڳالهه آ.

هن کي پنهنجيءَ ذات جي ڪمزورين جو به پتو هيو ان ڪري ئي هن پنهنجي هڪ خط ۾ (جيڪو هن هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي لکيو هو، جيڪو ڪيس عورت تي محبت ڀريا خط لکندو هيو) ته "تون هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان پيار ٿي ڪرين، جيڪو سٺو شاعر ته آهي، چڱو ماڻهو نه آهي." اها ئي ڳالهه هن پنهنجي شعر ۾ به ڪئي آهي:

ڏس تون تنهن جا پاپ ته پُڇ،
جنهن وٽ ڪوئي گيت هجي!

اياز گهڻ پڙهيو ماڻهو هيو ۽ هن جاتو پئي ته دنيا ۾ ماڻهوءَ جي ننڍ وڏائي جو معيار ڪي شخصي ڪمزوريون نه، پر ان جو ڪم ۽ فن آهي، پر پوءِ به هن کي خبر هئي ته هيءَ سنڌ آهي ۽ هتي اهڙو سمورو حساب ڪتاب ٿيندو آهي، تنهن ڪري هن پنهنجي لازوال گيتن عيوض، ڪن ذاتي ۽ شخصي ڪمزورين کي نظرانداز ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. جيتوڻيڪ اڄ جيڪي به ماڻهو اياز جي ڪردار تي آڱر اُڀي ڪن ٿا،

گيڙو ويس غزل

انهن جي اڪثريت بذات خود ايتري بدعنوان ۽ بدڪردار آهي، جو انهن جي ڊپ کان اياز جو اهڙو اعتراف، هن جي معصوميت ئي محسوس ٿئي ٿو. پر هُو حساس ۽ ذميوار هيو ۽ هُو انساني تاريخ جي سمورن الميئن کان آگاهه شاعر هيو ۽ هن ڄاتو پئي، تہ سماج وٽ هر دؤر ۾ رهي آهي تہ:

ساڳي چارڻ جي چڪيا،
ساڳيو شاعر جو شمشان!
اڄ ٻيي ڌات مصور جي،
رَت ۾ ٻوڙي ڪائي نان!

پوءِ بہ هن کي خبر هئي تہ هن کي ڇا ڪرڻو آهي. هن هر ان روايت سان بغاوت ڪئي، جيڪا انسان کي غلام بڻائيندي آئي آهي. هن پنهنجيءَ ذات ڪارڻ بغاوت جا الزام سَٺا. ملڪ دشمنيءَ جي ڪيسن کي منهن ڏنو، جيل ۽ نظربنديون برداشت ڪيون. ڪفر جا الزام ڪنيا، سندس ٽن ڪتابن تي پابندي بہ پئي، پر هن جي تخليق جي جوت جهَڪي نہ ٿي. هُو بي خوف ٿي سمورن فرسوده ادبي ۽ سماجي نظرين ۽ نظامن سان ٽڪر کائيندو رهيو.

گڻ گڻ کي مان اوگڻ سمجهان، گيان ڪيان اگيان،
ڌرم ڌرم جي ڌوڙ اڏايان، ڦاڙيان پوٿيون، پُران،

ڪال ڪوٺڙيءَ جي ڪاري ولهہ ۾ بہ اُلاءَ جيان رهيو:

او زندان جي ڪارِي ولهہ،
تو ۾ آهيان آءٌ الاءُ!

اياز جو غزل شعري خوبين جو ٻيلو آهي. نيون تشبيهون، انوکا استعارا، نج سنڌي ترڪيبون ۽ مُرڪب لفظ، سمورن حواسن کي ڇُهندڙ عڪس، منظرنگاري، جذبات نگاري، داخلي ڪائنات توڙي خارجي دنيا جو هر اهو موضوع جيڪو انساني زندگيءَ سان واسطي ۾ آهي، اياز ان کي لفظن جي صورت ۾ نئين سر تخليق ڪيو آهي.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس همعصرن ۾ بہ فقط شيام ئي آهي، جيڪو غزل ۾ سندس جوڙ ۾ جِيسُ قرار ڏئي سگهجي ٿو. بلڪ جماليات، منظرنگاري ۾ غير روايتي موضوعن جي تلاش ۾ شيام اياز کان بہ ڪجهہ اڳتي آهي، پر روايتي غزل جي ڪايا پلٽ وري بہ اياز ئي ڪئي ۾ هُن ئي اول اول غزل جي محدود فضا کي وڏيڪ وسعت عطا ڪئي.

سچ پچ بہ تہ اياز جو غزل ڪو انقلاب ئي هيو. هُو غزل ۾ بہ سماجي شعور جو چؤمکو ڏيئو ڪٽي آيو. صدين کاهن سنڌي سماج کي غلام ٻٽائيندڙ تصورن ۾ غلامانہ ذهنيت سان ٽڪر کائي، هن انهن جي رکوالن جو روزگار بند ڪري ڇڏيو. هن غزل جي ٻن سٽن کان تير ۾ ڪمان جو ڪم ورتو ۾ سندس نشانو ارجن جي نشاني کان وڏيڪ سڌو ۾ پختو هيو.

هيءَ کهڙي مُوڙهي مَت لوڪو!
ڏرتي بہ تہ آ، جنت لوڪو!

❋

هر حقيقت کان مٿي آهي مجاز،
هر عبادت کان چڱو آهي شباب.

❋

راز جيڪو ڪنهن پيَمبر حل نہ ڪيو،
اي پرهہ! تنهنجا پکي سمجهائي ويا.

❋

آ مَهڪ هوا ۾ مينديءَ جي سي گهوٽ اچن ٿا گهايل ٿي،
جي لال لهوءَ ۾ ليٽڙجي، اڄ رَت جي ريت نڀائن ٿا.

❋

آءُ زنجير پائي بہ آزاد هان،
تون تہ ظالم سدا آنهہ زندان ۾!

❋

عشق تنهنجو اياز آهہ انسان سان،
هُو چون ٿا تہ تون نانهہ ايمان ۾.

**گيڙو ويس غزل**

هن غالب وانگر خيالي جنتن ۾ آسمان بجاءِ ڌرتيءَ ۾ انسان ۾ ايمان جو اعلان ڪيو تہ روايتي تصورن جا تاڪئان شيشا ٽڙڪات ڪري ٽٽي پيا. جن ۾ خود اياز جا پير بہ زخمي ٿيا. سندس ٻن شعري مجموعن ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ (1962ع) ۾ ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ (1967ع) تي پابنديءَ جو سبب بہ اهو ئي هيو. دلچسپ ڳالهہ اها بہ آهي تہ اهڙا شعر جن کي مختلف الزامن هيٺ ممنوع قرار ڏنو ويو هيو سي اڪثر غزلن جا شعر ئي هيا.

هڪ طرف اها ڳالهہ هئي تہ ٻئي طرف شاعريءَ کي نازڪ خيالي ۾ فقط گلن، پوپٽن، هوائن، ندين ۾ محبوب جي حسين پيڪر جي ذڪر کي ئي جماليات سمجهندڙ نقادن کي بہ اياز جو اهو انداز پسند نہ آيو. امير علي چانڊئي جهڙي نقاد بہ لکيو تہ، ”اياز جي شاعريءَ ۾ گداز ڪونهي.“

مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ امير علي چانڊئي وٽ ”گداز“ جي معنيٰ ڇا آهي؟ لغت تہ ان جي معنيٰ نرمي ۾ ملائميت ٿي ٻڌائي، ۾ ٻوليءَ جي نرمي ۾ خيال جي نزاڪت هنن شعرن کان وڌيڪ ڪهڙن شعرن ۾ ٿي سگهي ٿي؟

هيل پنهنجي چُني، مون تہ ڳاڙهي رڱي،
ڳوٺ ڳالهيون ڪيون، ٿا ملن ميهڻا!

❋

آئي تنهنجي سار تہ سُپرين،
سوريءَ کي آسان ڪري
وئي.

❋

سڄي سڄي رات ننڊ نيڻين، نہ آ اسان کي، تڏهن بہ ساڄن،
پڌر پئي آهہ ڳالهڙي ڪئن — نہ تو ڇئي آ، نہ مون ڇئي آ.

❋

وِک وتري ڪڙو، ٿي اچي ٿي اچي،
هُو جُهڙالي هوا، هُو گلابي گلي!

### گيڙو ويس غزل

اياز جا غزل اهڙي نرم خياليءَ ۽ نازڪ تصورن سان پريا پيا آهن، البت اها ڳالهہ ضرور آهي تہ هن جو غزل (خاص ڪري ورهاڱي کان اڳ) "تغزل" جي روايتي تصور کي ٽٽو مجي ۽ هُو غزل لاءِ هڪ نئون تخليقي تصور پيش ڪري ٿو.

هن جي سموري شاعريءَ جيان هن جي غزل جو هر هڪ شعر بہ تسبيح جو اُهو مڻيو ٿو لڳي، جنهن تي سنڌ جو نالو لکيل آهي. سنڌ سان هن جو عشق هڪ جنون ۽ روڳ وانگر ئي محسوس ٿئي ٿو ۽ هُن جي شاعري سنڌ جي تهذيبي، تاريخي، ثقافتي ۽ تخليقي ورثي کي ايئن محفوظ ڪيو آهي جيئن سائنس آئن اسٽائن جي دماغ کي محفوظ ڪيو آهي.

سنڌ جيئي سدا، سنڌ جيئي سدا،
راس آئي رِلي، هُونءَ اوچڙ گهٽا!

❋

سنڌ مرٽي نہ آ، اي اياز آ اجا،
اُج جو آسرو ڪا تہ پاٽيءَ کَلي.

❋

ساڳ پنهنجو پلي، سنڌ پوپي پلي،
پاڳ واري سدا پونءِ تي پرجهلي.

❋

ٿو ڪري راڪاس راڙا، پر اياز!
هيل تنهنجي سنڌ گهبرائي نٿي.

❋

گيت منهنجو ڌرتيءَ جي دانهن آ،
ڪا ڳٽن واري اٿين ڳائي نٿي.

هن جي شاعري واقعي بہ صدين جي پيڙيل، لتاڙيل ۽ ماريل ڌرتيءَ جي چرڪائيندڙ دانهن آهي، جيڪا هر دؤر ۾ غلاميءَ کي للڪاريندي

۽ ستل ذهنن کي جاڳائيندي رهندي. هيءَ شاعري فني توڙي فڪري سطح تي هڪ مڪمل نئين ادبي روايت ۽ تحريڪ وانگر ٿي آهي. هڪ اهڙي تحريڪ، جيڪا تند کي تلوار سان ويڙهائڻ سيکاري ٿي ۽ ان تي فتح حاصل ڪرڻ جا بہ سمورا گُر سمجهائي ٿي.

اوءِ پَرمتڙيا، ڪونہ سمجهي سگهئين،
هيءَ ڪوتا نہ هئي، ڪا نئين مَت هئي!

**اسحاق سميجو**
سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

# گيڙو ويس غزل



♣

مونس ماهتاب آهيان مان،
ڪنهن پرندي جو خواب آهيان مان.

تي جلي آگ عشق جي مون ۾،
حسن جو انتخاب آهيان مان.

جو ورهائي مدام مستي، سو۔
زندگيءَ جو شراب آهيان مان.

خالقِ ڪائنات! ڏس، تنهنجي،
جستجو جو جواب آهيان مان.

جيستائين هلين، ابد تائين،
اي ازل! همرڪاب آهيان مان.

دير و ڪعبہ جو ڏگ وسار ”اياز“،
چڏ، گهٽو ٿيو خراب آهيان مان.

**گيڙوويس غزل**

♣

زندگي يا شراب جي نئين آ،
جنهن جي مستي روان دوان آهي.

هر محبت اجا حَسين آهي،
هر تمنا اجا جوان آهي.

جنهن زمين تي قدم پيا پنهنجا،
تنهن تي سجدي ۾ آسمان آهي.

خار زارِ حيات ۾ رقصان،
پنهنجي خوشبو جو ڪاروان آهي.

آ انڌيرو تہ ڇا، زبان تي جي،
تنهنجي زُلفن جو داستان آهي.

پنهنجي ڪُوزي ۾ آفتاب آهي،
رات تي ڏينهن جو گمان آهي.

**گيڙوويس غزل**

مون کي مَيءِ جي ڳمي نہ آ ساقي،
تنهنجي اکڙين جو امتحان آهي.

جام آغاز جام ئي انجام،
صبح يا شام هڪ گُمان آهي.

اي تصوَر سندم تڏهن تي اڄ،
ڪنهن پکيڙي هي ڪهڪشان آهي.

چنڊ هر وقت همسفر آهي،
رات هر وقت رازدان آهي.

زندگي موت جي قريب آ پر،
ڪوئي محبوب درميان آهي.

چنڊ مون کي ڇُمي رهيو آهي،
رات ڪهڙي نہ مهربان آهي!

ٿي سڏي سِيرَ، تون ڪٿي آهين؟
ڪوئي ٻي پار نغمہ خوان آهي.

ڏُور آهين ’اياز‘ ڪان ڪٿ تون؟
جسم ڪان ڏُور ڪيئن جان آهي!

**گيڙوويس غزل**

♣

اي اکيون، پياريون اکيون، اڄ بيحساب،
منهنجي تشنہ روح تي اوتيو شراب!

هر حقيقت ڪان مٿي آهي مجاز،
هر عبادت ڪان چڱو آهي شباب.

عاشقيءَ ۾ روح کي آزاد رک،
جسم جو زنجير آ دورِ شباب.

حُور، غلمان ۽ طهُورا تو رکين
عرش وارا، تون بہ گهٽ ناهين جناب!

دير و ڪعبي جون گليون – ڇڏي،
ميڪدي جي راهہ ۾ پوکيم گلاب.

**گيڙوويس غزل**

هان ڪٿو ساري خُدائي پئي اَٿوَ
مون ڪنيو آهي فقط چنگ و رباب.

سَؤ پَيمبر راتڙيءَ جي خامشي،
سَؤ صحيفا آهہ مون ليءِ ماهتاب.

زندگيءَ جي خواب جي تعبير خود،
زندگيءَ جو آهہ بي تعبير خواب.

♣

رات توکي پئي پُڪاري، آءُ!
ڪنهن نئين چنڊ جي سهاري آءُ!

بزمِ هستي سياه و سرد آهي،
داغِ دل جو چراغ ٻاري آءُ!

اڄ تہ ٽوڙيون سڪوت ساحل جو،
موج و طوفان ڪٽي ڪناري آءُ!

زندگيءَ ۾ ڪپي ڏکن جي ڏاھہ،
تون سُکن جو سوال واري آءُ!

شمع جو پاڳ آ جلڻ ۾ جاڳ،
جي ڪرين نينهن، نِنڊ ڪاري آءُ!

هيءَ پني رات، هيءَ هوا، هي چنڊ!
هر گهڙيءَ ساهُہ توکي ساري آءُ!

جيت يا هارَ، پريت ڪرڻي آ،
آءُ تن من "اياز" واري آءُ!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اوهانجي اکين جامِ مَيءِ مان نهاريو،
اسان چوٽ کائي ڪٽي جام هاريو.

ڪڏهن حسن گل مان ڏسو جهاتي پائي،
ڪڏهن راتَ جو چنڊ جو روپ ڌاريو.

اڇو منهنجا سائين! اڇو منهنجا سائين!
ٻني آهه اڌ رات، ٽاٽو نه ٽاريو.

اسانجون وفائون، نه ساحل، نه ڪشتي،
اوهان جون ادائون، نه ٻوڙيو نه تاريو.

زمين جا ستارا هئا لڙڪ پنهنجا،
اسان رات روئي، پِرهه کي پڪاريو.

**گيڙوويس غزل**

ڪٿي آنهه تون، اي نظامِ محبت!
صديون ساهه منهنجي، سڪي تَوکي ساريو.

تون ڳوڙهن ۾ ڳوڙهو وڃي ڏس تہ توکي،
پتو پئي اسان کي آ، ڪنهن مُرڪ ماريو.

هي اڻ ڄاڻ ڄاڻو هي بي سمجهہ سمجُهو،
پري بزمَ ۾ مون اڪيلو گذاريو.

”اياز“ آهہ سجدي ۾ مثلِ صراحي،
انهيءَ جي عبادت، پِيئو ۽ پِيئاريو.

♣

ڪنهن تہ ورتو پئي پرينءَ جو نانءُ،
جو ويو اوچتو هٿن مان هانءُ،

گرچہ اُن ۾ نئون نئون مَڏ آ،
دل پراڻي پياڪ جو آ ٿانءُ.

ناھ ڪنهن کي بہ سارَ سپرينءَ جي،
نہ وري صبح ڪان لنوي ٿو ڪانءُ.

تون مڃيندين تہ ڪونہ اي جيڏا!
جي چوان لازوال آهيان آنءُ.

شاعري ذات آ 'اياز' مگر،
ذات ڪھڙي هجي نہ، جنهن کي ذانءُ!

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جلد اچ، چنڊَ رات آ منٺڙا،
هر خوشي بي ثبات آ منٺڙا.

مون ۾ تنهنجي چپن ڪئي پيدا،
آرزوءِ ثبات آ منٺڙا.

جڙ انهن ۾ پِني پِني ڪائي،
بُوءِ آبِ حيات آ منٺڙا.

گل چٽن ٿا شراب ٿو چُلڪي،
چا سندءِ بات بات آ منٺڙا.

جا سندءِ زُلف ۾ وجي وِچڙي،
بس اها رات، رات آ منٺڙا.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح جي گوشۂ محبت ۾،
وسعتِ ڪائنات آ منٿڙا.

هڪ ثبوت ثبات شاعر وٽ،
آرزوءِ ثبات آ منٿڙا.

جُستجوءِ نجات ۾ حائل،
آروزءِ نجات آ منٿڙا.

هي ازل کان ’اياز‘ آندي آ،
ڏِس اها لات ڏات آ منٿڙا.

♣

اي سراپا شباب، ويجهو آءُ!
مثلِ شعر و شراب، ويجهو آءُ!

ڪيترو وقت آ خدا معلوم،
هي جهانِ خراب، ويجهو آءُ!

مَرمَرين جسم، اَحمرين اکڙِيون،
هاءِ! تنهنجو شباب، ويجهو آءُ!

شبنم آلود لب ڪٽي مون وٽ،
مثلِ برگِ گُلاب، ويجهو آءُ!

سينۂ ساز تي هٽي مِضراب،
روحِ چنگ و رباب، ويجهو آءُ!

پابجُولان آ رخشِ عمرِ روان،
تون بہ تي همرڪاب، ويجهو آءُ!

ياد آيو 'اياز' کي هُو جسم،
اي شبِ ماهتاب، ويجهو آءُ!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تي سڏي ڪُوءِ يار، موٽي آءُ!
اي دلِ بيقرار، موٽي آءُ!

ساحل آسودگي، اڙي توبہ،
موجءِ بي ڪنار، موٽي آءُ!

منزلِ شوق ٿورو اڳتي آ،
آءُ، همت نہ هار، موٽي آءُ!

تو بنا ڪا خوشي مڪمل ناهہ،
آءُ اي دردِ يار، موٽ آءُ!

ڪنهن وساٽل چراغ جي خاطر،
اي شبِ انتظار، موٽي آءُ!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي پرين! هن جهانِ تنها ۾،
ڪير آ ڪنهن جو يار، موٽي آءُ!

منهنجي محبوبہ، منهنجي چاندوڪي،
مثلِ بوءِ بهار، موٽي آءُ!

سيرِ دير و حرم ’اياز‘ ڪري،
بهتر آ ڪُوءِ يار، موٽي آءُ!

♣

خبر ناهي تہ ڇو آهي ۽ ڇا آهي!
محبت زندگيءَ جي انتها آهي.

محبت ئي اسان جي منزل آخر،
محبت ئي اسان جي رهنماَ آهي.

اڄهو دار و رَسن جو ڪو پيام آيو،
ملي اڄ زلفِ جانان سان صبا آهي.

زمين جي تشنہ لب جنت پُڪاري ٿي،
ڪٿي هو باد و باران جو خدا آهي.

پوي ٿي ماڪَ، چانڊوڪي ٽڏيري آ،
”اياز“ اڄ رات ڪٿ هُو بيوفا آهي.

**گيڙوويس غزل**

♣

قدم قدم تي هجومِ رِندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،
ڪري ويو ڪير بارشِ مَيءِ، خمار آلود ٿيا زمانا!

شعورِ هستي جتي ڪٿي آ، شعارِ هستي ڪٿي ڪٿي آ،
پِيئو پيئاريو، جِيئو جيئاريو، مگر بہ اندازِ عارفانا!

اسان جو چاهيو تہ روح تنهنجو چپن مان چُوسي وٺون تہ ساقي،
گهڙي نہ گذري خلاف پنهنجي ٿيا سمورا شراب خانا!

ڪڏهن ڪڏهن موجِ مَيءِ مان اُڀري، خودي وري غرقِ جام ٿي وئي،
ڪندو رهيو ساحلِ تمنا، سوين اشارا، سوين بهانا!

مثال سيلاب وقت گذري، لٽي ڇڏيو قصر عاشقيءَ کي،
ڪٿَي جبينون جُهڪيون اَلائي، ڪٿي هيوَ سنگِ آستانا!

اڙي! اڙي! ترس ترس، ڪنهن کي، متائين تو بي خبر، نظر ڪر،
”اياز“ آ شاعرِ محبت، اڙي زمانا! اڙي زمانا!

**گيڙوويس غزل**

♣

ڏٺم آسمان و زمين، تون ڪٿي آن!
ڪٿي آنهِ منهنجا پرين، تون ڪٿي آن!

صراحي و ساغر ۾ خوشبو آ تنهنجي،
مگر اي مَيءِ آتشين، تون ڪٿي آن!

نئينءَ رات مون لَيءِ، نئون چنڊ آندو،
هزارين ڏٺا مون حسين، تون ڪٿي آن!

بغاوت ڪئي آ، مون دير و حرم سان،
جُهڪايان ڪٿي مان جبين، تون ڪٿي آن!

اسان جي هتي جامَئہ آدميءَ ۾،
ملاقات آ آخرين، تون ڪٿي آن!

چيو چنڊ ڪجهہ آسمان تان، ٻُڌو تو!
ڪٿي آن ”اياز“ حزين، تون ڪٿي آن!

**گيڙوويس غزل**

♣

اي دل زار، رُلائينم نہ ها،
منزلِ يار، ڀُلائينم نہ ها.

ڏينم ها يا تہ حياتِ اَبدي،
يا گھڙيءَ لاءِ گھرائينم نہ ها.

جي محبت کي گنھ ٿو سمجھين،
پو تہ انسان بڻائينم نہ ها.

زندگي هونءَ بہ وڃي گذري ها،
يا خدا! هوءَ ملائينم نہ ها.

جي ملايئہ تہ وڇوڙينم نہ ها،
جي وڇوڙيئہ تہ سِکائينم نہ ها.

زندگي چين سان گذري ٿَي "اياز"،
ڪاش، هي شعر ٻڌائينم نہ ها.

**گيڙوويس غزل**

♣

اَلائي وري رات ايندي، نہ ايندي،
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي.

پلي ڏي نہ ورندي، تمنا نہ ورندي،
پَئي دل اسان جي، اوهان کي سڏيندي.

بهار آيو آهي، اگر تون بہ آئين،
گلن سان محبت بہ جهولي پريندي.

سدا تنهنجو حسن و حيا ياد ايندو،
وري دل نہ ٻي ڪابہ مکڙي پَٽيندي.

وري تنهنجي در تي ”اياز“ آيو آهي،
سندس اک نہ ٻي ڪابہ چانئٺ چُميندي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

پئي ياد آيا فسانا اوهان جا،
نگاهون اوهان جون، نشانا اوهان جا.

اوهان جي خد و خال جا شعر ڳائي،
لُٽايا پئي ڪنهن، خزانا اوهان جا.

اسان لاءِ ڪنجِ قفس آه ڪافي،
اوهان جا چمن، آشيانا اوهان جا.

اسان ڪي چُڪي چاڙهٽي آهِ ساقي،
اوهان جو سُبو، باده خانا اوهان جا.

هُياسي اسان ڪنهن گهڙيءَ جا گداگر،
زمينون اوهان جون، زمانا اوهان جا.

”اياز“ آشنا ناهِ دير و حرم سان،
انهيءَ وٽ هيا آستانا اوهان جا.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪنهين سان تہ اوريان ڪنهين سان تہ اوريان،
حقيقت جون رمزون، مگر هوريان هوريان.

ڏيان آگ گرنار کي گاهي گاهي،
وري سِر وڍايان، وري چنگ چوريان.

وري، ها هُوري، هُو اِشارو اکين جو!
سچو عالمِ خير و شر جنهن تان گهوريان.

مه و ڪهڪشان تان جو مايوس موٽيس،
ڏنو آسرو ڪنهن اچي اوريان اوريان.

”اياز“ اج ڏيان هن کي نذرِ محبت،
ٻہ ٽي شعر جوڙيان، گليجي کيِ ڪوريان.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ازل کان هلي ڳالهڙي تنهنجي منهنجي،
حياتِ بشر هڪ گهڙي تنهنجي منهنجي.

زماني کان رهندا هميشھ نرالا،
خدا تنهنجو منهنجو خودي تنهنجي منهنجي.

پِري ٿو پَوَنر روز سورج مُکيءَ تي،
چمن ۾ هلي عاشقي تنهنجي منهنجي.

پيو چنڊ جنهن کي اجا تائين ڳولي،
ڪٿي آهِ سا راتڙي تنهنجي منهنجي!

محبت تہ آب حيات آهہ پيارا،
ٻُجهي چو نہ پو تَشنگي تنهنجي منهنجي.

محبت "اياز" آهہ زنجير، تنهن کان،
چڱي آهِ آزادگي تنهنجي منهنجي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

کري ڪير ٿو هي، پڪن مان پڪارون،
نہ منهنجو مليرآ، نہ ڪي منهنجا مارون!

رهي گونجندي ڪُوڪَ ڪائي فضا ۾،
اُڏامي ويون ڪونجڙين جون قطارون.

ورَهہ تنهنجي وستي وَرهيہ ٿيا وِساٽي،
ڪَٽي چٽنگ چوليءَ هليو ڪير پارون؟

وڃون ٿا پيا سِيرَ جي اڄ سهاري،
نہ ترهو ئي تاڙيو، نہ ڪي آهيون تارون.

”اياز“ ان سبب مَيءِ پرستي ڇڏيندو؟
ميان، تون بہ ڪنهن کي ڏِئين ٿو ميارون!

**گيڙوويس غزل**

♣

پرينءَ سان پَڪا ڪير ويهي اَڏي،
گهڙي لَئون لڳائي، هلون تا لڏي.

جُهڙاليون لڳائي وئين جيءَ ۾،
اڙي جيءُ آئين اسان جي تڏي.

اُتر ڪان اچي ٿي اُٺي جي هوا،
ڀَري آ، ڀَري آ، نصيحت نہ ڏي.

ميان، ڪير مَيءِ جون ميارون سَهي،
اسان کي ڇڏي ڏي، ڇڏي ڏي، ڇڏي.

نہ ٿيندي، نہ ٿيندي محبت فنا،
هلي آ، ڀلي وَيھ گوڏو گڏي.

”ڀِٽائي“ بہ هو ميڪدي ۾ ”اياز“،
ڏنائين ڀئي مَيءِ، اسان کي سڏي.

**گيڙوويس غزل**

♣

اکيون عاشقن جون اجايل اُجايل،
دليون درد واريون، دکايل دکايل.

هئي جاه و دولت جي ڪوڙي ڪهاڻي،
جهان ۾ رهيا نينهڙا ڪجھ نِڀايل.

خبر ناهہ اي دور تاريخ ڪيسين،
اجا خونِ انسان جَو رهندين اُجايل.

ڪٿي آنهہ ابر ڪرم تون ڪٿي آن؟
اڙي ڏس تہ ڇَهرا سِڪايل، سُڪايل!

ڪڏهن هاءِ ڏسنديون نظامِ محبت،
اکيون آس واريون، سِڪايل سِڪايل.

ملن ئي نہ ٿا اڄ تہ پيرا پنهونءَ جا،
ڪٿي آهہ هو ڪيچ، اي منهنجي آيل؟

ڪڏهن منهنجي خامين بنا ڏس تہ دنيا،
سوين تو ۾ خوبيون، هزارين خصايل.

**گيڙو ويس غزل**

♣

حسين هن جهان ۾ به ڇا ڇا هيا!
ڏنوسي ڇتائي ته پاڇا هيا!

ڇٽي گل ٽيا نيت خاڪِ چمن،
اهي رنگ و بُو اي خدا ڇا هيا؟

رباب شڪسته، ٻُڌائينم ها،
اهيَ نغمهء دلربا ڇا هيا!

جي منزل هئي واديء تيرگي،
ته هو ماه و انجم ڀلا ڇا هيا؟

هيا خوب نقش و نگار حيات،
مگر ڇا هُيا، ڇا هُيا، َڇا هُيا!

**گيڙوويس غزل**

هوائون، گهٽائون، فضائون، بهار،
اَلا ڇا هيا سڀ، اَلا ڇا هيا!

وفائون، جفائون، ادائون، حيا،
ڪرشما هيا خاڪ جا، ڇا هيا!

هيا نقشِ پا هن سفر جو ثبوت،
مگر نقشِ پا! نقشِ پا ڇا هيا؟

”اياز“ اڄ جُدائيءَ ۾ سوچيو پئي،
ملاقات جا ولولا ڇا هيا!

♣

هوءَ عشق و محبت جي دنيا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي،
آ ياد جنهن جي باقي، سا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

اڄ ياد اوهان جي آئي يا هر شيءِ تي ڇايو نُور مٺا،
يا صحنِ چمن مان بادِ صبا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

هاڻي تہ لهي ويو آ دريا، جنهن ڪشتي ڪشتي ڪئي پاره،
اي همسفرو، هوءَ موجِ بلا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

محفل نہ رهي، ساقي نہ رهيا، پيالا نہ رهيا، پياسي نہ رهيا،
اي شمعِ سحر، ڇا رات اُها، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

سا رات نہ آ، برسات نہ آ، سا تن ۾ ڪنهن جي تات نہ آ،
او ديوانا، او ديوانا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڏينهن هيا جو نينهن هيا، جو ڪنهن جي سونهن ورونهن هئي،
نہ رهي، نہ رهي، نہ رهي، او اَلا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

نہ رهي سا ڪيف و سرمستي، آ سرد محبت جي بستي،
اج مَيءِ ۾ ناهي سا معنيٰ، گذري بہ وئي گذري بہ وئي

اي ابر ڪرم، تنهنجا سائل، توڏانهن تڪيندي رهجي ويا،
بدليَ نہ هوا، ڇائي نہ گهٽا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

ڪنهن ڪاڻ ٻڌي ڪنهن ڪاڻ ٻٽي، توڙي ويو عرش و فرش لٽي،
ڪنهن جي دل مان نڪتي بہ صدا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

هيءَ دنيا آهہ سراءِ پرين، آياسي پل جي لاءِ پرين،
هر چيز هتان جي پيار سوا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

جيڪا بہ گهڙي توسان گذري، آ ياد انهيءَ جي پيارَ پري،
مان ڪيئن چوان منهنجا پيارا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

اي دوست، بهار وري گل ڪيا، جُهڙ ڇايا، پيمانا ڇلڪيا،
هوءَ بادِ خزان بہ رهي نہ سدا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

ڏک گهوري مون سُک ورتا ها، ڪنهن پياري جا، جڳ ساري جا،
پڇ ئي نہ ”اياز“ اِهي ڏکڙا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

گيڙو ويس غزل

♣

شب تاريڪ کان تاريڪ تَر آ زندگي منهنجي،
ڪِٿي آهين اڙي او روشني، او روشني منهنجي!

صدين کان روح آ پٽڪيو پئي تنهنجي تمنا ۾،
اَلائي ختم ٿيندي يا نہ، هيءَ آوارگي منهنجي.

ائين ڇو دور ۽ مجبور آهيون گرچہ ڄاڻون ٿا،
تہ مان هان زندگي تنهنجي ۽ تون آن زندگي منهنجي.

سوين فانوس دنيا ۾، جلايا ويا، وسايا ويا،
اهائي روشني منهنجي، اُها ئي تيرگي منهنجي.

خدا معلوم تنهنجي آستان تي ڪير ٿو پهچي،
مگر دير و حرم جي ڏس نہ ڪئي ڪا رهبري منهنجي.

”اياز“ اڄ آسمان ۾ ڪونجڙين جي قافلن کي ڇو
سڪوتِ شام ۾ ڏسندي رهي بيچارگي منهنجي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

محبت جا اوهان ڪان راز، جي هردم ڇپاياسي،
ڪياسي شعر ۾ ظاهر، سڀ جي جڳ لاءِ ڳاياسي.

ٽڙياسي دامنِ صحرا تي، خوشبو ئي اجائي وئي،
خدا معلوم ڪنهن رنگين چمن ۾ چو نہ ڄاياسي.

ازل ڪان ڪائي جُوءِ عشق، پئي ڇوليون هٽي، جنهن ۾،
ڪئي سي ڪشتيءِ دل چُور، لڙهندا پار آياسي.

ڪڏهن ايندءُ اُڏامي، جو اکيون آسائتيون ڏسنديون،
اوهان جي ياد سان هي سرد آڪيرا وَساياسي.

خدا معلوم هِن کي جستجو، ڪنهن چيز جي آهي،
نہ آيو چين ڪو دل کي، سوين حيلا هلاياسي.

مليو اهڙو نہ ڪوئي همسفر، جيڪو ٻڌائي ها،
وڃون ڪيڏانهن تا بي خود، هتي ڇا لاءِ آياسي.

محبت هئي، تمنا هئي، جواني هئي، حياتي هئي،
”اياز“ احساس ڪنهن بيحس، حَسين تي ڇو وڃاياسي.

**گيڙوويس غزل**

♣

نہ ماهتاب، نہ هُو آفتاب آ، سائين!
مگر ”اياز“ ڪيو انتخاب آ، سائين!

اسان جي روح ۾ جنهن جي نفيس خوشبو آ،
اهو بدن بہ مثالِ گلاب آ، سائين!

اسان سوال ڪيو هو خدا بہ آهي ڇا؟
اوهان جو حُسن انهيءَ جو جواب آ، سائين!

اوهان جو شوق بجا نغمہء مسرت لَيءِ،
اسان جي دل تہ شڪستہ رباب آ، سائين!

اهو ”اياز“ وڏو بي حجاب آ، جنهن هئن،
رخِ حيات ڪيو بي نقاب آ، سائين!

**گيڙو ويس غزل**

♣

مان نہ نڪتو هوس، ڪنهن محتاج ٻاڏايو هيو.
ڪنهن چيو ٿي، ڪلهہ سنڌ ۾ در تي خدا آيو هيو.

بارها مون هن سفر ۾ راهہ بدلائي هئي،
بارها هر رهنما ڪان جيءُ گهٻرايو هيو.

اي خوشي، تون زندگيءَ ۾ ڪيترو اڻ ـ لڀ هُئينءَ!
مون تہ سارو وقت غم سان جيءُ بهلايو هيو.

زندگي آ جستجو ۽ جستجو آ زندگي،
ڄڻ تہ پائي مون پرينءَ کي پوءِ پڇتايو هيو.

چانوَ ڪڪريءَ جي هئي، ڪن پل خوشي پنهنجي ”اياز“،
هاءِ ترسايو هيو جنهن، پر نہ برسايو هيو.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اسان سمجهيو تہ وندرايون پيا ٽا روح کي کن پل،
نہ ايندو چين هِئن تو بن، هُئي اهڙي نہ ڪنهن کي ڪَل.

ڪٽي آيون وري هو ياد، ڪنهن گذري محبت جي،
اوهان جي پار جون هِيرون، اوهان جي ديس جا بادل.

اسان کي ڪا شڪايت ناهہ، تنهنجي بيوفائيءَ جي،
مٺا سائين! مٺا سائين! تون سڏڪا روڪ، ڳوڙها جَهل.

بهارِ بي خزان آهي، اوهان جي حسن جي دنيا،
حياتِ جاودان آهي، اسان جي عشق جو پل پل.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

نئين تمنا، نئون ترانو، نئون چمن لاءِ آشيانو،
نہ هو قفس آ، نہ آب دانو، اُڏام ساڳيو نہ آ زمانو.

ازل ابد سمجهہ ۾ نہ ايندو، نہ سمجهبو آهہ ڇا زمانو،
اچو تہ بدلائجي زمانو، اچو جوانو، اچو جوانو!

هتي سوين رِند روز آيا، نوان نوان دور جن هلايا،
نہ آهِ قدرت ڪڏهن بہ خالي، ڪليو پيو آ شراب خانو.

صديون جهلڪ ليءِ جهُڪي ڪيا تو هزار سجدا، نہ سمجهندين تون،
نِگار ڪان بي نياز آهي، ائين هلي ٿو نگارخانو.

”اياز“ ڪنهن جي سُرود سان رات، روح ۾ تازگي اچي وئي،
ٿيو فلڪ تي وري ستارن جو جُهومندو قافلو روانو.

**گيڙو ويس غزل**

♣

قيدِ هستيءَ کي ڪيئن ڏاهيان مان،
مارئيءَ جي پڪار آهيان مان.

اڄ تہ ٿڪجي پيو هان، چؤ ڪيسين،
زندگانيءَ جو ڳاهُہ ڳاهيان مان.

ڪنهن گلِ نوبهار سان گڏجي،
آشيانو الڳ ٺو ٺاهيان مان.

زندگي ٿي وئي آ منٺڙو گيت،
ڪنهن ڪنول سان پيو نباهيان مان.

عمر گذري وئي ”اياز“ اَلا!
مون نہ ڄاتو تہ نيٺ ڇاهِيان مان.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

دنيا خيال دوست مٿائي سگهي، تہ ڪيئن!
هيءَ تشنگي سراب بُجهائي سگهي، تہ ڪيئن!

جاچي ڏٺم تہ خواب هيون سڀ حقيقتون،
ڪو خواب جو خيال مٿائي سگهي، تہ ڪيئن!

ساحل ۾ جيڪڏهن نہ اُها دلڪشي رهي،
ڪو ڪشتيءِ شڪستہ هلائي سگهي، تہ ڪيئن!

هي مسئلو نئون تہ نہ آ، منهنجي روشني!
يعني چڪور چنڊ کي پائي سگهي، تہ ڪيئن!

دل تي بہ چار صورتون، اُڪري ويون ”اياز“،
طوفانِ وقت تن کي مٽائي سگهي، تہ ڪيئن!

**گيڙوويس غزل**

♣

بي ڪيف آ فضاءِ گلستان، ڪڏهن تہ آءُ!
اي موسمِ بهارِ گريزان، ڪڏهن تہ آءُ!

تولاءِ ڪالهہ رات ڏنو جامِ مَيءِ پيام،
ناياب آهي راحتِ انسان، ڪَڏهن تہ آءُ!

چؤطرف آشيان جي گهٽائن جو آ هجوم،
تنها ڦري ٿي رحمتِ يزدان، ڪڏهن تہ آءُ!

آئينہ خانو آهہ جهان تنهنجو تون ڪٿي!
تو لَيءِ تڪي ٿي ديده حيران، ڪڏهن تہ آءُ!

پٽڪي پيو ”اياز“ سرابِ حيات ۾
اي دوست، مثلِ چشمہء حيوان، ڪڏهن تہ آءُ!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ايندي آ ياد صورتِ جانان، ڪڏهن ڪڏهن،
ٿيندي آ منهنجي دلَ بہ گلستان، ڪڏهن ڪڏهن.

هن ڪشتيءِ شڪستہ کي ارمان سان ڏسي،
ايندو آ ياد منظرِ طوفان، ڪڏهن ڪڏهن.

من ئي منجهي پيو آ غمِ روزگار ۾،
ڇوڙي تہ آءُ زلفِ پريشان ڪڏهن ڪڏهن.

جاڳائجي ڪريم کي، ٽڪرائجي ”اياز“!
جامِ شراب عرشِ بَرين سان ڪڏهن ڪڏهن.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

مثلِ بُوءِ بهار آئي آ،
جنهن بنا زندگي اجائي آ.

تنهنجي اکڙين جو مَيءِ وَسائي آ،
مست و بيخود سڀ خدائي آ.

هر ستاري ۾ ساھ اٽڪيو آ،
اِئن بہ ڪاٽي شبِ جدائي آ.

رات پر آ ”اياز“ چنڊ چڪور،
سو بہ جي رات ڪا سُهائي آ.

**گيڙوويس غزل**

♣

بيابان تي چو سوين ماه و انجم،
تجيلون لٽائي ويا، ڪير سمجهي.

سوين خاڪ ۾ لاله و گل ڇُپي ويا،
صبا ڪي لنوائي ويا، ڪير سمجهي

مسافر سوين ڪاروانِ عدم جا،
ڪٿي سڀ اَلائي ويا، ڪَير سمجهي.

پرين جو نگاهون جهڪائي هليا ويا،
اَلا روح گهائي ويا، ڪير سمجهي.

حياتِ گريزان، سراب مسلسل،
ازل ڪَان اُجائي ويا، ڪَير سمجهي.

**گيڙو ويس غزل**

اڇي ننڍ ۾ هو نماڻي نظر سان،
سُتن کي ستائي ويا، ڪير سمجهي.

ملائي ويا روح ۾ شهدِ شيرين،
مِٺيءَ سان مچائي ويا، ڪير سمجهي.

سوين لعل و گوهر، گداگر اوهان جي،
لبن مان لِڪائي ويا، ڪير سمجهي.

نصيحت ڪري هاءِ نادان ناصح،
ذڪين کي ذڪائي ويا، ڪير سمجهي.

تغافل شعار اڄ نگاهہ ڪرم سان،
”اياز“ آزمائي ويا، ڪَير سمجهي.

♣

ڪجھہ راھرو نڪري ويا، ھر ڪاروان ڀُنتي ڇڏي،
مُنھن تي مِٽي، گُل جھول ۾، ڀُھتا پرينءَ جي پار ڏي.

ٺُون نِنڊ ۾ ٺُون جاڳ ۾، تنھنجي لڳن ۾ مَن مگن،
ھر رات تو لَئہ ٿي رڙي، ھر صبح توکي ٿو سڏي.

ھي يادگيريون يار جون، ھن ساھہ جي سينگار جون،
گويا سوين تارا ڳتيون پڪڙڻ لڳا منھنجي تڏي.

ھي جام آ، منھنجو خيالِ خام آ، بدنام آ،
جُڳ جُڳ جِيئين، جي تون پِيئين، ڊُڪ ڊُڪ ڇڏي توکي اڏي.

گيڙوويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

سانوڻ آيو، وڻ وڻ تي آ ساوَڪ ۾ سَرهائي،
من جي مُڪڙي جو مُرجهائي، وري نہ ٿي سا سائِي.

هي خاموشي، سَرد هوا، ٿي تير ڪشي تنهائي،
مَن جا گهاوَ پيا اڄ اُڪلي، ياد اوهان جي آئي.

ڪنهن ڪنهن اُن ۾ پاتو آهي تنهنجي من جو موتي،
سمنڊ کان گهَري آهي تنهنجي اکڙين جي گهرائي.

ڪن جون اکڙيون سڪٽيون سڪٽيون جڻ پينوءَ جو پاند،
تنهنجون اکڙيون مَيءِ جا پيالا، سخا ڪرن سُرهائي.

ڪنيڙاٽيون کوهيندا، هڪبئي کي ٻہ ڏسن ٿا، پو پيي،
مَڇ مٿان چو آهہ پتنگن ايڏي پِيڙ لڳائي!

**گيڙو ويس غزل**

رات اسان جي روح ۾ ڪوئي راڳ ازل کان آيو،
آڳ اُلا هو سارو تن من، ڳالهہ اوهان جي ڳائي.

رات اسان جي ذات ڏسين ها، پُرجهي پاڻ چوين ها،
گيت جي هر هڪ ٻول ۾ ڪئن هيءَ جڳ — سُندرتا آئي.

هيل ’اياز‘ سڄڻ کي ساريو سي ساري سانوڻ ۾،
مِينهن اسان لئہ نِينهن نہ آندو، منڙي نانهہ نيائي.

♣

تنهنجي من ۾ منهنجو ديرو، منهنجي ۾ تنهنجو آکيرو،
تون منهنجي آن توڙي اُجلي، مان تنهنجو هان توڙي مَيرو.

رات گذاريون روئي روئي، هتي نہ آهي پنهنجو ڪوئي،
ڪڏهن پرين پرديسي منهنجا، ٿيندو آخر صبح سويرو.

راڳ ۾ ڪنهن هي آڳ پري آ، ساري جڳ جي جاڳ پري آ،
ڄڀيون لڳيون ڄَرڪڻ جو من ۾، جلڻ لڳو جو آهي جَيرو.

ننڊ ۾ سڀ مَيءِ جا متوالا، ڇهه سڀ پياسا، ڇيهون پيالا،
سُرت سمجهہ سان ميخاني ۾، آيو آهي ڪير اويرو.

رات اسان رابيل سنگهي سي، هن جي تن سان ڀيٽ ڪئي سي،
رَنگ روپ ۾، وَن واس ۾، منڙو يارُ "اياز" مٺيرو.

**گيڙو ويس غزل**





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تون جلوي تي جلوو آن، مان جذبي تي جذبو هان،
ڏاپي نہ ڪڏهن تو مان، هيءَ چشمِ تماشائي.

جڙ منهنجي سڄي هستي، مُرڪي اُتي لحظي لَيءِ،
او ياد سنڌءِ آئي، او ياد سنڌءِ آئي!

مان ديس ۾ پرديسي، مان ساٿ سان بي ساٿي،
اي دوست، نہ پڇ منهنجي، هن وقت اڪيلائي.

هن ساز ۾ او سائين، سَؤ گيت هيا ليڪن،
ڪٿ اُن جا ٻڌڻ وارا؟ ڇاتي وڄي شهنائي!

ڇا دور رکي سگهندي، ديوار سياست جي؟
مان تنهنجو تمنائي، تون منهنجو تمنائي.

ڪنهن راڳ لتاڙيا تي، چُپ ڪيئن رهئين، شاعر!
تو آگ نہ آلاپي، تو باھ نہ ڀڙڪائي!

**گيڙوويس غزل**

♣

بي زباني زبان آ، پيارا!
درد جو داستان آ، پيارا!

تون قريب آنهه، چاندني رات آ،
ڪهڙو پيارو جهان آ، پيارا!

تنهنجو بي ساختہ تبسم آ،
نانءُ جنهن جو جهان آ، پيارا!

زندگي حسن جي حڪايت آ
يا سنڌءِ داستان آ، پيارا!

تون جتان جو مه منور آن،
سا زمين آسمانَ آ، پيارا!

ڪوئي ڪنهن جو نہ آهہ دنيا ۾،
ڪهڙو تنها جهان آ، پيارا!

تو اڳيان آ ”اياز“ ڪئن خاموش!
هو تہ جادو بيان آ، پيارا!

**گيڙو ويس غزل**



♣

جيڪڏهن تنهنجن طلبگارن مان آ،
اجنبي هوندي بہ ڄڻ يارن مان آ.

پاڻ کان پيارو اسان پانيونس ٿا،
اي پرين! جي ڪو سنڌءِ پيارن مان آ.

هن زمين تي ڪوئي ڪوئي آدمي،
ڄڻ ڳتين مان آهِ يا تارن مان آ.

جنهن محبت ناهہ ڪئي، سو اي ”اياز“،
زندگانيءَ جي گنهگارن مان آ.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪيرُ هن حال جو سبب آهي؟
ڪاٿي آهي، جي تنهنجو رب آهي!

نعمتون بي حساب سانڍي رک،
منهنجي مانيءَ ڳيو طلب آهي!

نوعِ انسان سان ايترو انڌير!
پو بہ آهي خدا؟ عجب آهي!

چاندني رات کي ”اياز“ ڏسي،
ڪجھہ ميان ٿو تہ ڪوئي رب آهي!

**گيڙوويس غزل**

♣

مسلڪِ زندگي اجا تائين،
ناهہ سوداءِ خام ڪان بهتر.

آهہ هڪڙي گهڙي محبت جي،
زندگيءِ دوام ڪان بهتر.

هن جهانِ خراب ۾ چا آ،
ذوقِ مينا و جام ڪان بهتر!

ڪوئي شاعر اجا تہ جانِ ”اياز“،
ناهہ تنهنجي غلام ڪان بهتر.

**گيڙوويس غزل**

♣

اسان جي دل اوهان جو حسن، جي ملندا، تہ چا ٿيندو!
ڪٿي جنت ڪندا آباد پنهنجي ڪا، تہ چا ٿيندو!

جهانِ نوا اوهان جي زلف ِ برهم جا هي سودائي،
جڏهن دار و رسن تي جهَومندا ويندا تہ، چا ٿيندو!

خوشيءَ جا راڳ ڳائيندا بہ ڪيسين آشيان وارا!
قفس آه و فغان سان گونجندا رهندا، تہ چا ٿيندو!

اسان جو عشق هاڻي مثلِ موجِ پرسڪون آهي،
اگر اُتلي پيو هُو حسن جو دريا، تہ چا ٿيندو!

جڏهن تون دور آهين، ايتري بي چين آهي دل،
قريب آئين اگر تون اي پرين پيارا، تہ چا ٿيندو!

اجايو زندگانيءَ پر سپون سُونجهيون سي ساحل تي،
نہ ملندو جيڪڏهن هو گوهرِ يڪتا، تہ چا ٿيندو!

وطن تنهنجي تصور جو ”اياز“ آخر ڪٿي آهي،
چئي ڏيندين اگر پڇندا وطن وارا، تہ چا ٿيندو!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٻي خبر ناهہ، پر مَرڻ کان پوءِ،
توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.

جام و مينا رهي، رهي نہ رهي،
منهنجي اکڙين جون عادتون رهنديون.

زندگي تلخ آ، هجي تہ هجي،
روح ۾ سوَ ملاحتون رهنديون.

سرحدِ غم قريب آ، اي دوست!
ساٿ ڪيسين محبتون رهنديون.

تنهنجي پهلوءَ ۾ ڪيستائين دوست!
ابنِ آدم جون جنتون رهنديون.

شاهَہ کان پوءِ اي ”اياز“ ٻڌاءِ!
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون!

**گيڙو ويس غزل**

♣

فيض آ ڪنهن جي آشنائيءَ جو،
زندگي سَير آ سُهائيءَ جو.

ساري انسان ذات کان بهتر،
ڪوئي محرم شبِ جدائيءَ جو.

تو هلي ذڪر آسمانن ۾،
آه جي عزمِ نارسائيءَ جو.

چئن اکڙين ۾ برق چَمڪي ڪا،
ويو کلي راز آشنائيءَ جو.

**گيڙوويس غزل**

♣

چا چوان آ ڪير مهمان، اي اديون!
آ اڱڻ ۾ چنڊ مون سان، اي اديون!

رات پَر منهنجي ڪٺولي تي، مٺان،
چنڊ گُهوريو ٿي عجب مان، اي اديون!

نِينهن آيو مِينهن وانگر، هاءِ هاءِ،
پيو ٽِڙي دل جو گلستان، اي اديون!

هاءِ مان هن کي ڏيان ڪهڙي ميار،
ڪنهن نپايو ناهه ڪنهن سان، اي اديون!

زندگي ڪاريون گهٽائون ٿي وئي،
حال هن جو هو پريشان، اي اديون!

**گيڙوويس غزل**

حاصلِ صد زندگي آهي اگرچ،
بي وفا آ عمرِ انسان، اي اديون!

هي سُڪوتِ شام ۾ هي ڪونجڙيون،
هي اڪيلو روحِ انسان، اي اديون!

سنڌ جو هي شاعر يڪتا ”اياز“،
آهِ ڪنهن جي ليءِ غزَل خوان، اي اديون!

♣

ها آءُ گنهگار، گنهگار، گنهگار،
مون پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار ڪيو، پيار.

تون نُور بہ آن، دور بہ آن، چنڊ بہ ناهين،
سرهاڻ بہ آن، ساڻ بہ آن، گل بہ نہ آن يار!

تون زلف لب بام وڇائين نہ وڇائين،
آ هِي بہ غنَيمت تہ هجي سايہء ديوار.

هي غنچہ و گل، هي مه و انجم، هي مَيءِ و جام،
بس آهہ گهڙيون چار، ميان آءُ، اڪيون ٿار!

پُر آهہ مَيء حُسن سان ميخانہءِ هستي،
تون پيءُ سدا جيءُ، ڪڏهن ٿيءُ نہ هُشيار!

**گيڙوويس غزل**

تي ساھہ تيو پاھہ، اسان پور ڪنئي سي،
اي حسنِ ازل تنھنجا تہ پرپور ھا پندار!

معلوم نہ آ منزل ادراڪ مسافر،
جي پيار ڪري چانوَ ذرا ويھہ، گھڙي گھار.

ساحل بہ نہ گھرجي، تہ سفينو بہ نہ گھرجي،
تون آءُ اچي تار، اچي تار، اچي تار.

ھن ڪي تہ چڏي ڏينس، پيئڻ لاءِ جيئڻ لاءِ،
ھي شاعرِ آفاق "اياز" آھہ، اڙي يار!

♣

اي اسيرانِ شب ٻڌو مون کي،
ڪنهن جي زلفن جو داستان هان مان.

غم نہ ڪر هن جهانِ تيره ۾،
چانڊني! تنهنجو پاسبان هان مان.

دامنِ تَر تي وڃ نہ اي واعظ!
چشمِ فطرت جو رازدان هان مان.

گرچہ ڪک پن هان، باغ هستيءَ جو،
پو بہ تنهنجو ئي آشيان هان مان.

ڪنهن نئين آفتابَ جو پيارا!
هڪ شفق۔ رنگ داستان هان مان.

ڪيئي ميخانا پي ويو آهيان،
تنهنجي اکڙين جو امتحان هان مان.

اِئن سندءِ آرزو پَئي مهڪي،
چرڻ تہ مکڙين جي درميان هان مان.

**گيڙو ويس غزل**

♣

دل افسرده جون تمنائون،
هُوَ سراپا بهار ڇا ڄاڻي!

جو گهٽائن جي روح تي گذريو،
پندِ پرهيزگار ڇا ڄاڻي!

تنهنجي قدمن جي بي نيازيءَ کي،
سجدهٔ رهگذار ڇا ڄاڻي!

آرزويءِ ثباتِ ساحل کي،
موجۂ بي ڪِنار ڇا ڄاڻي!

موج مَيء تي روان آ ڪشتيء عمر،
حسنِ معصومِ يار ڇا ڄاڻي!

منزل زيست اشڪِ خونين آ،
ڪارَوانِ بهار ڇا ڄاڻي!

خلشِ حسرتِ گناه سندم،
تنهنجو پروردگار ڇا ڄاڻي!

**گيڙو ويس غزل**



♣

ڪجھ بھارن ۾ گل چنا ها مون،
خلشِ نوڪِ خار باقي آ.

ڪاروانن ڪي ڪير ٿو ڳولي!
ڏِس تہ ڪنھن جو غبار باقي آ!

تون ملي وئين اگرچہ ڇھري تي،
گردِ ليل و نهار باقي آ.

توسان گڏجي ڪِليس پر اکڙين ۾،
اشڪِ بي اختيار باقي آ.

مدتون ٿي ويون اجا تائين،
بُويِءِ پهلوءِ يار باقي آ.

اڄ هو راتيون ڪٿي ”اياز“ مگر،
يادِ گيسوءِ يار باقي آ.

**گيڙو ويس غزل**




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

رنگ و بُو جا غبار هوندا ها،
همسفر ڄڻ بهار هوندا ها.

هاءِ سا رات، جو سندءِ گيسُو
ساهَہ ۾ مشڪبار هوندا ها.

هاءِ سو صبح جو سندءِ عارض،
قاصدانِ بهار هوندا ها.

هاءِ ڪئن گردنِ محبت ۾،
آرزوئن جا هار هوندا ها.

اڄ انهن جي چپن تي آهي رڪ،
جي ضميرِ شرار هوندا ها.

تن تي افسردگي وسي ٿي ”اياز“،
جي خدايءِ بهار هوندا ها.

**گيڙوويس غزل**

♣

آرزوءَ مان نجات ڪا معلوم؟
زندگي تنهنجي ذات نامعلوم!

گل ٽڙن تا ڇٽي وڃڻ جي لاءِ،
مدعاءِ صبا خدا معلوم!

موجءِ خواب تي روان آهيون،
انتها آ، نہ ابتدا معلوم!

هيءَ لڳاتار جستجو ڇالاءِ!
نيٺ ڇا آ نجات، نامعلوم!

ڄڻ ابد تائين آ جلڻ ۽ جاڳ،
خوابِ هستيءَ جي انتها معلوم!

آئي ٿي ڪفر جي پني خوشبو،
شعر ٿيا ٿي ”اياز“ جا معلوم!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

موجِ مَيءِ تي روان دوان ڪوئي،
آھہ سھڻو سڄڻ اجان ڪوئي.

صحن منھنجي ۾ آھہ چاندبوڪي،
آيو آھي پريان پريان ڪوئي.

ميڪده ۾ اچي مُجسم ٿيو
تنھنجي اکڙين جو داستان ڪوئي.

بوءِ مَيءِ سان غبار راھہ پري،
جُھومندو آيو ڪاروَان ڪوئي.

ھن زمين کان وڌيڪ سھڻو آ،
زاھدا! ڏَس تہ آسمان ڪوئي.

بھتر آ بيت ڪنھن بہ آيت کان،
شرط رکندو ”اياز“ سان ڪوئي!

**گيڙوويس غزل**

♣

زندگيءَ جي غمن تي ڇانوَ اگر،
نہ ڪري تنهنجو غم، ويچان ڪيڏانهن!

تنهنجي اکڙين جي زير سايہ هان،
محوِ خوابِ عدم، ويچانَ ڪيڏانهن!

منهنجا معبود! تون ڪٿي آهين؟
ڇڏي دير و حرم، ويچان ڪيڏانهن!

مختصر آهَ ۾ اگر نہ ٿئي،
داستانِ الم، ويچان ڪيڏانهن!

نہ ڪيو قدر سنڌ هاءِ ”اياز“،
خونچڪان آ قلم، ويچان ڪيڏانهن!

**گيڙوويس غزل**

♣

تنهنجي اکڙين مان پيتي آ جنهن مَيءِ،
سو سدائين خمار ۾ آهي.

تنهنجي مُکڙيءَ مان جنهن چڳيون مُکڙيون،
سو هميشه بهار ۾ آهي.

هاءِ تنهائي! تنهنجو وهم حَسين،
چڻ تہ ڪوئي ڪنار ۾ آهي.

سو مزو گلشن جهان ۾ ڪٿي،
جو دلِ دَاغدار ۾ آهي.

ڪيتري سادگي ۽ محبوبي،
هن تغافل شعار ۾ آهي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

نہ ڇڏيندو ائين غم دوران،
هو صراحي ڀري، ڪٿَي آهي!

اڄ تہ ڪائي خلش نہ آ دل ۾،
ناوڪِ دلبري ڪٿي آهي!

ياد جنهن جي اچي پئي پل پل،
سا خوشيءَ جي گهڙي ڪٿي آهي!

آخر انسان جي منزل مقصود،
اي خدا! اي خودي! ڪَٿي آهي!

ساحلِ آرزو ملي نہ ملي،
هوءَ حَسين موج ڀي ڪٿي آهي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

رات جي وقت تنهنجي عرياني،
پرتوِ ماهتاب آ گويا!

اِئن ٻَري تو بهار ۾ هر گُل،
ڏس تہ تنهنجو شباب آ گويا!

حسن تنهنجو اسان جي حيرت جو،
هڪ مجسم جواب آ گويا!

تنهنجي اکڙين مان تشنگي نہ ٻُجهي!
ساري دنيا سراب آ گويا!

شام جو لهندي سج جي پردي ۾،
ڪوئي غرقِ شراب آ گويا!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ڪنهن ڪنول کي چميو هيو مون رات،
هڪ منو گيت تي لڳي پرڀات.

مُشڪ ٻُو تي ويو هو منهنجو صحن،
تنهنجي زلفن ۾ ليٽي پئي هئي رات.

مان ستارن جي سونهن ڪان وڇڙي،
ماڪَ وانگر ڪئي بَسر اوقات.

هيءَ سرءُ جي اُداس چانڊوڪي،
رات خاموش، جيءَ ۾ جذبات.

ڪوئي غم مان فرار ناهه ”اياز“،
جڙ محبت ٻه ٿي وئي آ مات.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

چنڊ! تنهنجي ننڊ توکان ڪنهن کسي،
چنڊ! توکي گهاوَ ڪنهن جا گهائي ويا.

رات اُڏري روح منهنجي مان چڪورَ،
ڳائي ڳائي چنڊ کي رِيجهائي ويا.

او ڪلڻ وارا! ٻہ ٽي مڪڙيون تہ ڏينم،
پاندَ سيئي تو وٽان مهڪائي ويا.

هڪ گهڙيءَ ۾، اي پرين! تنهنجا ڪنول،
آگ ڪائي جڙ لڳن ۾ لائي ويا.

راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نہ ڪِيو،
اي پِرھ! تنهنجا پکي سمجهائي ويا.

**گيڙوويس غزل**

♣

زندگيءَ جي رُج ۾ زخمي هَرڻ،
تا پُڪارن، ڪو وڃي پاٽي پرڻ.

ٿو وڃان ترهو تصور جو ڪٽي،
اي ازل! مان تار تنهنجي ۾ ترڻ.

چنڊ هڪڙي ڳالھ ڪئي مون کي ڳجهي،
مان تڏهن توتي ڪِلان ٿو اي مَرڻ!

تند منهنجي چنڊ سان لائون لهي،
جهومندي نچندي لڳي واپس ورڻ.

راڳ ڪائي آڳ ٻاري آ ”اياز“،
ڳائڻو جنهن ۾ لڳو ٻھ ٻھ ٻرڻ.

**گيڙو ويس غزل**

♣

اي صراحي پُڪار ڪو آهي؟
ميڪده هِئن خموش ڇو آهي!

هن جهانِ وسيع و تنها ۾،
ڪجھ محبت جو آسرو آهي.

ميڪدي جي اُداس سانجهيءَ ۾،
ڪير چوندو پيئڻ بُرو آهي!

هر تغزل پري تمنا جو،
لبِ محبوب قافيو آهي.

بهتر آهي وسامر شمعِ سحر!
ختم ٿي رات. سوجهرو آهي.

ڪاروانِ حيات ڪي ترساءِ،
هر مسافر ٿڪو ٽٽو آهي!

ان ۾ تنهنجي چپن جو آ ميٺاڄ،
شعر شايد ”اياز“ جو آهي.

**گيڙووِيس غزل**

♣

جيڪڏهن ڪو جلوه مستور آهه،
دور، شيخ و برهمڻ کان دور آهه.

گرچه روشن آ چراغِ جستجو،
مشعلِ ديرو حرم..........آهه.

ڏِس ته دنيا ڪيتري رنگين آهه،
خوفِ عقبيٰ ناهه، دل مسرور آهه.

هي جهان اي زاهدِ توبه فروش!
سايئه طوبيٰ ۾ رقصِ حور آهه.

زيست جي منزل ته آهي موت، پر،
زيست ڇا ڇا حُسن سان معمور آهه!

**گيڙوويس غزل**

تون ئي چؤ اي نيرا نيرا آسمان!
جي خدا آهي، تہ ڪنهن جو نُور آهہ؟

ڪُفر ۾ آ بُوءِ گل، رنگ حنا،
هر نفي مون لئہ پرينءَ جو پُور آهہ.

لرزه بر اندام آهہ متقي،
ڪفر منهنجو خنده منصور آهہ.

آهہ پُورو اهرمن – دشمن ’اياز‘،
گرچہ هُو يزدان – شڪن مشهور آهہ.

♣

ڪنجِ ويران وُسعتِ اَيام ۾،
سايہءِ مهتاب پنهنجي جام ۾.

مون شفق مان تي چڱا سورج مُڪي،
هو جڏهن آيو نقابِ شام ۾.

ڪنهن نہ چاتو، خوگر پرواز جي،
عمر گذري آرزويءَ دام ۾.

هاءِ سو پَل! ٿِي ڏسي خود کي جڏهن،
زندگي آئينہء انجام ۾.

هي شفق ۾ آشيان، هي سَرد واءُ،
اڄ تہ اُڏري آ سَرءُ جي شام ۾.

ڪجهه نه هو جو دارَ تي ڏوڙي ويس،
زندي گذرِي پئُي آرام ۾.

شب پرستو! ننڊ مان جاڳو اُٿو!
آفتاب آيو اسان جي جام ۾.

شاعر سَرمست آهيان، گرچه مان،
سَرمدَ و منصور عُرفِ عام ۾.

سو نه ’روميءَ‘ ۾، نه ’رازي‘ ۾ ”اياز“،
مون ڏٺو جو ’حافظ‘ و ’خيام‘ ۾.

♣

اکڙيون جو پل لئہ پوريون سي، ڪيئي پيارا ويجهو ها،
وڇڙي ويا جي ورهين کان، سي جيءَ جيارا ويجهو ها.

پو بہ اسان جي روح نہ پاتو ٻٽڪي ٻٽڪي چين،
تنهنجون اکڙيون مَڌ جون پياليون، ڪيئي سهارا ويجهو ها.

ڪيئن چوان ڇا لاءِ ڇڪن ٿيون، لهريون ۾ لس ليٿ،
پوءِ بہ اونهي سان اٿڪياسي، گرچہ ڪنارا ويجهو ها.

ڪيئن چوان او ڪيئن چوان، ڇا لاءِ ٿلياسي ٿانڊن تي،
جيءَ اسان جي ۾ هئي جهرمر، چنڊ ستارا ويجهو ها.

دور ويا مجبور هيا، ويا سپرين پنهنجو ساٿ ڇڏي،
پو بہ ”اياز“ اسان جي دل کي، هو دل وارا ويجهو ها.

**گيڙو ويس غزل**

♣

ڪُفر رنگين مان چِنان ٿو سُرخ قول،
زندگيءَ ڪي حسرتِ تزئين آهہ.

واءِ خوفِ آخرت، خوفِ خدا،
خوف ۾ توکي ملي تسڪين آهہ.

ماهتابِ! اي ره نوردِ آسمان!
تون ئي چؤ تنهنجو بہ ڪوئي دين آهہ؟

آهہ سڀ ڪجهہ هي جهانِ رنگ و بُو،
چو تہ اڄتي ڪِي نہ آهي، ’ڪين‘ آهہ.

چا ازل مثلِ گل نرگس ’اياز‘
حُسن پرور آ، مگر . . . . . . . . آهہ!

**گيڙو ويس غزل**

♣

زندگي گذري تلاشِ يار ۾،
ڪوچہ گرديءَ ۾، صدا ۾، سار ۾.

روز و شب جڻ ٿِي رهي ساغر بدست،
ڪائي صُورت ديدهء خُوبار ۾.

حسرتِ اقدار منهنجا اي پرين،
ڪنهن نہ جاچي جُرئتِ انڪار ۾.

ڏس تہ، پوکيندو رهيو آهيان گُلاب،
زندگي تنهنجي مُسرت زار ۾.

چنڊ ڇايو آهہ، ويٺو آ ’اياز‘،
ميڪدي جي سايہء ديوار ۾.

**گيڙوويس غزل**

♣

پوبون پهر، جدائي، جاڳَ،
اپ ۾ چندرما جي آڳ!

آس – اَسونهان، رڻ ۾ رات،
گهايل گهوڙا، بيوس واڳ!

جهاڳي آئي جيون – ناوَ
ڪيئي ڪارونيار اجهاڳ.

پهتا نيٺ ڪلالن – ڪوءِ،
پٽڪي پٽڪي منهنجا پاڳ.

تنهنجي ماندي باندي آءٌ،
امرت اوت، مُئيءَ جا ماڳ!

وِلهه ۾ وِينا چيڙ "اياز"،
پنيت بٽبا تنهنجا راڳ.

**گيڙوويس غزل**

♣

موتئي جون مالهائون، مُنڌ،
من_ مندر جي چانئٺ، شام!

سانوڻ جي مَڌ _ ماتي رات،
اُپ ۾ ڪيئي جلندا جام.

چنگ، چَڙا، چانڊوڪي، چيٽ،
سهٽي، سِير، مرڻ جي مام.

منُ راڌا جي روپ نہ آهہ،
تون تہ اهو ئي آهين شيام!

اُلري آءُ، ورهہ جا واڱهہ،
مَن جي بن تي چانئي شام.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهر رنگارنگ شفق،
پيجري ۾ پنڇيءَ جي شام.

چوڏاري سج ـ وَرني ريت،
پنهنجا واريءَ تي وسرام.

ساڳيو سامي ڪاپڙيو،
جنهن جا گيڙو گيت سٺيام:

جنهن جون وايون مِينهن ڦڙيون،
جنهن جا سُر ساوڻ جي شام!

شِوَ جو سِيس، نہ ـ ٿهندڙ نانگ،
تو ۾ آيا ڪيئن ڪلام!

جنم جنم جي جيت ”اياز“،
شاهہ، سچل، سامي، ڪجهہ نام.

♣

کھڙي ڪاريهر جو ڏنگ،
چورائي آيو آ چَنگ!

پي پي آيو سج سَروپ،
ڪوئي آڏوتي اَڙٻنگ.

مَن جو ڪارونيار ڪنڏيون،
سَرتي تنهنجو منهنجو سَنگ.

اج جو ڪائي بُوند پئي،
جيون ٿي ويو سُر سارنگ.

هاءِ ڪٿي هوءَ سِيرَ مُئي،
جنهن جي لاءِ رڙي ٿو ڪَنگ!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي لوئي لاکَ رتي،
مرندي مُنڌ، شفق جو رنگ.

سانجهي، مانجهي، ٻيٺ، ٻَگها،
پَر تي آگ مٿان آونگ.

سَري نہ پنهنجي سِير سواءِ،
ساموندٻيءَ جو ڪنهن سان سنگ!

هاٺي ڄاٺي ڪير، ”اياز“،
ڪهڙيءَ ڪُوڪ ڪڪوريو چنگ!

♣

نانگا، مِينھوڳيءَ ۾ مَڇ،
ڪاريءَ نانگڻ جھڙي رات!

مسجد، مندر سڀڪجھ رڪ،
جرڪي ٿي ھيءَ ڪنھن جي ذات!

واھَيري جي وَير، ھُڳاءُ،
آڪيري ڪي اوڏي لات.

برکا رُت جي ڏنڏلي باڪَ،
نيڻ ندوريءَ جا، برسات.

قيدي چِيتي جھڙو ڏينھن،
زخمي ھرڻيءَ جھڙي رات.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شاعر، باسي بيک،
اردوءَ جي اڌ ـ جُوٺي ڏات.

مذهب جي مرٽينگ ڪنيا،
ساڳيا ڪوڙ ڪھاڙا ڪات.

سنڌڙي، تنھنجو ساھ ”اياز“،
مَري نہ ٽِيڙو آھي مات.

♣

سچ پنڇي، يا پنڇيءَ جو-
وهندي پاٽيءَ تي پاڇو.

آيو آهين ڏينهن لٿي،
مَڌ پي ٽِڙندو ٽاٻڙندو.

ڪاري ڪٽڇيءَ جهڙي رات،
پريت اسان جي آ پيجرو.

وڻ وڻ تي ڪوماٽا ڪانوَ
پَن پَن ۾ پڙلاءُ نہ ڪو.

هڙي سانت، سرءُ جو واءُ،
چو نہ پِري آ پيالي تو؟

تن جي تؤنس سوا پي ميتَ،
ڪوئي ماڻهو ماڻهوءَ جو!

ڪير تتيءَ جا تاوَ سَهي،
ڇَن ۾ آهي چانوِرڙو.

—

**گيڙوويس غزل**

او مَڏ ماتا مِيت ڪوي!
آئين امرت اوتيندو.

پَلُ پَل وِهه جي آهه وَٽي،
مُڪَ مُڪ ۾ آهه زهر پريو.

پهتو تو وٽ چو نہ اُلاءِ،
جُوالا جيون جو ڦاٽو!

چنڊ تہ ملندو ڪونہ، چڪورَ
آءُ جهٽي ڪوئي ٽانڊو!

—

پنهنجي سياست باد_ فرنگ،
ڪوڙهيءَ پوڙهيءَ رنڊيءَ جو!

مذهب وينو پاڙ مَڪي،
چوراهي تي آ چَڪلو!

ڪهڙي ڪاڪ، اڙي ڪاٽا!
هي آ مومل جو ڪوٽو.

—

**گيڙو ويس غزل**

اڄ ڪائي گجگوڙ نہ آهہ،
سارو بن آ سانتيڪو!

شينهن مري ويا، باقي چيا،
هي پنهنجا پنجوڙ ڪٺو.

—

شايد ويهي چَپ ماري،
اڳتي ڪوئي آهيڙيو!

رهي نہ ڪائي چال چُپي،
ساري بنَ کي باهہ ڏيو.

—

سنڌڙي! تنهنجي سِينڌ ڏسي،
رات پٽائي گهوٽ رنو.

منهنجي مَن جي متيءَ ۾،
ڏاڙهونءَ جهڙو ڏنپ ڦٽو.

هِينئون گهايل هرٽيءَ جيئن،
سامهون سارو وارياسو.

—

**گيڙو ويس غزل**

وِڏوا جو مڙهہ آهہ ادب،
اڄڪلهہ سنڌي ٻوليءَ جو.

ويندو نيٺ وسامي، هاءِ،
ٽمڪي ٽمڪي ڪو ڏيئو!

ڪيسين جلندي رهندي جوت،
ويري جنهن جو واچوڙو!

ڪِرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن،
ماروئڙو! او ماروئڙو!

ٻولي گولي ناهہ، ”اياز“،
ان جو وَس فقط واڪو.

گيڙهوويس غزل

♣

او مَدّ ـ ماتا، هوريان هَلُ،
منزل آهي هرهڪ پَلُ.

منهنجي منهن تي تنهنجا هَٿ،
ٽِـڙندو آ جئن نِيل ـ ڪمل.

تياڳ ويا، ويراڳ ويا،
هئہ هئہ چوري تنهنجو ڇَلُ!

جنهن جيونَ ۾ مومل ناهہ،
تنهن جو ڪهڙو ڪاڪ محل!

سانجهيءَ ٽاٽيءَ پيءُ سَرو
تنهنجو ويري ٿئي وياڪل.

گيڙو ويس غزل



کنهن جي ناهي هيءَ سراءِ،
رات گذاريئہ، هاٽي هل.

ان تي مَدّ جو مِينهن وساءِ،
تِڙندو ٽانگڙ جئن پل پل.

اُڏري ڪائي لات ڪيان،
ڪيسين روڪيندو اَڙ - جَل.

تاڙي مارِ نہ، جي آيو
تنهنجي ماڙيءَ تي طوطل.

تنهن جيون ڪي آگ لڳاءِ،
جنهن ۾ ناهہ ڪرم جو ڦل.

ڪيچ هجي ڪيڏو بہ پري،
آريءَ پنڌان آءُ اٿل.

ٿر ۾ ٿانئينڪو نہ ٿيو
ڪوئي ڪوئي ڪارايل.

آخر ڪارونڀار ڪري،
برسي ٿو بُٺ تي بادل.

**گيڙو ويس غزل**

هي واريءَ تي وڏ ڦڙو
هي ساوڻ جو سُرمنڊل.

اي ڪوئل! هي ننڊـ ڦٽو
تو جهڙو ڪو ڪوڪ ڪُتل.

ڀهڳڻ ڀولي تنهنجي لاءِ
منهنجي ڪوتا آهِ ڪجل.

سنڌڙيءَ ڪي سيباءِ ”اياز“،
پنهنجو گيڙو ويس غزل.

♣

آڌيءَ رات پُليءَ جي پاڻ،
ٿي اَڄُ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ!

اوهيري جي اوڪ تہ ڏس!
سياڻو ٿيءُ، صُراحي آڻ.

ڏي جنت مان جام پري،
ٻيءَ دنيا جي ڪنهن ڪي ڪاڻ!

منهنجيءَ چانئٺ تي ’خيام‘،
’روميءَ‘ سان ڪئي روح رهاڻ:

”اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ،
جيڪي آهہ، هتي آ هاڻ.“

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ملي وينجهر جي ڏيءَ،
جنهن جون اکڙيون هيري ڪاڻ ـ

جنهن جو مندر روپ سريرُ،
ٺاهيو آ ڪنهن پوڄا ڪاڻ.

ڪارو ساگر جنهن جو روح،
جنهن جو جسم چٽي چانڊاڻ.

اونهي جي بي انت صدا،
توکي ڪوٺي، ترهو تاڻ.

ٽڙندي ٽانگر آهي پيارُ
جنهن سان ساسيِءَ ۾ سرهاڻ.

ٻيو سڀ پاڇي جو پيڇو،
جاني، آءُ، جواني ماڻ!

باغي شاعر، شيخ ”اياز“،
آيو ڪيئن پٽائيءَ ياڻ!

♣

كوئي اُنتيءَ جو امڪان!
سڏ پڙاڏو ٻئي حيران.

ترقي تي تهذيب اجا،
ڪيڏو وحشي آ انسان!

ساڳيا پاپيءَ جا پنجوڙَ
ساڳيو زر جو آ زندان.

ساڳيو ڏاڍي جو ڏهڪاءُ،
هيٺو اڳ جهڙو حيران.

ساڳيءَ سوريءَ تي منصور،
ساڳيو سرمد تي بهتان.

ساڳي گانڌيءَ لئہ گولي،
ساڳيو لال لهوءَ سان گيان.

**گيڙوويس غزل**

ساڳي چارڻ جي چڪيا،
ساڳيو شاعر جو شمشان.

اڄ پيي ذات مصور جي،
رَت ۾ ٻوڙي ڪائي نان.

جاري ساڳي جنگ جَدل،
عاري ساڳيو امن امان.

اڄ پيي ويڙهہ نئي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران.

ڪنهن ماتا جي ممتا مُئي،
ڪنهن نينگر جو نڪتو پرانُ.

ناگاساڪي ڪافي ناهہ،
سيڪجهہ ناس ڪندو نادان!

ميخاني ۾ پيو نہ پتو،
ٻاهر رات هيو طوفان.

هاريو مَي جو جام ”اياز“،
ساڳيو نہ رهيو هي انسان.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اڇڙو آهين جي تون، آءُ،
ڪيسين سانڊيان مان سوداءُ!

ڪنهن ٿي ڄاتو اي انسان،
توکي ڳُهندو تنهنجو پاءُ!

جيون پو بہ ڪري ٿو چوندَ،
توڙي ڏئي ٿو موتُ چتاءُ.

اندر سيخون، ڪوثَ ڪڙا،
ٻاهر ڪونجون، هير هُڳاءُ.

اونهاري جي اوجَل باڪ،
آءُ، اڱڻ ۾ منهنجي آءُ!

**گيڙو ويس غزل**



او زندان جي ڪاري وِلھہ!
تو ۾ آھيان آءُ اُلاءُ.

وڄ وڄ موٽي، وڄ وڄ، ويڄ!
گھايل ڄاڻي منھنجو گھاءُ.

مون کي ڪوئي ڪونہ پلي،
پيار نہ ڄاڻي ٿو پڇتاءُ.

—

او منھنجا محبوب وطن!
تو سان ساڳيو لونءَ لڳاءَ.

ھي منھنجو مظلوم قلم،
سوچيو ناھي جنھن سرچاءُ.

رَت ۾ لَت پَت پنھنجو موت،
ڄاڻان ٿو پر، منھنجي ماءُ:

منھنجي من ۾ آ منصور،
سوري جنھن جو جيءَ جَڙاءُ.

—

**گيڙو ويس غزل**

سوچي قاتل جو قاتل،
آيو قاتل تي ڪهڪاءُ.

پر جي ڪوئي نانگ هجي،
تنهن کان ڪهڙو آهه بچاءُ!

—

سُرَ جي بدلي ڏين ٿو سونُ،
پوپي تو وَٽِ ناهه وِڪاءُ!

او وڻجارا وائيءَ جا،
من جو موتي ڪهڙي ڀاءُ!

—

گهايل من جا گهايل گيت،
جَن ۾ پيڙا جو پڙلاءُ.

جن ۾ ڌرتيءَ ڌرتيءَ ڏُک،
جن ۾ ماڻهوءَ ماڻهوءَ گهاءُ.

ڀنيت ٻٽبا نيت ”اياز“،
جُڳ جُڳ جلندا منهنجا ڀاءُ!

♣

او ڏرتيءَ جا رِيت ۾ رتا،
سپنا! سِجَ ورنا سپنا!

تون اپ تي اَيمانُ نہ ڪر،
ڏرتيءَ سُرڳ نہ آهي ڇا؟

دير و حرم ۾ هانوُ مُنجهي،
اچ، اچ ٻاهر ڪاءُ هوا!

آءُ ٽپي تون ٽيڙوءَ ڏانهن،
ڇو ٽو ٽاهين ڪوٽ ۾ ڪڙا!

ڪنهن جو مندر ڪنهن جو سنڪ؟
آ سارو سنسار صدا!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي مسجد ڪنهن جي بانگ؟
ناهه نڀيءَ جا، ها ها ها!

ڪنهن سُندرتا جي ساڪي،
هيءَ ويساکي پورنما!

پهتا منهنجا پياسا چَپَ،
توتي جيون جا جهَرڻا.

هي مڌّ۔ ماتا آتا نيڻ،
جهڙا رَس۔ لوڀي پؤنرا.

—

ڪير اڱڻ ۾ آئي آهه،
پائي تنهنجا ويس وڳا،

ساڳي چوٽي، ساڳي چڳ،
ساڳي مُکڙي تي مايا۔

ڇا ڇا تي ٻهروپ ڪرين،
منهنجي مڌّ۔ ماتي ڪوِتا!

—

**گيڙو ويس غزل**

چوڏاري ساماٽا سورَ،
پورب، پڇم آ پيڙا.

او ڏرتي، او گريوتي!
ڏسجي نيٺ تہ ڇمندو ڇا!

شايد ڪوئي نئون انسان،
شايد ڪوئي نئون خدا!

—

مون کي رات چيو سقراط:
”هڪين ٿو تون ڪيئن هَيّا!

جڳ کي امرت اوتي پاڻ،
وِهہَ جي پيءُ وَٽي بابا!

ڪنهن جي هار بہ آهي جيت
ڪنهن جو موت بہ جيوت آ.“

—

سانجهيءَ ٽاٽي ماٽيءَ مَٽ،
ڪولي پنهنجو ڪيپ، پريا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَهرڻي جهڙي جهانجهه وڳي،
جنهن تي جهُوميا جوڳيئڙا.

ماندي ۽ مانداڻ ملي،
ڇا ۾ مليا مَيت ٿيا!

ـــ

ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڪجهه سار،
من جي سورِ پيو مالها.

جنهن کي ڪوئي لُڙڪ اَمُلهه،
مَرڪُ انهيءَ جو مُرڪَ مٺا!

ڪنهن جي پيڙا جي سرهاڻ،
ٽانگر تي هي ماڪ ڦُڙا!

ـــ

ڪاريون راتيون، پارو پوهُ،
سيءُ، سَوَڙ جا اوسيڙا.

تاجي پيٽو جيون جو
جنهن ۾ سپنا پَٽ ڏاڳا.

ڳولا ڪن ٿا روز ”اياز“،
ڪنهن جي تنهنجا اوجاڳا!

**گيڙووِيس غزل**

♣

هي ڳاٽ ڳاٽُ ناهي، آ ڏيلَ تي ڏياتي،
ٻَهه ٻَهه ڪري ٻَري مون، هت رات رات ڪاٽي.

جا تونس آ طلب ۾، سا ناهه تنهنجي رب ۾،
تون ڪيئن سمجهندين مون چو آرزو اُساٽي!

هي ڪفر ڪان ڪڙي آ، اسلام ڪان ٻَڙي آ،
تون پيءُ، جيءُ، پَر پَر، اي گهوٽ هيءَ گهاٽي.

تون پُرجهندين نہ پانڌي، جا لوڏَ آ لَڳن جي،
سا راهہَ راهہَ ناهي، جا آ سِڌي سنواٽي.

اي گهورڙيا گهڙيءَ جا، سک ڪجهه ”اياز“ ڪان تون،
مَٽِ مَٽِ جڏهن نئون مڌ، مرندو تڏهن نہ ماٽي.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ميلي ۾ تون تنها، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟
اڪِ ۾ ڳوڙها، هٿَ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سَرسوتيءَ جي مندر پرسان بيٺو واجهائين،
ڪنهن لئه ترسي تنهنجي وِينا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

تنهنجون اکڙيون پو ٻه اُجاريون، تَل ترايون سَوَ
هرڻيءَ جهڙا منهنجا هِردا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سانجهيءَ ٿاٽي ڪارا ڪٽڇي آڪيري آيا،
پرڙا ڪولي، پيارَ- پکيئڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ساري جيونَ- مايا سُپنو، تنهن ۾ سَوَ سُپنا،
او سُپنا، سُپني جا سُپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

**گيڙو ويس غزل**

پيرُ پَٽيءَ تي ناهي تنهنجو، کھڙو تنهنجو ماڳ!
رستي مان نڪتا سَوَ رستا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

او رکوالا! ڪوٺين چو ٿو، هيءَ جيوَن جي رکَ،
آٽي اڳنيءَ جهڙي آشا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

اونهاري جو سُج تہ ناهي، آهہ ازل جي اَڳ!
هاءِ، چِڏي چِنَ َ جا چانورڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

دانهون ٿو درياهُ ڪري، ٻُڏ ڪُنَ ڪُنَ جا ڪڙڪا،
ٻيڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ او ٻوڙا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ڪاري رات، ڪَتيءَ ڏي ڪَرڪِي، ڪائي ڪُونج اُڏي،
پيارا! تون بہ تڪيندي تارا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

وَسندو رهندو آهي تو وٽ، سانوَڻُ ساري راتِ،
ڳوڙها ڳاڙي نيڻَ نماڻا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ڪوبہ نہ ايندو، ڪوبہ نہ ايندو، ڪوبہ نہ تنهنجي دُوارا!
بند ڪري چِڏ هي دروازا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

اَڻ ٿيٽَيءَ کي چاهين، تنهنجي ٿِيٽيءَ سان نہ پَوي،
ڏِسُ ٿِيٽيءَ جا ٿوٽيون ٿنپا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي مَٿرا جا مندر، سانجهيءَ ويلي جمنا گهاٽَ،
مَنَ ۾ سِنڌوءَ جا سَوَ سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

برندا بَن ۾ آيو آهين، ڪنهن جي لاءِ ڪَوي!
ڪَنهن جي بنسي! ڪهڙي راڌا؟ ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

شايد تون ئي پاڳل پوري پاڳل خاني ۾–
پاڳل گڏجي تو تي کِلندا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

هارُ هندوري ۾ ڪيرايو، جيڪو مُنڌَ مُئيءَ،
موتي موتي ٿي ويو پيارا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

خاڪِ اُڏاٽي، ڪاڪِ ڪري پئي، پوئين پهر ’اياز‘!
ڪهڙي مومل منهنجا راڻا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

♣

ساري رات سَتِي چِڪيا تي جَلِي جَلي رڪَ ٿِي،
پيچ پنيءَ جي ماڪَ- ڦڙي ڦَي، هاڻي سارَ لڏِي!

ويهي ڪهڙا گهاوَ اُڪيليان، وڄ وڄ موتي ويڄ!
تون تہ چوين ٿو مُن بہ مجي هِي ويندا ڦَٽ ڇُٽي!

ڪوٽ اندر جا ڳڙڪي آهي، تنهن وٽ بيهي چَندَ،
سوڙهيءَ پير- ڪَڙيءَ جي هيٺان، منهنجي پِيڙَ ڇُمي.

دَمُ روڪي درياهہَ ڏنو ۽ سيرَ وسي ٿي وَئي،
آئي ’ساهَڙُ‘ ’ساهَڙُ‘ چوندِي، ڪَائيَ جيءَ جَلِي.

آءُ ڳلا جي ڪالي توڪي، پنهنجي پيٽَ ڏيان!
ساري جَڳَ جا پاپَ ڌئان، مان پنهنجو رَتُ ڏئي.

تنھنجي ڪوثر توکي پھتي، مون کي ڏينم چڙي،
ڪعبي ۾ پيي ياد اچي ٿي، مون کي ڪينجھر جي.

سنڌڙي توکي ساري ٿي ۽ توکي سنڌڙيءَ سارَ،
دلڙي توکان ڏار نہ آھي، ڏارَ نہ ٿي سگھندي!

باغي آھيان، باغي آھيان، تنھنجو آءٌ سماج،
توسان وڙھندي رھندي منھنجي، ھر ھڪ رَتُ ڦُڙي.

ڪيئي ڏاڙھونءَ جا گل آندم، ڪاڪِ ڪَڪوريءَ تان،
سنڌڙي، منھنجي مومل! مون کي تو ئي ڏات ڏني.

حيرت آھي، منھنجا مارو مون کي ويڙِ ڏِينَ!
آءٌ اُھو جو آيس تن جا، ڪيئي ڪوٽَ پيچي.

بادل برسي برسي بَس ٿيا، نڪري سج ڏنو-
سُوريءَ تي منصور چپن تي، آندي مُرڪَ مٺِي.

تاريءَ تاريءَ تي تمڪن ٿيون، ڪيئي مينھَن- ڦڙيون،
جھُڙ جي جھاڳ ھٽائي نڪتي، چوڏھينءَ چانڊوڪي.

اوءِ اُتر جا واءَ نہ لَٽِ تون پيرا پيارن جا!
مارڳ تن کي موھي ايندو ورندا ويراڳي.

**گيڙو ويس غزل**

سانجهہَ لٿي آ. جهانجَهہ وڄي ٿي، ڪوئي اچڻو آهہ،
ڪُونج ڪٿي آ گُونجَ، هوا پيي، آهي هيجَ۔ ڀَري!

وارياسي ۾ پِينگي پُونگي، اوسي پاسي سُڄ،
سانجهيءَ ٽاڻي تنهن ۾ اڄ، هيءَ ڪهڙي جوت جَلي؟

چَنڊَا! پرينءَ ڪي پرڇائي ڏي، مون سان ڪيئن رُٺو!
تون ئي چَئہ مون ساريون راتيون، ڪائي ننڊ ڪَئي!

روح اسان جو رم جهم رم جهم، اڪڙيون آڳ۔ اُلا،
رڳَ رڳَ مان ويراڳُ وسائيندي، آ تَندُ تَپي.

آءُ پٽائي، آءُ ميان، مان تو بن جيئان ڪيئن!
يار! اسان سان ڪاڪِ۔ ڪنڌيءَ تَي ڪائي گهارِ گهڙي!

ڏس تون، مون سان تنهنجيءَ سنڌڙيءَ ڪيڏا ڪيسَ ڪيا!
پوءِ بہ اُن جي لاءِ وڙهي مون، پنهنجي جان ڏِني.

پيارَ ڏني جا پيڙا، تنهن جي جوت نہ مرڻي آهہ،
جڻ تہ خُدا جيَ خالي هَٿ ۾، تو ڪا شمع جهلي.

جنهن لَئہ تون واجهائين وينو، آڏيءَ رات ”اياز“،
سو ايندو، سو ايندو پيارو توڏي پاڻ ڪَهِي.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڏرتي چمڪي، واري اُڏري، رائو ڏينهُن ٽَتو!
هرڻي هونءَ بہ مرڻي، پر جي ماري رُڃ رڳو!

جُڳَ جُڳَ جو جادو آ. تنهنجي سانجهيءَ ويلا لاڙَا!
تَل ترائيءَ تي اُڏري جي، ڪونجَ وجهي پاڇو.

پَٽ پَٿيهَرَ پيرَ اسان جا، تِرچا ڪَنڪَر ڪوهَ،
ڪيچ، اسان سان پيُچ نہ پائي، آ پنيورُ پَلو.

چَپ چُميءَ لَئہ اُپريا، سامهون آهي چوٽينءَ چَندُ،
ڪهڙو سُندر سپنو آهي، جيوَن جو سپنو!

تنهنجي چاتي آتي آتي، نيڻَ بہ تنهنجا نِيندِ،
دانهون دانهون تنهنجون ٻانهون، پيارُ پَلين ٿي چو؟

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪَلھ ھو سو اڄ ناھي، آ وقت بہ واڳون ءَ واٽُ،
اُن مان جو پَلُ پيارَ بچايو، سوئي جِي سگھندو.

ديوارون ديوارون دنيا، جنھن ۾ دَمُ گھُٽجي،
پوءِ بہ ڪوئي ناھي، ڏئي جو تيڙوءَ لاءِ ٽپو!

ڇا ڇاٽون، سُک ڪھڙي پنڇيءَ جو پاڇو آھي!
دُک ڏرتي آ، ريتي ريتي آھي سَڀُ سپنو.

اُڏري ڄاڻين يا نہ، پکيئڙا! پَرڙا ڪُجھ تہ پکيڙ،
پڃرو آھي، جيسين سمجھين پڃري کي پڃرو!

آءُ اُڏامون، سامھون لامُون، سامھون ڪيتَ ڪجيون،
آءُ، اُتر ٿو آرانيا ڏي، ڪَلھ ڪان مِينھن وُٺو!

آيا روپُ نئون ڪو ڏاري وَڻَ ٽڻَ، پاڻَ پٿُون،
پرڏيھيءَ سان پيارُ ڪري، مون پنھنجو ڏيھ ڏٺو.

اوءِ، اسان ڏي چَندَ نہ اھڙا ليئا پاءِ متان!
ڇِرڪُ پري، ڄاڳي نہ پوي، آ سُپرين ھاڻ سُتو.

جامُ پري ڏي جامَ اسان کي، او سُھڻا ساقي!
چَين چُڪيءَ مان مون کي اڄٽو آھ نہ ڪِي ايندو!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينم سُبوءَ مان، ڏينم تہ جھُومان، ڏينم تہ جھونگاريان،
لاکَ لڳائي باکَ ڦُٽي آ، ڏينم اهو ڳاڙهو!

گَهٽَ گَهٽ تي، مَٽَ کولي جھوميا، مَيءِ جا متوالا،
هُو اوپر کان آيو پنھنجو سِجُ پري پيالو!

پيئو جيئو، پَڳ پَڳ پيئو، جُڳ جُڳ جيئو يار!
جنھن بہ نہ پيتو، سو تہ ڪَئي جو، ڪِيتو، جڻ ڏئي ٿو.

هي مَتوارو جيءَ جيارو شاعر شيخ ”اياز“،
پيارؤ! هاڻ هَلَڻ هارو آ، وَرڻو ناھہ، وَيو.

♣

اکيون آرزوئو اکيون التجائون،
اکيون يار تنهنجون، صدين جون صدائون!

نہ ڄاڻان ائين ڇو، اَڏيءَ آڏَ ويهي،
اسان جا اَکيچار، کُونڌر کُٽائون!

نہ معلوم سرمست ڪنهن حال ۾ ها!
لتاڙي ويا هُو، خدايون خُدائون.

سُڃاتئہ نہ سائل، خُدا خوش رکيئي،
وڃون ٿا ڪري ديس توکي دعائون!

اسان ڏي بہ آٽيو، ميان هيءَ مينا،
گهڙيءَ لاءِ گهنگهور آهن گهٽائَون.

اهو چَنگُ چارڻ امانت اٿيئي،
متان سِر سوا ٻيون، ڪرين ڪي صدائون!

وسي پينگ ڀَنڀور ۾ سال سارا،
”اياز“ اڄ ڪيون ڪنهن پنهونءَ جون پُڇائون؟

**گيڙوويس غزل**

♣

گهَر گهَر گهنُگهروءَ گونجَ نئين،
هوَنءَ ۡتہ ناچو آهي هِڪُ.

پيتِ نہ پينگا پارَٽ اِهي،
مسجد مندر ۾ نہ پِٽڪُ!

واريءَ تي وَٽَ، اڳتي اُپُ،
ٽيڙوءَ هيٺان رات تہ ٽِڪُ!

پيءُ اسان سان، پڏرو ٿيءُ،
لوڪَ لچارا، آءُ نہ لِڪُ!

وچٽي ويل نہ ورٽي آهہ،
آءُ، سري جي لاءِ نہ سِڪُ!

**گيڙوويس غزل**

♣

ڪَڪريون منھنجو ويسُ ميان!
آءُ اُگھاڙو ڪير چوي!

ناهي سهسين سُرڳَ سَمانُ،
تنھنجو پاڙو ڪير چوي!

زاهد! زم زم مان تہ نہ آ،
ميءِ کي ٻاڙو ڪير چوي!

ڏينهَن ڏِٺي جو هيءَ نهارَ!
اهڙو ڏاڙو ڪيرُ چوي!

چَنڊُ ڪُٺيءَ جو ڪانڊي ناهہ،
سِجُ ڪُهاڙو ڪيرُ چَوي!

ڪنھن کي سسئيءَ سارَ "اياز"
ڀھڙو هاڙهو! ڪيرُ چوي!

**گيڙو ويس غزل**



♣

آءُ پنيءَ جو پاڻي آءُ،
ڪيَسين اَڄ سُڀاڻي؟ آءُ!

ڪيڏو ڪانڪِي آهي مَنُ!
تو لَءِ ٿيڙوءَ ٿاڻي، آءُ!

آءُ اسان جون اکڙيون اُگھُ،
جھوريو آ جھوراڻي، آءُ!

تو بن ڪھڙي ڦوڳَ ـ ڦلارَ!
ماڻا مُندَ نہ ڄاڻي، آءُ!

ساوڻ رهڻو ناهہ ”اياز“
برسيو آهي هاڻي آءُ!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

چو ڙي زاهدا! هيءَ ڳهَل ڳهَل!
رات ڏئوهومانءِ، نہ اَل!

دير و حرم کان دور ڏُڪاءِ،
ميخاني وٽ گهوڙيَ جهَل!

چانڊوڪيءَ ۾ چار گهڙيون،
پيءُ اسان سان، پاڻ نہ پَل!

پنهنجي ڏات اِئين آ جئن،
وارياسي ۾ ڪائي وَلِ.

آءُ، پکيءَ جا پاڇا ڏِسُ!
سَولي آهہ، پرولي سَلِ!

تون تہ اجا گڏُ آنهہ ”اياز“،
آيا چو هئن ڳوڙها ڳَل!

**گيڙوويس غزل**

♣

جھونجھڪڙي جو آيو سَڏُ،
ڳاڙھي جي ڳِٽ ڳِٽ سان گڏُ۔

مَڏُ ڪان پنھنجو پاڻ پلي،
ايڏو پاپي جيوَ نہ پَڏُ!

پيءُ اڙي! تون جيءُ جَڙي،
جيسين ھيٺو ناھي ھَڏُ!

ڪارو ڪارونيارُ تہ ڏِسُ!
آھي ڇا ماڻھوءَ جو مَڏُ!

موت پُراڻو پَنجو آھہ،
جنھن ڪان ڪوبہ ڇَڏاءُ نہ ڇَڏُ!

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اي دل! نہ ڪاءُ ڏوڪو، اڄ پيءُ هي پروڪو!
ساغر وچان ڏسي ٿو هيءَ ڪائنات ڪو ڪو.

گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، تون گهنڊَ ٿو وڄائين،
اي ميفروش! تنهنجو هر هنڌَ آهہ هوڪو.

اڄ رات شبنمي آ، چو جام ۾ ڪمي آ،
هن وقت ڪاٻہ ناهي، مون تي ميار لوڪو!

هي ناز جون نهارون، تو اڳ بہ آزمايون،
شايد جٺاءُ ڪن اڄ، اي عشق! ڪاءُ ڏوڪو.

هي تُند تيزُ طوفان، مان پار ڪيئن پهچان؟
سوچو تہ ناخدائو، آهي بہ آسرو ڪو!

تيسين ”اياز“ هن کي، پورو پَسي نہ سگهندين،
جيسين کُلي نہ جاني! ڪو جيءَ ۾ جهروڪو.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڪائي ڊيلَ تہ ڪائي ڊاڪَ،
سهڻيءَ سهڻيءَ پنهنجي ساڪَ.

ڄرڪي تو ڄَرُ ڪويَل ڪَنڌُ،
باھہ لڳي وئي، نڪتي باڪ!

اُڀري، سَهسين سونا ويسَ،
پاتا واريءَ تي ويساڪَ.

ٻئي جي کُهنبي کي ڏي ٻَنَ،
پنهنجي لوئي، پنهنجي لاڪَ.

سَرلو پنهنجو سَنگُ ”اياز“،
هن جون اکڙيون ڪائي آڪَ.

**گيڙوويس غزل**

♣

وري عشق بازي، اڙي دل! اڙي دل!
اُئين ئي مجازي، اڙي دل! اڙي دل!

وري رُوپَ رويا، وري گَجَ ڪاوا،
نئين دلنوازي، اڙي دل! اڙي دل!

سدا سانگَ تنهنجا، نوان نانگ تنهنجا،
گهُرين چوٿَ تازي، اڙي دل! اڙي دل!

مُحبت ڪرين، پر نہ ڳالهيون نہ ڳوڙها!
نہ آهون نہ آزي، اڙي دل! اڙي دل!

ٿيا روڪَ توتي، نہ سونا نہ سينا،
عجب بي نيازي، اڙي دل! اڙيَ دل!

سدائين پَئي شيشه گر جي گليءَ ۾،
ڪرين سنگبازي، اڙي دل! اڙي دل!

پَلو ٿئي، ”اياز“ اڄ، پَلئہ پاتي توڪان،
نئين دل گدازي، اڙي دل! اڙي دل!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هي پَريو پنپورُ چا ڪافي نہ آهي؟
اي چَري! ڪنهن ڏي وڃين ٿي ڪيچِ ڪاهي!

سانوڻيون گُذري ويون، تو دير لاتي–
آءُ، پر اڄ رات ڪا رِ م جهم نہ آهي.

شهر سارو ڇو ڪري ٿو سنگبازي؟
ڏِس تہ، ڪوئي عشق جو ڪافر تہ ناهي!

دور هوندي دُور ناهين، مُور ناهين،
هونءَ تنها ميڪشيءَ کي ڪير چاهي!

رات پنهنجي تات آهي، اي ”اياز“!
چَندُ سارو منڊُ، وڻنو ٿاهہَ ٿاهي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تون نانهه تہ هي چَنگُ، چَڙو چَندُ نہ ڏي ساءُ،
اي سِيرَ- مُئي! آءُ، هلي آءُ، هلي آءُ!

ڪا راتِ نئين، رِيت نئين آڻ اسان لاءِ،
جئن پريت پُراڻي نہ ٿئي، وارِ نئون واءُ!

مان جاڳَ بہ هان، آڳَ بہ هان، راڳَ بہ آهيان،
سَچُو بہ سندم سَنگِ، پِٽائي بہ سندم پاءُ.

ڪعبي جو پرستارُ نہ ڪاشيءَ جو طلبگارُ،
سڀ دينَ ڌرم ناهه نِڀيءَ جا، نہ مٿو ڪاءُ!

تون سَچُ بہ آن، مَچُ بہ آن، جيءَ جَلِي سنڌ!
جرڪاءِ جيِيون ماءُ، ڪڏهن سوچ نہ سرچاءُ!

ڪر جانِ بہ قربانُ، مُڙي موٽُ نہ چارڻ!
انسانَ تي ايمان رکي، چَنگُ ڪٽي آءُ.

مون سنڌُ ڏني، هندُ ڏني، سَچَ چوڻ لاءِ،
هڪ "شَيخ اياز" آهَہ، جٽيو پيو نہ ڪٽي ماءُ.

**گيڙوويس غزل**

♣

هيءَ سَينَ نہ ڏيندي چَين، اُتي ڏِسُ! ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رَمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا!

جنهن وقت چراغِ شام ٻَري ۽ ميخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو بہ پَرايو آ پيارا!

جنهن وقت اسان جي تَندُ تَپي ۽ سازُ ٿَپي آواز جَهپي،
تنهن وقت پَلِي کو ڪَنڊُ ڪپي، جو آيوَ ڳايو آ پيارا!

ڏس ڏس ماڻهوءَ جي متيءَ ڪي، مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
کهڙو نہ لَسايو آ پيارا، ڇا جام ٻڌايو آ پيارا!

آ چوڌاري مهراڻُ مَتو، جنهن جو نہ پَهي، جنهن جو نہ پتو،
هِي روحُ جزيرو حيرت جو، جنهن منجهہ سمايو آ پيارا!

**گيڙوويس غزل**

ڪنهن ڪاريءَ ڇڪَ تي رات ڪُٽي، ڪنهن ٻاڙهي ٻَل تي باک ڦٽي،
اِئن وقت ڪَٽيو، اِئن عُمر لٽي، سڀ سانگُ سجايو آ پيارا!

هي ڪارو ڪاروڻيارُ تہ ڏس، هُو ڏورانهون ڏهڪارُ تہ ڏس!
مون ڪيڏيءَ جَر جي جهاڳَ مٿان هي ديپُ جلايو آ پيارا!

هيرا تہ ڏسو، ڪَنڪر نہ هَٽو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪُجهہ ڏات ڏسو، پو بات ڪيو، هي شورُ اجايو آ پيارا!

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌُ "اياز" نہ مرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آهي، تو ڇو گهٻرايو آ پيارا!

♣

ساري شهر وسايا پٿر، جن سان چڪنا چُور هيو،
پوءِ به هُن تي نعرا ماريا، مُڙس تہ ڪو منصور هيو!

وستيءَ وستيءَ، نگريءَ نگريءَ، گيت اسان جي گونجَ ڪئي،
چانڊوڪيءَ ۾ چَنگ وڳو ٿي، رات پرينءَ جو پُور هيو.

ڪالهہ وفا جي ويراني ۾، ڪهڙي هرڻي اُڃَ مُئي!
سَڄ ازل جي اَڪِ لڳو ٿي، اُن ۾ ايڏو نُور هيو!

دريا دريا هُن جو مَن هو، صحرا صحرا نيڻ هُيا،
پَل جو پانڌيئڙو آيو هو، ويڇٽو هُن کي دور هيو.

ڏينهن تتي جو آيو آهين، اڱ ۾ آئين ڇو نہ ”اياز“،
ڇَپري ڇَپري ڇانوَ هُئي، جنهن وقت نِمُن ۾ ٻُور هيو!

**گيڙو ويس غزل**

♣

آيو آهين دنيا لاءِ
چو ٿو سوچين عقبيٰ لاءِ!

ڏرتي، مريم جهڙي ماءُ،
آتي آ ڪنهن عيسيٰ لاءِ.

ٻُڌ تہ سَهي تو اي سقراط!
زهر تہ پيتو پر ڇا لاءِ!

هَيءِ هَيءِ چاڙهي پَنگَ_ چُڪي،
مُلا نڪتا موليٰ لاءِ.

سُوريءَ ڪفر چڙهايائون،
دينُ وڪيائون دنيا لاءِ.

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اسان جي دَر خَيام،
آيو مَيءِ جي معنَيٰ لاءِ.

رُوميءَ ساري رات رُنو،
حافظ ٿهڪ ڏنو ’ڇا لاءِ؟‘

ايندو آ هر رات ”اياز“،
ميخاني ۾ توبه لاءِ.

♣

جهڙي ڪُوڪَ ڪَوي سوچَي،
تهڙي ڪانهي ڪَويَل ڪي!

ڏسُ تون تَنهن جا پاپَ نہ پُڇَ،
جنهن وَٽ ڪوئي گيتُ هجي.

جيڪو ٻاجهاري ٻولي،
تولَئہ آٽي جهولَ پري،

تنهن جو آدرياءُ ڪجانءِ۔
وَرڪا ٿيندي آ ورلي.

جنهن وٽ جُڳَ جُڳَ جو جادو
پَل جو پانڌيئڙو آهي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٿي وڇڙو آهي ماڳِ،
تو وٽ پنهنجا گيتَ ڇڏي۔

تنهن کي ڪيئن ڇُپايَئہ ڪَنڌِ،
موتيا مُگرا جو آڇي؟

جنهن جو من گهنگهور گهٽا،
تنهن کي ڪو پياسو پرکي!

ساوڻَ روز نہ وسڻو آهہ،
بيهي ڏسُ ڪجهہ بادل کي!

سيلانيءَ جو سَنگُ ”اياز“
تو سان آهي ڏينهن ٻہ-ٽي.

♣

پوئين پهر پرينءَ جي چڳَ
ويڙهي ويئي سارا ڏڳَ!

مان ۽ منهنجي تَندُ_ تنوار،
تو ۾ چاهي جُوتا جڳَ!

چارڻ سو جو چنگ سَوا،
لاهي سڀ لاڳاپا لَڳَ.

رم جهم رم جهم راتڙيون،
وارياسي تي آيا وڳَ.

ڪونہ ڇڏيندي ڪاري ننڊ،
ڪُوڙو چنڊ، ستارا ٺڳَ!

تنهن کي ڪهڙي ڪانڍ "اياز"،
نڪتي مُنڌ ڇڏي مارڳَ!

**گيڙو ويس غزل**

♣

مان تہ ٻَڌِي هان تُنهنجي ٻولَ،
ناتو تون نہ ڏيلو ڪر ڏولَ!

سانوڻَ سَنگ اُڏامي آءُ!
پاڙِ اسان سانَ پنهنجا قولَ!

ڪاري اُسَ مليرَ مٿان،
ڪارا ڪوهَہ، ڏُکيءَ جا ڏولَ!

هيرا ڪَنڪَر ڪِٽُ سَمانُ،
جيوَنُ ڇو نہ سميٽي جهولَ؟

ماٽڪَ اوتيو ماٽڪيون،
آڌيءَ رات مٿان انمولَ!

شال وَسيئي ڪُوءِ ڪلال!
رات گُذاري ويندا رولَ.

ڪنهن کي سسئيءَ سارَ ”اياز“!
ڏاگها ڏُور، هئين ۾ هولَ!

**گيڙو وِيس غزل**

♣

اهڙا پارا آندا پوهہَ!
سِيءُ نہ لاٿو ڪنهن بہ ستوهہَ.

ڳاڙها ڳيرو! تون ڪيڏانهن؟
ڪيئي روجهہَ رُلايا روهہَ.

اُيري اُلَهي ساڳيو سُجُ،
سامهون ساڳيا ڪارا ڪوَهہ.

چو هي گُلَ گُلَ گِيت ڏنا،
مونکي پاندَ پري پابوهہ!

سَرتيون پَرتيون ساحل کي،
آءُ گهَڙو ۽ چوليءَ چوهہَ.

آءُ ڪَرائيءَ ڏانهن ڪَڙا،
تون ئي لچڪي ويندي لوهہَ!

سُوريءَ تي سروبُچ "اياز"،
ها، پر سنڌڙي کهڙي ڏوهہَ؟

**گيڙوويس غزل**

♣

پنهنجا قَٿَ پُراڻا ها،
يا هي ويجَ اياڻا ها!

چنڊُ پري هو، رات چَڪورَ
اُڏري، اُڏري ساڻا ها!

ميخاني جي ساري جان،
ساقي! تنهنجا ماڻا ها.

دير و حرم کان ڪيڏو دور،
ڪالهہ پٿائيءَ ياڻا ها!

پيڙا جا پڙلاوَ هُيا،
گهايَل گيتَ اُڏاڻا ها!

ڪا جو هُن تسبيح چڳي،
تارا داڻا داڻا ها!

چانگا، چندن_ واسُ، هَوا،
ڪاڪِ ڪنڌيءَ تي راڻا ها.

تو ۾ هيڏو هَٽُ ”اياز“!
هُن جا نيڻَ نماڻا ها.

♣

رات آئي وَئي، تون نہ آئين ڪَهي!
ماڪَ ۾ مينڌرا! ڪاڪِ رئندي رَهي.

مينهَن موتي ويا، ڏينهَن اُپري لٿا،
تَون نہ آئين پرين! وِهہ لڳي ٿي وَهي.

سانورا! تو سَوا، چانورا چا ڪبا!
لوءِ تنهنجي لَڏِي، لُوءَ لڳندي رهي.

او وڃان مان وڃان! ڪيئن پيرو پڇان!
سِڄُ ويندو لهي، پير ويندا ڊهي.

ڪنهن بہ اورار بيهي، نہ پاتو پرين،
تون نہ ميهارُ آهين، نہ تو وَٽ مَهي.

سرُ ”اياز“ اڄ ڏنو ڪنهن نہ ڄاتو تہ ڇو!
رَتُ اَڏيءَ تان اُڏيو، سنڌُ ڏسندي رهي.

**گيڙو ويسَ غزل**

♣

بي موت مُئا، تولاءِ ڪُٺا، انسانَ هزارين مان نہ رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس! هيا، نادان هزارين مان نہ رڳو.

جي راهِ اَجل ڪنهن ورتي آ، هن يُونءِ ڪئي ٻي پرتي آ،
هيءَ ڌَرتي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

اَک ساري رات نہ جهَپڪي آ، ۽ شبنم شبنم ٽپڪي آ،
جي باکَ گهُري ٿي، ٻَکُ تہ، اي زندان! هزارين، مان نہ رڳو.

ٿو ساري ڪوبہ نہ سُڃَ مُئا، هو رڃ_ مُئا جي اُڃ_ مُئا،
ڇا پاپِي پرکي پُڄَ_ مُئا، ارمان هزارين مان نہ رڳو.

ڇو چنڊ اسان کي رات نري، ڏي چانڊوڪيءَ جو زهر پري؟
آ ڪيڏو پويون پَهر پري! حيران هزارين مان نہ رڳو.

تون چئہ نہ ڪچان، تون چئہ نہ لچان، پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

هي دؤر "اياز" گذرڻو آ، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ،
ڪو ٻارڻُ نيٺ تہ ٻرڻو آ، امڪانَ هزارين مان نہ رڳو.

**گيڙو ويس غزل**

♣

نہ تَڙَ تي تماچي، نہ گَندريءَ گُذارا،
اَسارا اَسارا ڪِينجهر جا ڪنارا.

اُتر_ واءُ اوتي، جتي عطر توتي،
هَيا هَنجَ! تنهنجا، اُتان هِي اُڏارا!

ڳُنڍي وارَ ڪنهن لاءِ، آئينءَ ڳهيلي؟
چري! چاڳ کهڙا! ڪتي چاهہ وارا!

جڏهن ڪان وئين تون، ورهہَ راس آيون،
نہ گهَر تي گهٽائون، نہ َ سَر تي ستارا.

اجا ريڄَ مان رڙ اچي تي، اچي تي،
متان ايئن سمجهين، مُئا مور سارا!

وَڏا وَڙ ڪيا ٽَڙ، پلي آئين چارڻ!
جَڏا جيءَ جاڳي، پيا او جيارا!

اڙي هي اُمارا! مُئي ناهہ مَڪلي،
”اياز“ اڄ وتاسين، پٽر جا پنارا.

**گيڙوويس غزل**

♣

پري جام پنهنجا پياڪو اَچو!
ڏکيو هوش جو ناهہ ڏاڪو اَچو!

اچو رُت ڦري آ، پروڪو پيئون،
وري چَنڊَ پاتو لياڪو اچو!

ٽِڙيو آهہ ڏاڙهون، ڪِڙيو آ بسنت،
ڦُٽو ڦَٽ، ٽُٽو آهہ ٽاڪو اچو!

ائين تار تَرٽو پيو ساٿيو!
نہ آهي خدا ناخدا ڪو اچو!

ڪيو آهہ سينگارُ سوريءَ ”اياز“،
دلين ۾ پيو آهہ ڌاڪو اچو!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪڏهن نہ اهڙا، جهڙا هيلَ،
مون وٽ باڪ۔ ٻنا رابيل!

آئي سٽ صفحي تي يا
ٻوڙي سَاوڻ۔ رت ۾ ٻيلَ!

آءُ ونين ۾ منهنجي ويهہُ،
وري َنہ اچٽي آ هيءَ ويلَ!

هي گهَر تي گهنگهور گهَٽا،
در تي مَڏُ جا مَٿَ سَويلَ!

پيري پيري ڪويَل۔ ڪُوڪَ!
هَيءِ هَيءِ تنهنجي ڦَٿَ۔ اُڪيل!

برڪا بيٺي، هاٺي ڏِسُ،
ڦُلواڙيءَ جا تيلَ ڦُليلَ!

سارين ٿو هن وقت ”اياز“!
ڪهڙا ماڻهو ڪهڙا ميلَ!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪيئي جادوءَ جهڙا جيءَ،
پر ڪا اهڙي، جَهڙي هيءَ!

تنهنجي هاٿِي هَنجَـ اُڏارَ
لاهہ نہ لوئي، سَرَ تي سيءَ!

مينهَنـ ولوڙا، چاڈو چَندُ،
رَات بہ جهڙي ڏوڌيءَ ڌيءَ!

ماڱر ساري ٿانگرـواس،
لوئي ناهہ مَڇيءَ جَي لِيءَ.

تَڙ تي نوريءَ تانگهہ ”اياز“،
ڪينجهُرُ ڪونہ وَسايو ٻيءَ.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڌرتي چا چا داڻُ ڪَري وئي!
اوڪ ڏئي انسان ڪَري وئي.

آئي تنهنجي سارَ تہ سُپرين،
سوريءَ کي آسان ڪَري وئي.

طوفان ۾ ڪُڏندي ڪِشتي،
ساحل کي حيران ڪري وئي.

رُڃ بہ ايڏي اُڃ اُڀاري،
ساغر تي احسان ڪَري وئي.

درد وڏايا چا چا رشتا!
دل دل جو درمان ڪري وئي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرهِي بوءِ بسنتي آئي،
سانجهيءَ کي سُنسان ڪري وئي.

ڪنهن جي ڪنهن جي ڪانڌ ڏنائين!
بِينَ وڃي بيران ڪري وئي.

چا چا جام ”اياز“ پياريئہ!
سڀ کي سُرڪَ سُبحان ڪري وئي.

♣

آءُ تہ هان واريءَ تي وڻ،
تون بہ تہ پنهنجي ٻُڙَ جو ٻَڙُ!

ڏونگر جهڙو ڏيهہ نہ ڏِسُ!
آءُ پنهونءَ جو پيرو کَڻُ.

آءُ ڪَتيءَ جي هيٺان ڪَتِ،
آءُ، اُتاهون آ آتَڻُ.

ڏرتيءَ جا ڏاڙيلَ ڏَراڙَا!
ڏُوڙ اُڏائي نِڪتو ڏَڻُ!

آئي تنهنجي سارَ پرين!
ساري رات رُنو سَاوَڻُ.

ڪلهہ تو جي ڪَلوَنت ڪُنا،
تن لئہ تاتيُئہ اڄ آسڻُ.

نئون ڦلاري ناهہ "اياز"،
او ڦُلواڙي چَڻُ، چَڻُ، چَڻُ!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جي پنهنجو نُور نچوئي ويا، ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!

سي ورڻ ’ورڻ‘ لوڏي واءُ ٿيا، سي پَنَ پَنَ ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بَنَ بَنَ بِينَ وڄائي ويا، جي تن من واري ڳائي ويا.

مون ڌرتي تنهنجا ڏِڱَ ڏٺا، مون تن جا لوِيَل لِڱَ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وِيرَ وڄائي ويا.

اڄ ڪوبہ ڳچيءَ ۾ ڳُٽُ نہ آ، ڪو مڙس اُنهن جو مَٽُ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ اُڏائي ويا، سي گهوٽ اسان کي گهائي ويا.

مون اڻ۔ ٿيٽا انسان ڏٺا، مون سُوريءَ تي سؤمان ڏٺا،
اي ڌرتي! ڇا ڇا ڪونڌر ها، جي پنهنجا ڪنڌ ڪپائي ويا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مُڙس مٿير ڏٺا!
جي ڪيئي سِج اُڀاري ويا، جي ڪيئي سِجَ سمائي ويا.

مون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏٺا، مون ساٽا ساٽا سنڌَ ڏٺا،
مون ڇا ڇا مائيءَ لال ڏٺا، جي لوئيءَ لڄَ بچائي ويا!

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها، سي سڀ کان پيارا ماڻهو ها،
جن ساهه ڏئي، ويساهه ڏنو، جي دل ۾ درد دکائي ويا.

ڪلهه رات مسافر آيا ها، جن پنهنجا جيءَ جلايا ها،
ٿي ڇا ڇا جرڪا جاڻَ ڪري، هُو ڪيڏا مَچَ مچائي ويا!

ڇا ڇا نہ وَسيهرَ- وَنگَ هُيا! پر نانگا يار نِسنگ هُيا،
جي تنهنجو روپ نِکاري ويا، جي تنهنجي سِيندَ سجائي ويا.

ڇا نعرا ها ڇا نينهن هُيا! هُو مڙس هُيا يا شينهن هُيا!
جي ڏونگرَ- ڏيلُ ڏڪائي ويا، گجگوڙ ڪري گرمائي ويا.

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٽيا، پر مون کي اهڙا مڙس وٽيا،
جي سارو جَڳُ جرڪائي ويا، پر پنهنجو پاڻُ پُلائي ويا.

جِن پاسو ورتو ڪُوڙَ ڪنان، هي مُڙس نہ ويندا مُور مَنان،
جِن واڪي واڪي وَسَ ڪيا، جي سارو سَچُ ٻُڌائي ويا.

**گيڙو ويس غزل**

هو بادل بادل آيا ها، جن جَل ٿَل ڀال ڀلايا ها!
اي ڪيت ڪِڙو، او شال ٽِڙو! هو پنهنجا مينهن وسائي ويا.

ويا پريت ڏئي هُو پاٽيارا، اڄ ڪينجهرَ تن جا ڪاٽيارا،
ڇا راڱا تن سان رُڃَ ڪيا، جي تنهنجي اُڄ اُجهائي ويا!

هر پيارـ پتنگا ڪامي ويا، ۽ ڪيڏو دور اُڏامي ويا!
پر تنهنجي منهنجي ڏِيئي ۾، هُو پنهنجي جوت سمائي ويا.

اڄ ڇوهَ اُنهن جا چوليءَ ۾، اڄ ٻُولَ انهن جا ٻوليءَ ۾،
اي ڌرتي! تنهنجيءَ جهوليءَ ۾، جي سُورهيه سِيس ڇپائي ويا.

هي چوٽيءَ چوٽيءَ تي مشعل، هي جهوليءَ جهوليءَ ۾ گُل ڦل،
ويا سانول ڇا ڇا سَڱَ ڇڏي، ڇا جندڙيءَ کي جرڪائي ويا!

ڇا سمجهي تن ڪي جيءَ جَڏِي، آ تِن جي ڳاڙهي ڳالهه وڏي،
ها ڇا ڇا ارڏا ڪَنڌ اَڏي! جي توکي مَيندي لائي ويا.

هي برهه به ڪوئي ٻَڙُ آهي! ڇا ڄاڻني اُنَ جي جَڙَ آهي!
مون اُن ۾ ڪيڏا ڏار ڏٺا، جي ڇانوَ ڪري، مَن ڀائي ويا.

اي آري! تنهنجي آڏَ هُئي، پر ڏونگرَ ڏاڍا ڏاڍَ ڪيا!
هي تنهنجا پيارا پيرا ها، جي پنهنجو پنڌ پڄائي ويا.

**گيڙو ويس غزل**

ڪئن توڪي ڪاري ٻاٿَ مچان، ٿي چٽنگ ڪري چمڪات اچان،
آ ٿِمر ٿِمر ٿِمر ٿِمر لاٿ اچان، جا جوڳِي، ڪالهه جلائي ويا.

هيءَ جان تہ اچٽي وچٽي آ، پر مرندي ماتِ نہ مچٽي آ،
مون اهڙا سَوَ ساوَنت ڏٺا، جي پنهنجو هَٿُ هلائي ويا.

ڏِسُ! باک پليري آئي آ، ڏِسُ! سنڌُ مٿان سَرهائي آ!
چو تن جي لاءِ ”اياز“ رُنين، جي َمارُو ماڳُ مَٿائي ويا!

## گيڙوويس غزل

♣

مينهُن وَسي تو هَٽُ تہ پَٽِ!
مَرٽو آ تہ بہ ماتي وَٽِ.

واءُ_ ولوڙا، كارا كُنَ،
وَنجهہَ بہَ كهڙا وانجهيءَ وَٽِ!

نينگرڙا، هي پوپَٽُ آهہ،
اِنَ جا پَرڙا هِيئن نہ پَٽِ!

وَسٽو آهي، هانءُ نہ لاهہ،
چورا! بِجَ بہ_ تي كي چَٽِ.

تانگهہ نہ منهنجي تِڙكي لاءِ،
آءُ گهَتا سان منهنجي گهَٽِ!

تاندِاٽي جي تِمر تِمر تيءُ،
ويٺي كاري رات نہ كَٽِ.

تي كو جهندو جهولُ "اياز"!
ڳَٺَ ڳچيءَ جا سارا سَٽِ.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڏُھرا داوَ اسان اَٽموٽَ،
ٻاڙھا ٻاٽَ، ٻچيءَ جي ڪوٽ.

نيزا نيزا لوڪ۔ نِھارَ
آيو آنھ نغاري چوٽَ!

کھڙيءَ ڪُوهَ۔ ڪَنئيءَ جي لاءِ،
تون ھي ڪيرائين ٿو ڪوٽَ؟

چا چا جوڪا تنھنجا جاٽَ!
اونھيءَ ڪَڏ، اُتاھان ڪوٽَ!

ريٽو ريٽي، گيڙوءَ ويس،
آيو آنھ پيٽائيءَ اوٽَ.

مَرندين مڙھ سان ڪونہ ”اياز“!
اَڄُ اَڄ ُ منھنجا ٻاڙھا گھوٽَ!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هيءَ کهڙي مُوڙهِي مَت، لوڪو!
ڌرتي ٻہ تہ آ ڄَنت، لوڪو

هِي ڳُنهنبا ويسَ ڪٿيريءَ تي!
اڄ پريت وڃائي پَت، لوڪو!

هي پيرَ پٿيهر جهڙا ها،
جي پنڌ پيا پَربَت، لوڪو!

ڪو مانجهاندي جو ماڳُ بہ آ؟
آ ساري واٽ اُتَتَ، لوڪو!

اِئن ڪير سڌيندو سُوريءَ کي!
ڪنهن ڳالهہ مٿان آ ڳَتَ، لوڪو!

**گيڙوويس غزل**

ڪنھن ميندي‌ءَ رُت جي ريت ڪَئي،
ھِئن لالُ لھو لَت پَتَ، لوڪو!

ھي پيارَ ڪٽا، ٿورا ٻہ گھٽا،
ڪَئي آھِ پني پورت، لوڪو!

ھي سپنا منھنجي جھوليءَ ۾،
ھيءَ آڌيءَ رات اُٽت، لوڪو!

ڪُجھہ شاھ ڏني، ڪجھہ ’شيخ‘ ڏني،
ھن سنڌڙيءَ کي صورَت، لوڪو!

♣

کنهن ڪيئن چيو ڪنهن ڪيئن چيو پر وائي سڀ کي واتِ هُئي!
هيءَ ڪا تہ سُريلي آگ هئي، هيءَ ڪا تہ پَري برساتِ هئي!

هي آڏيءَ آيل سُپنا ها، جي جاڳَ۔ جَلايل سپنا ها،
چا رم جهم رم جهم روپ هيا! چا برکا رُت جي راتِ هئي!

چا چٽنگون چٽنگون چنگَ هيا! چا تِن ۾ آگَ۔ اُمنگَ هيا!
تي چا چا جرڪا جيءَ ڏنا، چا تَوَ کي پنهنجي تاتِ هئي!

ڪنهن ڪونہ سُڃاتو ڳاتي کي، هن ڏرتيءَ جي مڏماتي کي،
هو ڪير هُيو! ڪيڏانهن ويو! ڪا پيد پري هيءَ باتِ هُئي!

جي دل جا داوَ سڃاڻين ها، تون ڄاڻين ها، تون ڄاڻين ها!
جا ماتِ هُئي سا جيتَ هئي، جا جيتَ هئي سا ماتِ هئي!

تو هونءَ تہ جُهونا ساز ڏنا، پر چا نہ نوان آواز ڏنا!
تو چا چا گيت "اياز" ڏنا، چا ڏاتر تنهنجي ڏاتِ هئي!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

پَلي آس ٿَر مان نہ آ ٿوهَرن،
پيٿائي! ڏسين ٿو وڄون ٿيون وَرَن؟

اُتر ڏانهن ٻڪرال ٻهڪا ڪيا،
ڪَري ونگَ آگمَ اِجهو ٿا وَسن!

پَون ٿا نَوان ڳَنڍَ ڳنڍير ۾،
پِٺُن تي وري ڪَر ڪنيا ڪُونيَٽَن.

جهلن ٿا پيا جيءَ جا جهُولٽا،
ڇُلن ٿا، مٿاهان ڇَمر ٿا ڇُلن!

ٻَنا ٻوڙُ وسندين ٻَڪَرِبُوس تي
گهٽي وقت کان ٿيون گهٽائُون گُڙن.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَوين ڪيت تنهنجا، سوين مارويون،
نہ زيريون، نہ زنجير جن کي جهَلن!

پڳائون ڪَڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پَليا ڪونہ پيرن مٿان پيڪڙن!

ٻہ ٽي ڏينهن واهيت ڪندا هي وزير،
نہ چَوڳان رهندا، نہ چاري مٿن.

ڏِنَئہ سَڏَ اهڙي، سَوين سيڪڙو
مَٿَن تي مِڙي ويا، پِيو پيا پِٺن.

ڪَٽي چَنگَ چارڻَ اُچارڻ لڳا،
اُهي ٻولَ، ڪلهہ ٻڙڪَ ٻاقي نہ جن.

سَوين سَڏَ، تن جا پڙاڏا هزار،
اُپِي ڪان لِمي گيت ٿا گُونجَن.

ڏٺو ڏيهہ آ ڏُرت، ڏاڍو ڏُڪارُ،
ڪَرين ماڙَ ڪائي تہ مُوڏي مَرن!

سڄو ڏيهہ ڏاتا ڪَري جي اُيا،
لکين عيد جا چَندَ اُيري پَوَن!

**گيڙووِيس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ جهانگي جهڄن، ڪنهن ٻہ جهوريءَ هتي،
نہ سانگي ڪَنهين کي ٻہ سُنگي ڏِينَ!

ڪَتيريون مَتيريون، چپر ڪَٽ تي،
ڏئي حال احوال، ڦاٽا سِبن!

وَهن اَئِٽ، ٻَهڙا ڪٽي بائِڙيون،
اَسُر ويلَ نِوڙي گهَرن ۾ گهِرن!

سدا مامتا جي رکين لاج تون،
سدا چٽنگ ٻارين وسائيل چُلهن!

نہ مارنگ تن جا اُجهاميل ڏسان،
نہ آونگ تن جا اَيوڳا لڳن!

ڳَپي لاءِ ڳُولا ڪُتي ديس جي،
نہ لولا لُڇائن، نہ لوليون لُڇن!

نہ پورهيت ٻَڌن پيٽ کي هئن پَٽيون،
نہ هاري ڪڍهن رَتُ سان ريج ڪَنِ!

جڏهن رات ٿئي، ننڊ جي گود ۾،
سڄو وقت مارو سَتابا سُمهن!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا هير تِن جو هندورو ٿئي،
سدا اَمُن ۽ آزادگيءَ ۾ اُٿَن!

ڪڏهن سنڌُ جي سينڌ ميري نہ ٿئي،
ڪڏهن موڙَ تنهن جا نہ مُرجهائجن!

وَسي ڀٽَ تنهنجي ڀلارا سدا،
ڀَلي ديَس پرديسَ سارا وَسَن!

اسان سنڌ وارن ازل کان ”اياز“
ڪنهين ۽ لاءِ مَندي سمائي نہ مَن.

♣

هتي لوءِ جي ڪانہ پَوَندَءِ لڪا،
اَڏي ويھہ مُنھنجي پَٽر ۾ پڪا!

وري سارَ دل تي تَري آئي آ،
وڏاسين اوھان لَئہِ اڪين جا اَڪا.

اُڪيرُون اُڪيرُون، ڪَٽيريون تہ ڏس!
اَڙي ڏيھہ، تُنھنجا اَجايا ڏَڪا!

هَلو يٽَ پاسي وسايون وَلھيون،
ڏٺاسينَ، ڏٺاسين، وِلھَن جا وَڪا!

”اياز“ اڄ ڪراچي ڏٺي ڏينھن ٽيا،
ڏسي ڪيرُ ايڏا مُئيءَ تي مَڪا!

**گيڙوويس غزل**

♣

تِئي شال ڪوئي ڀُليءَ جو ڀَلو ڙي،
وري ڀِٽ پاسي هَلو ڙي، هَلو ڙي!

رڳو هانوَ جو ڏُڏ، سو ڪيستائين؟
نہ ڪا آهي ڀيٽي، نہ ڪو ڀَرجهَلو ڙي!

سڄو سُور آهيان، ڀَلا ڪئن نہ دانهيان!
اڃا ڳيچ ڳايان؟ گهُٽين تو گلو ڙي!

ڏسان شال ٻيهر، اُتي جون اُڏارون،
ڏنو ٻُتَ مُنهنجي، وَلر ڪي وَلو ڙي!

اسان جون اُنهن سان اکين جون اُميريون،
ڀِهي! ڪيئن آندُءِ پرِيَن جو چَلو ڙي!

"اياز" اڄ پيا ياد، وَرهين- وڇوڙيل،
اکين جي اڳيان، ڪو تِلي تو تَلو ڙي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

سَڪي! پيا ڪي ملين تہ چَئجانءِ، چاندني تو سَوا نہ ٿيندي،
اڇين تہ منهنجيَءَ اُماسَ ۾ آءُ، چو تہ ٻي رات ڪانہ اِيندي!

ڪڏهن بہ تو تي ڏُوار دل جا نہ ٻوٽيا، تون پَلي هَلي آ،
ٻہ لُڙڪ آلا ڪڏهن بہ هوندا، مَتان چَئين آجيان نہ ٿيندي!

نہ ديپُ دونهاٽجي ڪڏهن هِي، لِلاٽَ جي لاٽَ شال جرڪي!
پرهہ پري آ، پَتو نہ آهي، تہ رات ڪيسين ڏُهاڳُ ڏيندي!

پَکي پَروڪا اچا نہ آيا، اُڪير تن جي هُري رهي آ،
اُداس سَر تي هَوا اُتي جِي، چَئي پَئي ڪا اُڏارَ ايندي.

پَرار تي ڪا پُڪارَ آهي، مگر اڱيان تِک تار آهي،
ڪٿي اسان جي اُڪارَ آهي، ”اياز“ ڪيڏانهن ناوَ نِيندي؟

**گيڙوويس غزل**

♣

هِن انڌي ديسَ انڌيري جي،
تَون سورين ٻالهہ سَويري جي!

ڪو ڏوٻي- گهاٽُ تہ ڳولي ڏي،
ٿي اَؤجَر هن مَن ميري جي.

هُوءَ هل هوا مان جهپٽي آ،
مون ٻاَلهہ ڪَئي مَسَ ڳيري جي!

ڪُجهہ وقت ڪڪائين سارَ هُئي،
هِن اڪڙين جي آڪيري جي.

اڄ وِڄ وَراڪا ڏئي ساڙي،
هَر هُرڪُر هِن آهيري جي.

گيڙَو ويس غزل

چو جاءِ جُوالا تي ڳولي،
اي دل! تو پنهنجي ديري جي؟

تون پَٽَ پرين، پر تنهنجي پڳ،
ڇا کَندِ هئي، ڪانڊيري جيَ!

ڇا ڄَر ۾ جاڻَ ”اياز“ هُئي،
ڪنهن جيءَ- ڄَلي جي جيري جيَ!

♣

مان ٻارُ تہ ناهيان، اي جيجل،
جو چنڊ ڏسان آئيني ۾!

ڪا اَرتي آتر ويلا آ،
جا گهاوَ وجهي ٿي سيني ۾.

هوُ ٻَرڪا ٻَرڪا اڇٽو آ،
پر ڪَهڙي ماسَ مَهيني ۾؟

ڪو ساحِلُ ساحِلُ سُپنو هان،
مان ساري راتَ سَفيني ۾.

هي ديسُ ٻري ٿو نفرت سان،
هي ديسُ ڪَڙهي ٿو ڪِيني ۾.

ٿو اَمرت لاءِ ”اياز“ ڏسان،
مان پنهنجي خوُنَ پسيني ۾.

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هيءَ هُرڪُر رَين_ بَسيرن جي،
تي ويندي ساڪَ سَويرن جي.

جي واڳَ وٺين ها ڏاگهَن جي،
چو ڪاڻ ڪڍين ها ڏيرن جي؟

او شال! عُقابن سان اٽڪان،
مان واهُر تي واهيرن جي!

آ رات لَڙي، هوُ اڇٽو آ،
تون ڇوڙِ نہ پايَل پيرن جي.

مون مُرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
رُتِ آئي ٻاڙهن ٻيرن جي!

ميهارَ ملَڻَ جي ويلا آ،
ڪَرِ ٻالهہَ گهَڙن ۽ گهيرن جي.

تي ساري سنڌ "اياز" نچي،
چا ڇَمَ ڇَم آندءِ ڇيرن جي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

اي قوم! ٻُڌايا ٿي قِصا، ڪلهه توکي مون تقديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سِر تي، تو تاجَ ڏسان تعزيرن جا.

ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رَتَ ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندانَ ڏي، ٿا زُلف ڇِڪن زنجيرن جا!

هُو ڪوڙا ڪانئر ڳَڙڪن ٿا، ۽ لاش هوا ۾ لڙڪن ٿا،
پر ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪن ٿا، چارنگ ڏنم رهگيرن جا!

اڄ لالَ لَهوءَ جي سَرگم تي، ٿي مُنهنجي ڌرتي رقص ڪري،
مُنهن هيڊَ ٿيا غَدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا.

هي ماڻهو وهہَ جو ڏُڪُ ٿيا، جئن لُڪَ لڳي تئن رُڪُ ٿيا،
اِڄ آزاديءَ جي نعري سان، سڀ دَردَ ويا دلگيرن جا.

هَر دوکي جي ديوار ڍَٺي ۽ اُن جي سَر سَر سان نہ ملي،
اڄ ٻوڙي هرڪو ديوانو، تو ڪوليَ بَنَدَ اَسِيرن جا.

اڄ هَرڪنهن جو هي رايو آ، تو نينهُن ”اياز“ نڀايو آ،
تو ڳاتا گيتَ بغاوت جا، تو لاٿا زنگَ ضميرن جا.

**گيڙوويس غزل**

♣

جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي، هيءَ تُنبي جي تانَ؟
سِر جي سَٿَ ڏئي ٿو آڇي، هرڪو ڌُهرا دانَ!

منهنجا گيت گهُٽَيءِ ٽي ڪانئر، هاٽي ڪيئن ڪندين؟
گَرجي گوُنجي هن ڌرتيءَ جي ستر لک زبانَ!

مل مان ٽا مزدور اَچن، يا واگهہَ ڪٽن ٽا وڪَ،
چَيتي جئن ڪُجهہ چيتي آيا، ڪيڙي ڪيت ڪِسَان.

گونگا ماٺهو ٻوڙا ماٺهو ٻوُٿَ ٻَڏل،
للڪارون للڪارون ٿي ويا، لُڏي ويا ايوانَ.

گهَنن گهنن گهَن ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اَڄُ،
ڌَنن ڌَنن ڌَن ڏِڱَ پيا ڪن، آزاديءَ اعلان.

### گيڙوويس غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنَن جهنَن جهڻڪار اچي ٿي، ٿا زنجير ٽُٽن،
ڪَنن ڪَنن ۾ واڄٽ آيا، زورَ پيڳا زندانَ.

ڇَنن ڇَنن مان آڳَ اُڏاٽي، پهتا اُپَ اُلا،
تَنن مَنن مان ڄرڪي نڪتا، آپي جا اپمانَ.

پَنن پَنن ۾ ٻُٽَ اچي ٿي، پهرين، پوءِ ”اياز“،
ٻَنن ٻَنن کي ڏونڏاڙن ٿا، تيزيءَ سان طوفانَ.

♣

سَکي! هوا ۾ هُٻڳاءُ آهي، گلي گلي گيتُ ٿي وئي آ!
پيا بنا ننڊ ڪيئن- ايندي، بسنت جي رات بي چئي آ.

اننت آ هيءَ روپ- مايا، اجا تہ ڪِينر بہ گيت ڳايا،
اُٿي سُتي لوڪ ڳاءِ چارڻ! صدا اجا تو ڪٿي ڪئي آ!

**گيڙو ويس غزل**

نہ ڪوڪُ ڪويل! نہ ڪوڪُ ڪويل! اسان اڳيئي ڏکي، ڏاڍگڻ!
ڏسين نہ ٿي چا پِرھہ پري آ، لھو لھو رات نردَئي آ!

سڄي سڄي رات ننڊ نيٽين، نہ آ اسان کي، تڏھن بہ ساجن!
پڏر پئي آھہ ڳالھڙي ڪئن؟ نہ تو چئي آ، نہ مون چئي آ!

’اياز‘ ڪلھہ مينڌري چيو ٿي، ’جڏھن چڙھي ڪامٽي چکيا تي،
’نہ ڪاڪ ساڳي، نہ آءُ ساڳيو، ڏنم تہ مومل نئي نئي آ!‘

---

• اننت: بي انت.
• نِردئي: ظالم.

♣

چٽَ پُورا ڪيا گهڙي تي مون،
ڏَسُ، نهائين اجا تتي نہ تتي!

هوُ پروڪي ڪڏهن پيارينديِن،
مَٿ ڪولي تہ ڏس، مَتي نہ مَتي؟

اڄ تہ ڏاڍو اُداس آ آتَڻُ،
تندُ توڪا نئين ڳتي نہ ڳتي؟

سانت، ڄَر جي اُڏار، تيزُ هوا،
چنڊُ، چڪيا مٿان سَتي نِستي!

ريسَ توسان اَوس ’اياز‘ ٿئي،
تو ڪنئي ڪاڻ، مون رَتي بہ رَتي.

**گيڙوويس غزل**

♣

لاڙَ تنهنجي لڳي آهيان لالڻا!
آءُ موتي ميان، ڏينهن لاتئہ گهڻا!

هيل پنهنجي چُني مون تہ ڳاڙهي رڱي،
ڳوٺ ڳالهيون ڪيون ٿا ملن مِيهڻا.

ٻُڪ ڪنهن کي برهہ جي نہ آ پونءِ تي،
اُپ پالهي پنڌي، چار تارن ـ ڪڻا.

سنڌُ جيئي سدا، سنڌُ جيئي سدا،
راس آئي رِلي، هونءَ اوڇڻ گهڻا.

اي ’اياز‘ اڄ وري، ڏُنڌ ڏاڙا هنيا،
’روشني! روشني!‘ ڪن پيا ڪي ڇڻا.

---

• مِهڻو: مُڙڻ موٽڻ ميهڻو ٿيا نظاري نروار ـ پٽائي

**گيڙو ويس غزل**

♣

ساڳ پنهنجو ڀلي، سِنڌُ ڀو ڀيي ڀلي،
ڀاڳ واري سدا، ڀونءِ تي ڀرجهلي.

تو چيو ’سنڌڙي‘، مون چيو ’جندڙي‘،
مون پرولي سَلي! مون پرولي سلي!

پريت لِيلا ٻہ آ، پريت ڪؤنرو ٻہ آ،
پريت پرکي تہ ڪا، مون جيان دل جلي!

وک وِتري گيو ٿي اچي، ٿي اچي،
هو جهڙالي هوا، هو گلابي گُلي!

سنڌُ مرٽي نہ آ، اي ’اياز‘، آ اچا،
اُڃ جو آسرو ڪا تہ پاٽيءَ ڪَلي!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هانءُ منهنجو هَرڻ، رِيت منهنجي رِلي،
رات مون کي ستارا ستارا ملي!

روجَھ رمتا ٿيا، ڪيرُ ڪنهن کان پڇي،
اُپ چاڪان ڦِٽو وِچ ڪنهن تي ڪلي؟

ڪا ترائي هُجي، چانوَ چانئي هجي،
اُڄ منهنجي ٻُجھي، مان پوان آهلي!

تو سوا نينگري، ڏيھ ساري ڏٺو
ڏيل ڏولائتي، ٿورَ تنهنجي ٿِلي!

ڪنهن نہ ڄاتو ’اياز‘، آھ ھي تو سَوا،
ڏات سارو جڳت، ڏات سوڙهي ڳلي.

**گيڙووِيس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جا خُدا کان نہ ٿي، جا نہ امڪان ۾،
ڪالهہ ڪان ڳالهہ سا، آهِ انسان ۾.

آءُ زنجير پائي بہ آزاد هان،
تون تہ ظالم سدا آنهہ زندان ۾!

رات نانگڻ بہ آ، رات جوڳڻ بہ آ،
رک جتائون انهيءَ جون سدا ڏيان ۾!

مون نہ ڄاتو هيو چنڊُ چارڻ بہ آ،
چانڊني راڳ آ، رات سنسان ۾!

هو تہ مون کي چِتا تي وٺي ٿي ويا،
مِينهن برسي پيو ڪالهہ شمشان ۾.

بادلو! بادلو! ڪجهہ تہ برسي وڃو
رات ترسي وڃو هن بيابان ۾.

عشق تنهنجو ’اياز‘ آهِ انسانَ سان،
هو چون ٿا تہ تون، نانهہ ايمان ۾.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿي املتاس تان ڪُوڪ ڪويل ڪري،
’هو پري آ، پري آ، پري آ، پري!‘

مورَ جا پَرَ تہ مون کي ڏنا ٿي ميان!
ناچُ مون کان نہ ٿي، ريت پيئي ٻَري.

مَدَ کهڙو بہ آهي، ڪلالو! ڏيو
رات گهنگهور آ، ڪئن بہ ٽاٽو ٽري.

ٻارڻ ڪيئي ڳُٽا، پر نہ چارڻ ٽڪو
ٻَنگُ ٻيهر چڪي، چنگُ چوريو چَري.

جيءُ هو يا جُهڳو، داءُ پنهنجو لڳو
جيت ڇا، هارَ ڇا، ڪيرُ ٻُٽ تي وري!

---

● املتاس: املداس، ڇمڪٽيءَ جو وڻ.
● ٻنگ: تير.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر بہ تنهنجو ميان، سِر بہ تنهنجو ميان،
ڪنڌُ توڪان سوا ڪيرُ تولئہ ڌري؟

مِينهن جي رات ڪاتي وجو اوٺيو!
مانڙي ٿي پچي، باهڙي ٿي ٻري!

آءُ رابيل مرجهائجن ٽا پيا،
ڪا سُڳنڌ آهہ جنهن جي نہ تو بن سَري!

اي ’اياز‘ اَئنترا! تو تہ پايل ٻَڌي،
پيرَ سوچي تہ رَکُ، ڌرتتيءُ تي ڌري!

♣

جُھوپڙيءَ ٻاهران رات جهانجهر وڳي،
پيرَ ڪنهن جا هُيا؟ ڪيرَ مون ڪان پڳي!

سونَ جهڙي جواني اسان ڪان وٺي،
وارَ چاندي ڪيئہ، عُمرِ ايڏي ٽڳي!

ڪيرَ هيءُ سُجَ ۾، ٿي وڃي اُجَ ۾،
ٿي نہ پُٽ تي ڏسي، لارَ ڪنهن جي لڳي؟

سُورَ تولئہ سئا، سارَ تنهنجي رهي،
زندگاني پرين! تارَ تنهنجي تڳي.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٻيجل سواءِ ٻي تہ لکا ناهہ لوڪ ۾،
هڪ ڳالهہ آ تہ جهانءِ نہ آهي جهروڪَ ۾!

اوندهہ اُجاربي نہ اڳوٽي چراغ سان،
نيزي مٿان اُيار نئون سجُ نوڪَ ۾!

ڪرها ڪُڏاءِ، ڪاڪِ پري ناهہ مينڌرا!
چا جي چڏيئہ بہ چار جَڏا جيءَ جهوڪَ ۾!

وِههُ ڪان ڪڙي پيارِ اسان کي اڙي ڪلال!
ها، اوت، اوت، اوت اچا اوت اوڪَ ۾!

شل ڪَر ڪٽي ڪراڙ مٿان اوچتو وسي،
مارو ملن ’اياز‘، وري شال موڪ ۾!

---

- جهروڪ: جهروڪو چاريءَ وارو ڪٺهڙو.
- جهوڪ: رات جي منزل لاءِ اُٺن جي ويهارڻ جي جاءِ.
- لوڪ: پئٺ، زور واري برسات.
- ڪِراڙ: پٽ شاهہ جي ويجهو ڍنڍ.

♣

هي هرڻ بانورو ڪيستائين هَجي؟
بادلو بُوند ڪا، ريت جنهن سان رَجي!

آءُ سورج مکي، ڏينهن منهنجو ڏُکي،
تون تہ اُپرين نہ ٿو اک ڇاتي ڪَجي!

آگ بَن ۾ لڳي، راڌڪا ٿي رڙي،
بنسري شيام جي، بي سُري ٿي وڄي!

او پرين! او پرين! آءُ، موٽان پيو
ڪيرُ توکان ڀڄي؟ ڪيستائين ڀڄي؟

سِر ’اياز‘ اڄ ڏئي، مُنڌ موٽائجي،
سنڌُ سستي وِڪي، آهہ ڪنهن نِرلڄي.

**ڳيڙو ويس غزل**

♣

ٻہ ٽي نينگريون، چانديءَ ۾ پٽڻ،
لٿيون اپسرائون سُجاولَ ۾ ڄڻُ!

پڇي رات، ٻُھرا ٿيا ٻُوڙا،
اَسارو اَسارو گھُلي ٿو ڏکڻ.

ستارن پڇي اُپَ هيٺان نہ سُمهہ!
ستارا ڏسي ياد ايندءِ سڄڻ.

اڙي رات تارن پَڇي! تو ڏٺو
ٽرائيءَ مٿان هوُ اڪيلو هرڻ؟

چون ٿا تہ آ ذات آڪاس ـ قل،
چون ٿا تہ پنهنجو نہ تون پوک وڻ.

پرينءَ جي پکي ۾ وچين ٿو ’اياز‘
تڙي آهہ ٿانگر، ٻہ ٽي قولَ ڪڻ.

**گيڙوويس غزل**

♣

کونج ڳرڪي پَئي، ڪا اتر پار جي،
ياد آئي اسان کي وري يار جي.

اڄ اُتي جي هوا، جيءُ جهوري وڌو،
سينڱ ڇڪجي وئي اوچتو سار جي.

ٿي ڪيا اڄ شفق قول ان ۾ ڦِٽا،
ڪانہ جهولي پيري پَر مڱڻهار جي.

ڪيترن ڪونپلن سان سجايل هئي!
ٻانهن ڇو تو اَڪارڻ ڪپي ڏار جي؟

اي ’اياز‘ اوچتو ڦَٽ کولي وئي،
چيٽ جي چاندني، هيرَ ولهار جي.

**گيڙوويس غزل**

♣

دور ٽيندا وڇن روز جوڳيئڙا،
تون اڃا ٿو جئين، هاءِ ڙي جيئڙا!

اوچتو مون ڏٺو اُپُ آسائتو،
رات ڪاري هئي ڏيئڙا ڏيئڙا!

مون نہ ڄاتو تہ اي سڄ جهڙا پرين!
روز پاتا پئي تو لِڪي ليئڙا!

آءُ منهنجي تڏي، ويهہ اوري اڏي،
ساهہ توکي سَڏي، اوءِ سانگيئڙا!

ڇو ’اياز‘ اڄ وري، ڇانوَ ڳولين پيو؟
پنڌ ڏاڍو پري آهہ پانڌيئڙا!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

کيت کورا ٿيا، ڏينھن ڏاڍا تتا،
آءُ ڪاري گھٽا، اڄ تہ ڇوڙي ڇَٽا!

واءُ سان ونجھہَ ڪيڏو وڙھن ٿا پيا!
جئن اَٽائو لڳو، مُڙسَ مانجھي متا!

پريت ۾ جيترا جيءَ جوکا کنيا،
اوترو مڏُ متو راڳ منھنجا رُتا!

روز جھلڪا لڳا، روز خوشبو پُڳي،
واءُ کان مون وٽا، پار تنھنجا پتا!

ٿي ’اياز‘ اڄ وري، جڙ اَڪارٿ لڳي،
سانوري کان سوا، ھيءَ سموري سَتا!

**گيڙوويس غزل**

♣

ٿو جلي ھي جبل، لوءَ ھوريان تہ ھلُ!
پنڌ پنھنجو پري، ڏينھن آھي ٽتلُ!

سج تارا ڪڍي، واءُ ور ور وڍي،
برسُ ڪِيھون ڪري، اي ڇمر! ڪر نہ ڇلُ!

ڪو پکيءَ جو نہ پَر، ٿو ٻَري ڪير ٿرُ،
ڇِپّ جي ڇانوَ ۾، ڪيرُ آھي سُتلُ!

واءُ واريءَ مٿان، ٿو وراڪا ڏئي،
ڇو اُڏاڻو تِتر، ڪا ترائي نہ تلُ!

اي ’اياز‘ اڄ تہ ڏس، پيرَ پنھنجا پٿون،
ڪا گھڙي ساھہ پَٽ، آ پري، ھو پنھل!

**گيڙو ويس غزل**

♣

رات جي راڻيءَ ڪئي ڦلهارَ آ،
واءُ ۾ ڪنهن سانوري جي سارَ آ.

ڪونج ڪا اڏري پئي سنجها سَمي،
يا افق تي ڪا لهوءَ جي ڌارَ آ!

ياد بندر بمبئيءَ جو ٿو اچي،
جيءَ ۾ جهرمر ڪئي ڪنهن يارَ آ.

گونج آ هر گيت ۾ جنهن جي ’اياز‘،
هاءِ، سو ڇو دور آ، ڇو ڌارَ آ!

**گيڙو ويس غزل**

♣

اڄ ڏسي ڳاڙها ڪَڪر آڪاس ۾،
ڏرتتيءَ ڪي آسَ آئي آسَ ۾.

تون پري آهين تہ ڇا، آهي پنل،
رات پر رابيلُ تنهنجي واسَ ۾.

نيٺ بادل برسندا هن پوڻءِ تي،
نيٺ ايندين ڪنهن مهيني ماسَ ۾.

هي هرڻُ ڏاڍو هٺيلو هو ’اياز‘،
ڪنهن پرائي تڙ نہ آيو پياسَ ۾.

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هي سيارو هوا، مَنَهن تي ماٺ!
ٿي سڌي ڪا وري جَذِيءَ ڪي جاٺَ.

رات ڪاري، هِتي هُتي جگنو،
ٽيڙَ ڪائي پئي ڏِيئي جي لاٽ!

وڄ ڪنهن تي وڄي ڪِري ساٿي!
اُڀ ۾ اوچتو ٿيا چمڪاٽ.

جي نہ ريجهي رُتو پلئہ ڳل پاءِ!
نينگري! تو ڪيا گهٽيئي ناٺ.

ڪنهن نہ ڄاتو تہ ڇو هيا سَرها،
هو آڏيءَ تي ’اياز‘ اوچا ڳاٺ!

**گيڙو ويس غزل**





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

شاعري جي روحُ گرمائي نہ ٿي،
منزلِ مقصود کي پائي نہ ٿي.

گونج تنهن جي چا ڪبي، محبوب جو،
ڪونجَ جي پيغام پهچائي نہ ٿي!

گيتُ منهنجو ڌرتتيءَ جي دانهن آ،
ڪا ٻڌڻ واري ائين ٻڌائي نہ ٿي.

اي ٻُڌي! ٻاڪارِ ٻانهون هَڙ! رڳو،
پريت ڪنهن کي پار پهچائي نہ ٿي.

ٿو ڪري راڪاسُ راڙا پَر ’اياز‘
هيل تنهنجي سِنڌُ گهبرائي نہ ٿي.

گيڙو ويس غزل

♣

اگر دائم آهي تہ درياھ آ،
گهڙيءَ لاءِ هي گهيرَ ٿُنهنجا هيا.

پٿائي! اسان جي پريءَ جهول ۾،
ٻُڏوسين ٻہ ٿي ٻير تنهنجا هيا.

اهو چير چمڪو سچاڻان پرين،
ٻُنيي ٻاهران پير تنهنجا هيا.

ٻُرو نانھ پنپور اي پورڙي!
ڏنئہ ڏوجھ جن، ڏيرَ تنهنجا هيا.

اڙي ڏيھ! تون شال ٽرٽانءِ ٿين!
ولهيءَ سان وڏا ويرَ تنهنجا هيا.

اجا هانءُ هاريو نہ آهي 'اياز'،
نوان روز انڌير تنهنجا هيا.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڪي مالُ ميڙن، ڪي آڪِڙن ٺا،
ڪنهن ڪونہ ڄاتو گلڙا ٽڙن ٺا.

منهنجي اڱڻ تي آڪاس ـ گنگا،
تارا ٻڏن ٺا، تارا ڪِڙن ٺا.

منهنجي ترائيءَ پاڙي پَلر جو،
سڀ روجھہ ريجهي، جنهن تي مِڙن ٺا.

ٺا گيت منهنجا ڄاريون وڇائن،
ڪنهن گهيرَ ۾ ڄڻ گهاتو گهڙن ٺا.

ڇا ڇا ڇون ٺا ماڻهو اياڻا!
اي ذات، توتي ڪيڏو ڇِڙن ٺا!

♣

تو لئہ تڪيندي ڏِيئا اجهاٽا،
چو ڪونہ آئين، تون رات راٽا؟

هيءِ هيءِ بسنتو! هي قولَ پنهنجا،
ڪنهن لاءِ آندوَ منهنجي پڄاٽا؟

هيءِ هيءِ گهٽائو برسي نہ بَرسيَہءُ،
هيءِ هيءِ اجايل هي پونءِ پاٽا!

اي چنڊ! توکي پهچي نہ پهتا،
اج گيت منهنجا ڏاڍو اڏاٽا!

مهڪارَ آهي ڪائي مِٽيءَ ۾،
هي ڪير مَهڪي ان ۾ سماٽا؟

گيڙو ويس غزل

اي آسمانو نِيرا جهانو!
ڪيڏانهن ويندا ڏرتيءَ ڏڪاٽا؟

رابيل جا گُل پوئي تہ آئين،
پر هارَ ڪنهن کي پائين اياٽا!

مايوس آهين اي مينڌرا ڇو؟
مومل ڪندي آ ڪنهن وقت ماٽا.

اڄ ڪلهہ ’اياز‘ آهہ مَرهم مهانگي،
۽ گهاوَ تنهنجا آهن پراٽا.

♣

هوندي مايا اپرمپار،
بنسيءَ وارا رَتَ سنيار!

رات تہ ڪاري نانگڻ آھہ،
گاروڙي تي رات گذار!

وِلھہ وسي تي اوندھہ تي،
ٽانڊاٽو تي ٽاٽو ٽارِ!

توتي ڪاوڙ ڪوھہ غلام!
ناھِ غلاميءَ جھڙي گار.

دور اسارا شاھہ بلوط!
تون ڪو پنھنجو ٻوٽو ٻارِ!

---

• اپرمپار: بي انتھا.

ڪاٺياري جي ڪنهن کي ڪاڻ؟
واهَر تي ويساهه نه ڏارا!

هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو ڪم،
هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ڪارِ.

جنهن مِٽيءَ تي مرڻو آهه،
تنهن مٽيءَ کي پهرين سارِ!

ڪالهوڪي جو ڪهڙو تاءُ،
اڄ ڪو اُجرو سِجُ اُڀارا!

هلڻي آهي هردم ويڙهه،
آڏي پنهنجي ڍالَ نه ڍارا!

هر منزل کان اڳتي وڃ!
ڪنهن منزل تي پير نه ٿارِ!

اڳتي ايندا ڪارا ڪُنَ،
پوءِ به وڃڻو آهي پارِ.

دنيا جنت ٿيڻي ناهِ،
پوءِ به دوزخ تي ٿڪار.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڙهي گل جي خوشبو سنگهه،
۽ پوءِ ڪنڌي تي وِيچار!

ٻُڌ پل ٻئي جي ڳالهه ’اياز‘!
پنهنجو پيغمبر ٿي گهار.

♣

آڏيءَ اُٿي ٿا هُو گيت جوڙن،
شاعر پڪين ڪان اَڳ ۾ پتوڙن!

پيروُن پچن ٿا ڪاري ڪبڙ ۾،
ڏرتيءَ منجهان ٿا امرت نِچوڙن.

اڄ گيت منهنجا چيتي اَچيتي،
ماٺو مَهيءَ جو ويٺا ولوڙن.

هر هر ڪجاوا اُپري اچن ٿا،
ڪرَها پٽن مان ٿا واٽ ووڙن.

ٻيڙي ٻگري ۽ اوپر اٽائو،
وانجهي وسوڙا تارِن نہ ٻوڙن.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پڌر ۾ پيرا پرينءَ جا،
او شل نڌر سان ناتا نہ ٽوڙن!

ڪيٻائجي چو ڪوري ڪتڻ ڪان!
ڪاپاٽيون ۾ رنڊا نہ روڙن!

هيءِ هيءِ ’اياز‘ اج هي جاڳَـ سپنا،
ٿا جيءُ منهنجو سارو جهنجهوڙن!

**گيڙو ويس غزل**

♣

آڪاسُ نِيرو نرمل اُجالا!
پَرَ پَرَ ڪلالا، پُورا پيالا!

تولاءِ تنهنجا سونا سَنگهاسَن،
مون لاءِ منهنجي هيءَ مِرگهہ ڇالا.

ڪويَل ڇوي ٿي هيءَ ڪُوڪ ڪهڙي؟
مون گيت ڳاتا سپ ڪان نرالا.

مَيهر ڏسي ٿو، تارا ٻَرن ٿا،
سهٽي سُڪائي ٿي وار آلا.

اوتار ناهيان پر پوءِ بہ منهنجي،
ٻَنسي وڄي ٿي گهر گهر گوالا!

سنڌو سُنهري! توکي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، ڇا ديپ – مالا!

اڄ ڪلهہ 'اياز' آ هر گيتُ تنهنجو،
انڌير نگريءَ ۾ ڪا جُوالا.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

رات وارن کي وري چَنڊڪو ڏئي،
اوچتو ڪاري گھٽا برسي پئي.

ڇو ڏهر ۾ تي وڃين ڏِيئو ڪٽي؟
رات ڪارونيار جي آهي، هَئي!

ڪا گھڙي سارا جھروڪا بند ڪر!
واءُ ڪيھون ٿو ڪري، او ٻَي ڇئي!

سيرَ، سُهٽي، تيزُ طوفاني هوا،
سارَ ساهڙ جي، ڏسائون سُرمئي!

تنهن پڇاڙان ڪاڪ کي مان ڇا ڪيان؟
ميندڙو مون کي ويو ڪو ڏنءُ ڏئي.

ڪنهن وچن جي واسطي، پنهنجي ’اياز‘!
زندگي بنواس ۾ گُذري وئي.

---

• ڏهر: پٽن جي وچ ۾ ميدان.
• سُرمئي: سُرمي جي رنگ واريون.

**گيڙو ويس غزل**

♣

اجا بہ ٽُل تي هيا ٽڪاٽا، اجا بہ ڪي سَنڪ سارَ ۾ ها،
سِڱي وڳِي ٿي، سَنئين لڱين ڪي، ٻہ چار پکشو وِهار ۾ ها.

عجيب هي آڱريون هيون جي، لهو لهو ٿي ويون ٽُنبي تي،
عجيب هي ولولا هيا جي، نہ تَندُ ۾ ها، نہ تارَ ۾ ها.

جڏهن اسان خاڪ تي وياسي، تڏهن وسي ماڪ مَيڪدي تي،
رُنو صراحيءَ، ڏنو نہ ساغر، پِياڪ پنهنجي خمار ۾ ها.

اَٿاهہ اُڌما ڏڪار ۾ ها، ڏڪار جا پيار جي سَڪي آ،
سوين امر گيت آدميءَ جا، نہ چانڊنيءَ ۾ نہ پيار ۾ ها!

سُجهي ٿي توکي رڳو ٺٺولي، سَڪي! ڏنو مون جڏهن بہ ساجن،
اَواڪُ واڪا اُڪير ۾ ها، اَپار ناتا نهارَ ۾ ها.

’اياز‘ هر شعر آهہ تنهنجو ائين جئين ڪو گلاب جو گل،
ڏني نہ ٻي ڪنهن بہ سُرخ خوشبو انيڪ ٻوٽا بهار ۾ ها.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تِڪا ڪٺن نہ ماري ويا تاڙ ۾!
لٺو هنج ڪو ڏيندي تي لاڙ ۾.

اسان ڏات سان هي ڏسائون رڱيون،
ميان، تون تہ پورو هئين ساڙ ۾!

ڪياسين اُپا رَتُ ريٽا جهنڊا،
وياسين مُٺي ديس جي ماڙ ۾،

اُپاري ويو آگ ڪيڏي ’اياز‘،
بغاوت ڪري گيت جي آڙ ۾!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

نہ موٽو گهڙيءَ لاءِ گهاٽو ڏئي،
ڪلالو! وجو مَٽ ـ ماٽو ڏئي.

اَڏيءَ کي ڏنئہ ڪيتري پيار سان!
اسان کي اُيو اُوچ ڳاٽو ڏئي!

مٺان رات ڪاري، اَسونهان اسان،
ڇڏي چو وئين تون بہ واٽو ڏئي؟

اُتر اج تہ ڪِيهون ڪري ٿو وسي،
ويو سيءُ ڏاڍو سِياٽو ڏئي.

بغاوت پريا گيت ڳائي 'اياز'،
ڇَريءَ کي وئين ڪو ڇپاٽو ڏئي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تَتيءَ ۾ گهڙو ڪا پري ٿي پئي،
ٿري سونهن چمڪا ڪري ٿي پئي.

اهو ڪانڌ ڪهڙو؟ انهيءَ کي ڏسون!
سهاڳڻ ته ٻَهه ٻَهه ٻري ٿي پئي!

اُتي جي هوا ۾ ڪنيا مورَ پَرَ،
ٻُڪي ٻيل هر هر ٽري ٿي پئي.

ڪرايون ڳچيءَ ۾ وجهي ڪانڌ کي،
ڏسي وِڄُ وينگس، ڏري ٿي پئي.

سَکيءَ کي ڏجي ساهُ گهوري 'اياز'،
مگر ڇا ڪجي، جو پري ٿي پئي!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

يلا پنڌُ هِئن کو اُبهرو ڳري!
ٽڏي چانوَ آ، وَڄُ ڏُپهرو ڪري!

هوا! ڪانهَن بينون بٺائي وڃاءِ،
وَسيهر اُٽي کو تہ لهرو ڪري!

اجا مَڏ متو ناهہ، ترسو ذرا،
پِياڪو اجا رنگُ گهرو ڪري!

اسان جو سدا ڪُنگري تي ڪمند ـ
پيو تير انداز پهرو ڪري.

نئين جاڳ آندءِ، ويو هو ’اياز‘!
اڳوٽو غزل ديس ڳهَرو ڪري.

**گيڙوويس غزل**

♣

وِيجَ! تون چو نہ ٿو ورائين ٻانهن؟
چا ٻُڌين ڪونہ ٿو ڏُکيءَ جي دانهن؟

ڏِسُ تہ تلوار جئن تکا آهن،
تو سُڪايا تہ چا ڪنڌيءَ تي ڪانهَن!

هي تڏي تي اَکٽ نکٽ تنهنجا،
هي جڏو جيءُ، هي اَپار پرانهَن!

ٿو سڏي بار بار آڳاٽو،
ءِ چِڪي چوهہ مان ’اياز‘ اَڳانهنَ.

**گيڙو ويس غزل**

♣

نٿي جي هوا ۾ گلابي بَدن،
ڏکي ڪيئن اَجرڪ سڄو واس وَن!

مِياٽي بہ مَهڪي ميڇيءَ ڇَٽَ ۾،
مسافر، اِهو آهِ منهنجو وطن!

نہ ’خسروءَ‘ ڏٺو هو، نہ ’غالب‘ ڏٺو،
غزل در غزل آهہ پنهنجو چمن!

اها سِنڌُ ڪعبو بہ، ڪاشي بہ آ،
چوي ڇا بہ ڪو شيخ يا برهمن.

انهيءَ تي اسان جي خدائي ڪُٺي،
نہ فردوسُ بهتر، نہ باغِ عدن.

**گيڙو ويس غزل**

جڏهن ’ڪُن‘ چيائون، اسان کي مِلي،
اِهائي تہ ڌرتي، اهوئي تہ ڌنُ!

گوالي نہ گوپي ڏٺي هيئن ڪا،
ڏِسي جَي تہ ساري نہ بنسي نہ بَنُ!

انهيءَ لاءِ بنواسُ ڀوڳيون پيا،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن!

مُسافر! رڳو نِمُ جي ڇانوَ ۾،
اچي ويهہ مون سان، ڪڏهن ٿار مَن.

تہ ڄاڻين تہ هن ديس ۾ آهہ ڇا،
تہ سمجهين تہ ڇاتي ٿيو مَن مَگن!

هتي ڪٽڪ ۾ سَنگ سونا ٿيَن،
هِتي ڌرتيءَ کي روپَهري بدن.

هتي هار پوئي اُتر جي هوا،
هِتي ريت جو هر ڪڻو آ رتن.

جڏهن ٿو وسي مينهَن جي مند ۾،
لڳاتار موتي ڇڻي روز ڇَن.

**گيڙوويس غزل**

جڏهن سِنڌُ تي سُرمئي راتڙيون،
ڪسي ننڊ نيڻان اسان جي ڳڳن.

ڏسي چيٽ جو چنڊُ آڪاس ۾،
اسان کي اچي ياد پنهنجو سَجن.

هتي گيتُ جيتي ويو موت کي،
تنبورو هيو يا پِٽائيءَ جو تنُ!

اُنهيءَ کي اُڏائي وئي چو هَوا،
پپل مان ڇَڄِي جو پيو ڪالهه پَنُ!

اُتي جي هوا آ، ٿَڌا ساهه آ،
اَلا جهُڙ ٿيو مارئيءَ جو ڪفن!

ڇَنيسر ٻه، دودو ٻه مُنهنجو مِيان!
ڇَوان آءُ ڪيسين اُنهن جو ڇَلن!

ڪُهاڙَي ڏيان ڏوهُه ڪهڙو 'اياز'!
ڪپي جَڙ اسان جي ويو ڪالهه ڳَنُ.

♣

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اجا،
تو اسان کي پيو آزمائَين اجا!

آ گهڙو ڪا گهڙي، ڏس ٻُڏين ٿي ٻَڙي!
پريت ميهار سان ٿي نڀائين اجا!

ڪيچ جا پيچرا مانَ چمڪي پَون،
باهہ ڀنڀور کي جي لڳائين اجا!

موتُ هڪ تاج آ، جيڪڏهن عشق ۾،
تون سُري سِرُ اڏيءَ تي جهڪائين اجا!

اي ’اياز‘ اُگهہ اکيون، جي ويا سي ويا،
پوُرَ ڪن جا پيو تون پچائين اجا؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪيچ ڏي آءُ چو ٿي ڳهان، اي اديون!
چو نہ پنہور جي ٿي رهان اي اديون!

هو پنهون، جو پراهون ٿيو اوچتو،
سُور تنهن لاءِ ڪيسين سهان، اي اديون.

راهہ ڪائي نہ آ، واهَہ ڪائي نہ آ،
ڪِن پَهڻ پَٻ جا هُون نہ هان، اي اديون!

هو پري جو ويو سينڌ سندورَ سان،
تاهُہ ٻئي سان ڪري، ڪئن نهان، اي اديون!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿي ماڪَ وسي ميخاني تي، ڪي رِندَ ڪڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪجھ ڳاٽ ڳهرَ مان چرڪن ٿا ۽ جامُ جھلي واجھائن ٿا.

مُون، سهڻا! تنهنجي ساڪَ ڪنئي ۽ لوئيءَ تنهنجي لاڪ هَنئي،
سي ڪانئر ٻي ڪنهن ڪُڙم منجهان، جي پريت ڪري پڇتائن ٿا.

ڪا هِرڪُ نہ هاري هوتن تي، هي پنڌ نہ آهي پوٺن جو،
ٿا ڏاڍا ڏونگر ڏيکارن، جي پيچُ پيارل پائن ٿا.

ڪي ڪنڌ جُهڪائي ڪنڌيءَ تي، ٿا پاڻ ڇُپائن ڇوهي ڪان،
ڪي وانجھي سِيرَ وسائن ٿا، درياھ جڏهن دڙ• لائن ٿا.

هن شيشي – گهر جا دروازا، نادان، اگر ٻوٽين ٻہ تہ ڇا!
پٿر تہ پري، پُوري گهر کي، ڪجھ ٺهڪ رُڳا ٽڙڪائن ٿا.

آ مَهڪ هوا ۾ مينديءَ جي، سي گهوٽَ اچن ٿا گهايل ٿي،
جي لالُ لهوءَ ۾ ليٽڙجي، اج رُتِ جي رِيت نڀائن ٿا.

ڪي پنهنجي پِوَ ۾ پُٺڪن ٿا، ڪي ڪانيارا ٿي ڪُٺڪن ٿا،
ٿو چوري چنگُ ’اياز‘ اُتي، جِت ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

• دڙ: زور سان، وري وري اُٿندڙ آواز پوٺو: ميدان.

**گيڙو ويس غزل**



♣

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
چو پيرَ پساري وينو آن، اُٿ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان ٻي ٻيڙي ڪابہ نہ اچڻي آ،
جي تون بہ اچين او وڻجارا! توکي بہ اُڪاري ويندا سين.

درياهہ اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان تہ رڳو هن سنڌوءَ تي، ڪا لهر اُپاري ويندا سين.

ڪا جهرمر جهرمر جگنوءَ جي، ڪا ٽم ٽم ٽم ٽم تاري جي،
گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي تہ سهاري ويندا سين.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر هيئن نہ مرنداسين ساٿي!
ڪا آگ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون آءُ تہ اوريون اوراٽا، ڇو جيءُ سَهي هي جهوراٽا؟
تون ڇاڪان ڇرڪين ٿو راٽا! اڄ ڪاڪ ڪناري ويندا سين.

ڇو گهٻرائين ٿو ڪوٽ ڏسي، هي اوچي اوچي اوٽ ڏسي،
زندانَ اُڏائي ويندا سين، زنجيرَ پگهاري ويندا سين.

تنهن وقت بہ مون هي ڄاتو هو، هي ڪاريهر سان ناتو هو،
جي ساٿي ساٿ سڄاتو تو، هي مارِي مارَي ويندا سين.

تون ڪر، جو توکي ڪرڻو آ، هي دور بہ نيٺ گذرڻو آ،
ڪنهن وقت ڏهيسر مرڻو آ، بنواسُ گذاري ويندا سين.

♣

جي تو اجا نہ ڄاتو آ ڪيرُ ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي مٽي اڪاسي!

آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اجا اتي آ،

**گيڙوويس غزل**

هو ڪيرٿر ڪڙو آ، ويندا رهيا وناسي.

لالڻ! نوان لڪن ۾، نڪتا نياڻ آهن،
ايندا جتي لُڪن ۾، پانڌيئڙا پياسي.

هي شامَ جو مياڻي، هي سونَ رنگ پاڻي،
ٿڙ تي ٻه چار ڏيئا، نڙ تي ٻه چار لاسي!

منهنجي اڪير ڇا هي؟ هي چٽ چيت من ۾،
مندر، اداس ڏيئو، اڌ رات، ديوداسي.

جي وک کي وڌائين، اڄ ماڳ ڏور ناهي،
ڏونگر ڏري پيو آ، ساهس ته ڏار ساسي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

اُٿ تہ ٻاهر ڏسون ڇا نہ گهمسان آ!
يا تہ برسات آ، يا تہ طوفان آ!

هي اُتر ءِ ڏکڻ ڪيئن ٿا گڏ گهلن؟
ڇا تہ امڪان آ! ڇا نہ امڪان آ!

ظلم مغرور آ، ظلم مسرور آ!
نيٺ مفرور آ، نيٺ نادان آ!

قهر آ شهر آ؟ يا رڳو زهر آ؟
رَت جو پهر آ، چنڊ حيران آ!

اي ’اياز‘ اڄ ٿَري يا سپاٽي ٿَري،
وقت قاتل جيان ڪوئي مهمان آ.

**گيڙو ويس غزل**





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

روز جھولو لڳي، روز پيرُون پچن،
شال مارو اچن! شال مارو اچن!

هُو ڏسو! هُو ڏسو! کيرٽر تي ڪڪر،
دُور آڪاس ۾ اڄ وڄون ٽيون نچن!

مينھڙا ڏينھڙا شال ڦيري وچن!
مَڏُ وانگر اچن، جي هوائون اچن!

موت سان فوت سپنا نہ ٿا ٿي سگھن،
جيئن ماڻھو مرن، تيئن ماڻھو مَچن.

ابر جو ساٿُ ڏي، ٿو اچي، ٿو اچي،
هِي نہ آ ڪم ڳچن، ڪير ڏسجي بچن!

اي ’اياز‘ آدمي ٿو مَري هُونءَ پيي،
ڪونہ ڪنھن کان ڊنا، سَچُ ڳاتو سچن!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

زندگي! دؤر جَي قيد ۾ ٿو رهان،
صبر هاڻي نہ آ، جبر ڪيسين سَهان؟

ڳِهندُ مون لاءِ ڪنهن دير ڪان ٿو وڃي،
قافلو ٿو ڳهي، مان بہ تنهن سان ڳهان!

نانءُ منهنجو بہ تون، ٿانءُ منهنجو بہ تون،
آءٌ توکان سوا ڪونہ هان، ڪونہ هان!

تون ڪڏهن ٿي اچين مِينهن جي بُوند جئن،
سِپَ وانگر پيو مان وڇوڙو سَهان؟

اي ’اياز‘ اڄ ڪٿي چنڊ جهڙو پِرين،
ڪاش! هن کي ڪٿي آءٌ ڳولي لهان!

♣

ڏَرتَتِي! ڏَرتَتِي! جاءِ ڪائي تہ ڏي!
تاءُ ايڏو تَڏي، تاءُ ايڏو تَڏي!

آءُ، تو لئہ اجا منتظر آهيان،
ڇا وَئين تون ڇڏي؟ تون سدائين لَڏي؟

تون بہ آهين اُجو، پيءُ هن ٿانوَ ۾
نِم جي ڇانوَ ۾ ويهہ گوڏو گڏي!

هِي عدم ڏي قدم روڪ اي همسفر!
هيءَ ڌرتي نہ ٿِي پير تنهنجا ڇڏي!

اي ’اياز‘ اوچتو سنڌ ڀڙڪي پئي،
آگ ڀڀئي ٻَري، آگ ڀڀئي سَڏي!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

سَنئين لڳين ڪوئي بہ تہ ناهي، هرڪو آهي گهيري ۾،
کهڙا ٿو سوداءَ پچائين، ويهي ’مِير‘ انڌيري ۾.

اُڏري اُڏري ٿڪجي پوندين پنڇي روز پتوڙي پَر،
تنهنجو سپنو ڪٿي بہ ناهي، ڄڻ ڪنهن سانجهہ سويري ۾!

تِلڪ لڳايئہ، نِرڙُ سَجايئہ، هَٿُ وڇايئہ مَٿُ ڏِسي،
پر ڪنهن جاٿَ اُساٿ نہ لاٿيئہ، ڄِڀي ائين ئي ڄيري ۾!

ڳچي آ ديوار، ڪڏهن هي ڦهڪو ڪائي ڪِرٽي آ،
ڪيڏو ٿِي مضبوط لڳي، پر دنيا تيري ميري ۾!

پنهنجا پنهنجا ٻولَ ٻُڌائي، پَر ڦهلائي اُڏري ويا،
تو وٽ ڪالهہ پرندا آيا جي تنهنجي آکيري ۾!

---

● مير: اردو غزل جو شاعر مير تقي مير. هي غزل اُن جي سُر ۾ آهي.

رات پئي برسات، هوا جو ڇا تو ڪوئي شور ٻُڌو؟
وِچ وراڪا ڄڻ ڪاڏا ٿي، لاٿ وسائي ديري ۾!

اُتر ڪان هالار مٿان، ٿو ڪيڏو ڪارونڀار اچي!
ڏڪڻ ڏانهن هلي آ اُڏري، ننڊ نہ ڪر واهيري ۾.

پنهنجي جوت جلائڻ وارا، سڀ نڪري ڪيڏانهن ويا،
ايڏي رات ’اياز‘ گُذاريئہ، ڪنهن جي لاءِ انڌيري ۾؟

## گيڙوويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

سانوريون نينگريون پنڌ ۾ ٿَڪَ لُڏن،
ڄيٺ ۾ ڄڻ پپيا انب جا وَڻ لُڏن.

ڏُور ريٻاريون ڄڻ وٽِن ٿاريون،
وائري ۾ پپيا ڪيترا ڌڻ لُڏن!

ڇا اُتر جي تپت تو وساري ڇڏي؟
روز جهولا لڳن، انب جا وڻ لُڏن!

پيار ٽُنهنجو ٻِرين ايترو ويڄهڙو!
دل ڌَهڪجي وَئي ڪئن نہ ڏانوڻ لُڏن!

هيءَ بہ آ شاعري جنهن سَرءُ ڪانہ آ،
روز بادل وسن، روز سانوَڻ لُڏن!

**گيڙوويس غزل**

♣

پاڻ کان ڪنهن هَرڻ جيان نہ پڇجو،
رڻ ۾ رهڻو آ، وَڻ جيان نہ پڇجو.

سِڪَ ۽ چِڪَ ۾ رهي ويچو،
ٻار جي مُنهن ڏي ٿَڻ جيان نہ پڇجو.

آسمانن ۾ شور ٿِي گهاريو،
وِڄَ وانگر وَسڻ جيان نہ پڇجو.

نہ ڏٺي آ، نہ ڪو ڏنار آهي،
مِينهَن جي ڏينهن ڏَڻ جيان نہ پڇجو.

ساٿيو! ڳورهاري ڌرتيءَ تي،
وقت کان اڳ ڄَمڻ جيان نہ پڇجو.

پيرَ ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن جي ڪِرَڻ جيان نہ پڇجو.

رَتُ روڪي وِڙهو ’اياز‘ اڃا،
ڪانئرن جي ڀَڄڻ جيان نہ پڇجو.

**گيڙوويس غزل**

♣

هُو ڪيڏا سانگَ رچائن ٿا، پَل چار رُڳو هو پائِن ٿا!
مَن پنهنجي ڪي ڪنهن شوڪَت يا ڏَن دولت تي هِرڪائن ٿا!

ٿِي هر ڪنهن کي جَڙ خاڪَ سَڏي، ڪيڏا نہ ڳري ٿي واڪَ سَڏي!
ميڙو نہ مَتو ٿو ڪوبہ ڇَڏي، هُو ڪو پَلُ سَڌُ لنوائِن ٿا!

ڪا نِيَس نہ ڏي تون ماڻهوءَ کي، آسِيس ڇڱي آ هَر ڪنهن جِي،
ڪئن چئجي ڪو پَل ڪيئن هجي، پر مُورِک ڪونہ لَڪائن ٿا!

ڇو سُک جو ساٿِي آنهن رُڳو، اَڄ مون مان ڏک جِي ڏاهَپ سِکُ!
مون لاءِ اَمر انسان اُهي، جي پنهنجو پاڻُ ڀُلائن ٿا.

مون کي نہ لڳي هِي ڳالهہ ڇڱي، ڏاتارَ وَٽان تو ڏات مَڱي،
ٿِي ڪيئَن پَکين کي لات مِلي، هُو ڪونہ پُڇن ٿا، ڳائن ٿا!

هاڻي بہ ’اياز‘ ڏسان ٿو، مان سي ڳِيرو ساريءَ سِنڌُ مَٿان،
جي ٽُنهنجا پيرَ چُمِن بينا، جي توکي ساھ سمائن ٿا.

**گيڙوويس غزل**

♣

ٿو مالَهہ جيان آڪاس ڦِري ۽ ڪوهہُ ڳِڙي ٿو تارَن جو!
پو نُورُ وَهي ٿو نيسَر مان، ٿي ِ گيت وِساريل پيارَن جو!

چا پارَ ڇَٽيا يا هُن ڇاٽيا، ڳُل ڪالهہ ٽِڙيا جي خوابن جا،
اقرارَ پرينءَ جا ڪيئي ها، ٿو آءُ پُڇان انڪارن جو.

ڇَت ساريون راتيون ٽپڪي ٿي، اَک هيلَ نہ پَلَ لئہ جهپڪي ٿي،
برسات تہ ٻرجي آئي آ، پَر خيرُ نہ آ پنهوارن جو!

هي واڌَ وجي ٿي ناري جِئن، سَوَ واڳُون جنهن ۾ ٻَرجِي ويا!
ڏَرَ ڏوڙِ اُڏائن ٿا ويندي، آ پَڌرو ڏِپُ ڏنارن جو.

تون ئي ڇَؤُ توکي ڏوهي آ، هي ڏيهہُ سڄو ئي ڏوهي آ،
چا راڄا جو چا پرجا جو، تون پُڇ نہ ڪُجهہ پِرڪارن جو!

هر ڪنهن سان ڏوڪو ٿيو آهي، ڪنهن ڪنهن جو ٻوڪو پيو آهي،
ٿا هَر هَر ويرِي وَرتُ ڇِڪن، چا ٿيڻو آ تو پارن جو؟

**گيڙو ويس غزل**

♣

سو وقت بہ اچڻو آ ساٿي! هي خوابُ حقيقت ٿي ويندو،
جذبات ائين اُڀري ايندي، هر حرف قيامت ٿي ويندو.

هي ٿنيا ٽوٽيون قاهيءَ جا، رَهندا نہ وڏيري شاهيءَ جا،
ڪو آزاديءَ اشارو جڻ هي لفظ ’سياست‘ ٿي ويندو.

ڪا سُهڻي ڪو ميهارُ ٻُڏو، پر پارِ هزارن ۾ ويندا،
درياهہ جڏهن ڏَڙ لاٿا پو، هُو سارو دهَشت ٿي ويندو.

جنهن وقت بہ نڪتي سِجُ ڪني، ٿي پنهنجي چانديءَ جيئن ٻَني،
وَرُ سارينڊو آ جيئن وَني، انسانُ محبت ٿي ويندو.

دنيا تہ ’اياز‘ ڦِري پيئي، ڏِس! ڏِسُ ديوار ڪِري پيئي!
هي رَنج تہ سارو سپنو آ، ۽ آخر راحت ٿي ويندو!

**گيڙوويس غزل**

♣

چو جاڳيو آهين ننِڊَ مَنجهان، هاڻي تہ لِکي اَک لاتي تو!
هي کهڙي ڳالهہ جَتائين ٿو، ائن جيڪا اڄ ۾ ڳاتي تو؟

اِئن پَل ۾ تُون ڪيڏانهن وَئين، جيڏانهن سِتارن ميڙ آيا،
ٿي توکي ڪيڏا ٽيڙ آيا، چو راتِ ڪَٽِي مَڏ ماتي تو؟

تُون آنهہ اُتيئي، اِئن تہ نہ آهي، پَندُ سمورو سَپنو هو!
ٿو دُور وِچين ڪيڏانهن، مگر چا پَنهنجي راهہ سُڃاتي تو؟

چا سَپنا سارا لَڪ هُيا، هي جوٽا جهولا جهَڪَ هيا،
پر تون سمجهين ٿو پَڪ هيا؟ ۽ سَچ پَچ منزل تاتِي تو؟

هي راڳُ هُيو ويراڳُ هُيو، جيڪي هو تُنهنجو ڀاڳُ هُيو،
هي پندَ بہ تُنهنجو ماڳُ هُيو، جنهن لاءِ چَڏيا گهرَ ڀاتي تو؟

هُو جهونجهڪڙي ۾ ڏِسُ پنڇي، جي سپ ڪان اڳ ۾ اُڏرن ٿا،
چا لاءِ ’اياز‘ سُتين هاڻي، ڳاتي تہ پَئي ڀِرياتي تو؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جنهن وقت بہ ڇُلڪي پاپَ گھڙو ڇا ٻَرجي ٿو ٻيهارَ ڪڏهن؟
ڪنهن وقت اَچانڪ رستي تي ڇا ويندي ملندين يارَ ڪڏهن؟

تون دردُ ڏئي مُنهن زردُ ڪَرين ۽ پوءِ سَدا لئہ سَرد ڪَري،
اي قاتل! تُنهنجي حِڪمت جا سَڀُ مِلندا مون کي پار ڪڏهن؟

جي سوچ تہ اُپَ ڪان اوچو آن، پَر پوءِ بہ ننهن کان ويجهو آن،
چو توتي سوچي، مَن ۾ ها اقرار ڪڏهن، انڪار ڪڏهن؟

هيسين تہ پَڪي تي پهتي هئي، ويساهہ ويو درياهہُ ٿَپي،
پيلو بہ تہ ٿيندو آهہ گھڙو ڇا وِسري ٿو ميهار ڪڏهن؟

هي جيون جَڙ وَڻُ ڏُک جو آ ۽ سُک تہ پکيءَ جو پاڇو آ!
ڪنهن توکي ايئن چيو آهي، آ سُک ڏِنو سنسار ڪڏهن؟

هي واچوڙي ۾ ڦرٽي آ، ۽ ڦهڪو ڪائي ڪِرٽي آ،
ديوار تہ تو لِئہ ڇانوَ هُئي، اُن ۾ نہ ڏنا تو ڏارَ ڪڏهن!

آ هر ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ پَسُون ڪِئن اُن ۾ آس رکي آ تون؟
جِن هاچا ايئن ’اياز‘ ڪيا، اهڙا بہ ڏِنئہ هاتار ڪڏهن؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جي ٽُنهنجي صورت موتي آ، ڪنهن وقت اکين آڪيري ۾،
مون کوهي پنهنجي ڪنپ وِڇايو، بستر دل جي ديري ۾.

ڪنهن ڪيئن ڏٺو ڪنهن ڪيئن ڏٺو ڪنهن هونءَ ڏٺو ڪنهن هيئن ڏٺو
مون توکي ڳولي جيئَن ڏٺو، هُئي پيڙا تنهنجي پيري ۾.

ڪيئن بيتَ ٿيون هي بيتابيون جئن سَمندَ مٿان سَوَ مرغابيون؟
هي پنهنجو پاڻَ لڪان ٿو مان، اَڄُ آڌيءَ راتِ انڌيري ۾!

اي ڪُونجَ ڏسائون ڳوليندي، تو لاءِ جواني گذري وئي،
ڪٿن آئينءَ اُجريءَ باک جيان، اڄ منهنجي رين بَسيري ۾!

هر ڦلواڙيءَ جي آسَ هُيا، هي ڳهڙا ڳهڙا واسَ هُيا،
ڪيڏيون نہ ڦلن جون ٽوڪريون تو آنديون پيري پيري ۾!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن وقت شفق جي رنگ جيان تون مون ۾ آنهه اُمنگَ جيان،
ڪنهن ڪاريهر جي ڏنگَ جيان، تون ايندينءَ نيٺ انڌيري ۾!

جئن سورج مُکيءَ جا ڪيتَ ڪِڙن ۽ واءُ لڳي، سَوَ سج لُڏن،
ٿو اُپرين ڪيئي گيت ڪٽي، تئن ڄَر ٿِي مُنهنجي جيري ۾!

هي دنيا نيٺ تہ لُڏڻي آ، هر چيز هِتي ئي ڇڏڻي آ،
ڪنهن وقت اُڏامي ويڇڙو آ، ڪجھ ڪنپ ڇڏي واهيري ۾!

ڪنهن وقت ’اياز‘ اڏامون آ، ڪنهن وقت ڪنڍيءَ جون ڪامُون آ،
ڪنهن وقت شفق جون شامون آ، آ هُو ئي ڳت ڳت ڳيري ۾!

♣

ڪنهن وقت گوالن سان گڏجي تُون گوپيون ٻڌجي آيو آن!
ڪنهن وقت وَڻِن-واهيرن تي تون بانسريون ٿي چانيو آن.

ڪنهن وقت اَچين ٿو ديپڪَ جان، جهَر جهنگُ جلائين ٿو اُن سان،
ڪنهن وقت جئين مَلهارُ مثان، ٿُون مون تي ايئن وَسايو آ!

افسوس تڏهن توکي ڳاتو، جنهن وقت سواري آئي آ،
مون کي تہ گهڻو اڳ وچڙو هو، ڪنهن گيتَ هِتي ترسايو آن.

هي راڳُ انوکو راڳُ آهي، هي پاڳُ نرالو پاڳُ آهي،
ڇا هي ئي تنهنجو ماڳُ آهي، تون جنهن لئہ روهہَ رُلايو آن؟

تون باڪَ گُلابي گُلَ آهين، تون ئي تہ پکين جا هُل آهين،
ٿو ڪَير چوي تون پل آهين، تون وَڻ وَڻ ۾ وَرجايو آن!

مان ڪَهڙو مُنهن ڏيکاريندس؟ ڪو بندوبست ’اياز‘ نہ مون،
مون وَٽ تہ رِلي آ چار چَتيُون، اَڄ دوست اچانڪ آيو آن!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

آ هيلَ پَري برسات پئي جيڪا بہ جُهڳي سا جهَڻ آهي،
ڄَڻ آهہ ڳَٺيون ڪي هِيرن جُون جا واريءَ جي ڳَڻ ڳَڻ آهي!

هُو پورو برسيو ناهہ اڃا، هُو اُن لئہ ترسيو آهي ڇا،
جو موتُ مٿان لهرائي ٿو جو نانگُ نِڌوري ڦڻ آهي!

ڳل ڪيڏا آهن ٿارين تي ۽ هيٺ جهُڀا ريٻارين تي،
پَر نيڻ نهارِن ٿا جاڏي، ڪوراڙِ لَپيٽي وَڻ آهي!

ڪا راهہ بہ آهي جهنگ منجهان، ڪو چارو يارو ڄاڻو ٿا؟
اوناڙَ ٻگهڙ جي چوڏاري ۽ ڏوڙِ نِڏٽڪي ڏَڻ آهي.

ڇا رَهندي ڪائي لاَٿ هتي؟ ٿِي واءُ ڪري گهوگهاٽَ هتي!
ڇا ڪُٽڻي نانهہَ ’اياز‘ سَرءُ؟ ڪيڏي نہ رڳي ڇَڻ ڇَڻ آهي!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

وڃي پيئي تُند تيزُ ڏارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!
جئين ٻہ درياهہ جا ڪِنارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

سدا وڇوٽي نہ آهہ رَهڻي، ڪڏهن تہ ديوار آهہ ڍَهڻي!
نہ چنڊ ٻيو آ نہ ڪي ستارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

ٻہ ٽي قدم تون ڪٽين نہ ڏگ تي؟ نہ ٿو پڄي هارِ پَنڌُ اڳتي،
وٺا اٿم چار پل اُڌارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

نہ ڳوٺ رهندو، تہ پوءِ ايندينءَ؟ ڍهي وڃي گهر وري اڏيندينءَ،
اَڃا ٻيا ٻہ چار چارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

اَڃا اڪيون تو نہ ڦيريون ٻَر، اٿي اڳي جيئن ڪاٻہ سانيرُ؟
اڃا نہ ٻوٽيا اٿم دُوارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

’اياز‘ دل ڇو اُداس آهي؟ نہ چانڊني رات ئي وڃي ٿي!
رهيا نہ ڪي ساهَہ جا سهارا، ڳڏهن تہ ملندينءَ، ڪڏهن تہ ملندينءَ!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪئي تو ٻولڙي نيھي، ڪڏھن ڳيھي ڪڏھن ڳيھي!
اچانڪ پَئِد ۾ پيھي، ڪڏھن ڪيھي ڪڏھن ڪيھي!

اھا سنگيت، جنھنجا گيت تارَن ڏي اڏامن ٿا،
اسان رَيبي، نہ ڪي رَيھي، ڪڏھن ڪيھي ڪڏھن ڪيھي!

ڪڏھن تون اجنبي آھين، نہ ڄاڻون مُنجھہ تنھنجي ڪي،
ڪڏھن تون ڏيھہَ جو ڏيھي، ڪڏھن ڪيھي ڪڏھن ڪيھي!

جڏھن آڪاسَ ۾ اُڏرين تہ ڪارونيارَ چيرين ٿو،
ڪڏھن پڇري اَچين پَيھي، ڪڏھن ڪيھي ڪڏھن ڪيھي!

ڪڏھن تون ماڪَ جئن روئين، ڪڏھن تون ٿڪ ٽانگر جا،
نہ صورت ڪابہ تو جَيھي، ڪڏھن ڪيھي ڪڏھن ڪيھي!

**ڳيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شفق مان نُورَ جي جهُڙ ڦُڙ، افق تي آڳ جو گهيرو،
نہ هُو آهي نہ آهَي هِي، ڪڏهن ڪيهي ڪڏهن ڪيهي!

ڳنڍي ڪائي بہ ناهي، دُک جي درياهہَ ۾ آهيون،
اچي ديهي، وڃي ديهي، ڪڏهن ڪيهي ڪڏهن ڪيهي!

ڪڏهن تُون انبڙي توڙي! ڪڏهن طوفان ۾ گيري،
حياتي ابن جئن ڦيهي، ڪڏهن ڪيهي ڪڏهن ڪيهي!

لُڏي تي لامَ اُڏري ويا، هوا اهڙي گُهلي جو ٽيا،
پَکي ڏيهي بہ پرڏيهي، ڪڏهن ڪيهي ڪڏهن ڪيهي!

ڪڏهن تون سانوڻيون آهين، گهٽائن جون جَٽائون آن،
نہ آ ڦُر ڦُڙ 'اياز' اَيهي، ڪڏهن ڪيهي ڪڏهن ڪيهي!

♣

ايترو پاڪُرين پَئي آهين،
روح ۾ جَرَڪ رچي وئي آهين!

چوڏڳي تي چُميون ڏئي هئن ڪو؟
تون نہ مُرڻندينءَ، بي چَئي آهين!

هِي سَنهي چيلهہ ٻانهن ۾ مُنهنجي،
چاندنيءَ راتِ ۾ لَئي آهين.

لوڪَ جا ٻوڪَ سَڀُ لنوائين ٿي،
پيار ۾ چا نہ بي پَئي آهين!

چَندُ چهرو گلاب جئن گردن،
چا چُمي چا چُمان، ٻَئي آهين!

جيئن ميوو رَسي 'اياز' ڪِري،
خود اچي پاندَ ۾ پَئي آهين!

گيڙو ويس غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

وَل جئن ويڙهجي وَئي آهين،
پيارَ ۾ ڪِئن ڦُٽي پَئي آهين!

هيستائين پَري رَهي آن ڪِئن؟
زندگيءَ کان بہ ويجهڙي آهين!

چندَ توکان چُمي وَتي آهي؟
چاندنيءَ ۾ ڪڏهن سُتي آهين؟

پيارُ برسات جيئن آيو آ،
اج تہ گُل مَهر جئن ٽِڙي آهين.

ٿُون تہ ٿي گهاٽَ کان پري گهارين!
ڪنهن بہ ميهار لَئہ ٻُڌي آهين؟

**گيڙو ويس غزل**

ٽُنهنجي مَن کي پڙهيو نہ آهي مون،
جا نہ ڄاڻان، اُها لِپي آهين؟

پاڻ آئينءَ هَلي ڪناري تي،
ڄڻ تہ ڪا سَمنڊ جي سِپي آهين!

تون بہ ڪوڙي ڪڏهن ڪڏهن هوندينءَ؟
پيار ۾ ڪيتري مِٺي آهين!

پاڻَ کي ڪيترو رُلايو تي!
ڇو وَري تون گهِٽي پُلي آهين؟

زندگيءَ جي اُداس صحرا ۾،
ڄڻ تہ برسات جي ڦُڙي آهين!

دوستيون ڪيتريون اَٿيئي، پَر،
مون جيان پو بہ هيڪلي آهين!

عجب آ تو 'اياز' ڏانهن اَچين،
ائن لڳي ٿو تہ ڳنهن مُڪي آهين!

گيڙوويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

دل نہ ڦاساءِ ڪنھن پکيءَ وانگر!
ايئن ھلجانءِ ڪنھن سَکيءَ وانگر.

روح رِڻ پَٽُ اُداس آ تو لئہ،
آءُ مون وٽ ھَرڻ_اکيءَ وانگر!

جيءُ جئن جھيرٽو وِلوڙڻ ويلَ،
تون ٻَريل ڏُڌ جي دَکيءَ وانگر!

پيارُ توسان اجا اتم ساڳو،
ٻيءَ ڏي چو ڏنئہ، ڪکيءَ وانگر؟

شاعري آ ’اياز‘ مُنڌ جيان،
باک ۾ ڪوھَ تي بکيءَ وانگر!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اي جُتيون! ايتريون مِٺيون آهن!
شهر ۾ ڪيتريون گهٽيون آهن؟

اِستريُون ايتريون گهريليُون ٿِيُ،
پيار ۾ ڪِير جئن ڦِٽيون آهن!

چَپَ تُنهنجون چُميون پيا سارن،
يادگيريون اچا چِٽيُون آهن.

پيهه ڪيڏي نہ آهہ پيارين جي!
گِيهہَ ڳرنديون سوين ڳِٽيون آهن!

عُمر توتي اثر وڏو ناهي،
دلرُبايون ٻِٽيون ٽِٽيون آهن!

حُسن وارين ’اياز‘ چَئن نہ آ،
عشق ۾ ايتريون پِٽيون آهن!

**گيڙوويس غزل**

♣

كالهہ آئي هُئينءَ سَڪيءَ وانگر،
موڪلايُئہ پَئي گَڪيءَ وانگر.

روح ۾ ڪيتري رُڪي آهين!
ٻاهران آن مَڪيءَ چَڪيءَ وانگر!

اَئٽ تان سِرَ مَٿان رکي ٻهڙو،
ٿي اَچين باڪَ ۾ ٻَڪيءَ وانگر.

ڏِسُ، شروعات ڪان ائين آهي،
حُر، وسامي ويا مَڪيءَ وانگر.

ڪيترو آن اُداسُ سج لٿي،
راهہ تي ٻانهَن ۾ ٻَڪيءَ وانگر!

چَپَ اهڙا، لڳين پَئي مون کي،
اَڄُ سَجَر ڏُڏُ جي ڏَڪيءَ وانگر!

ٿي اڏامي پئي ’اياز‘ اجا،
شاعري باڪَ ۾ پکيءَ وانگر!

گيڙوويس غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

رات ساري نِراسُ نگريءَ ۾،
چا چوان؟ چا پيو اچي جيءَ ۾!

آءُ ڪانڌي وڃي ٿيان ڪنهنجو؟
ڪابه خوبي هُئي نه فوتيءَ ۾!

چَنڊُ چُپ چاپ ٿو ڏسان ويندو،
پَل ليٽي ٻه چار واريءَ ۾!

تو نه ڏاڏا هُيا نه پَڙ ڏاڏا،
ڪجهه هَڏا ها اُجاڙ ڌرتيءَ ۾!

جيئن تاريخ ڪي وساريو تو،
ڪنهن مِلائي ائين نه مِٽيءَ ۾!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڪ ڪويلَ اچا ڳري پيئي،
چڻ اَملتاس جيءَ ٽاريءَ ۾!

ٿو رڙي مورُ رَيت گونجي ٿي،
ڪا اُداسي ٻہ آهہ سانجهيءَ ۾!

شاعري آ ڏسڻ وٿان تنهنجي،
ايترو رَنگُ ڪونہ ڳُربيءَ ۾!

شعر سارو اُڳهي ’اياز‘ وئين،
ڇا ڪندين نيٺ زندگيءَ ٻيءَ ۾؟

♣

ڪيترائي ڳيا ڳچيءَ ڳارا،
پَر نہ ضد تان لَٿين ڪڏهن يارا!

ڪيستائين عقاب ڪان ٻَچيندين؟
تو ڏئي روزُ موٽُ لامارا!

اَڪَ مُرجهائجي وَيا آهن،
هَيل ڏاڏيا پيا هُيا پارا!

واٽڙو ٿِي وڃي رهيو آهيان،
آءُ چاري پنيان ڏِسي چارا.

ڳلهہ اَوهان جو ڇهاءُ اي ڇاتيون!
ٿي ڇِنا مون ڳلاب جا ٻَارا.

ڇا ڇپائن پيون اکيون تنهنجون؟
پيارُ ڇو اشڪبار آ پيارا؟

---

• يارا: اي يار

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪيو انتظار هو تنهنجو
رات اُپريا هُيا جڏهن تارا.

ڪائناتُون پَري پَري ويئُون،
ڪنهن ڏٺا آسمان ۾ چارا!

تو پِري جَنبُ، باک تي آهي،
نينگري تِي ڪِتي ڏري ڏارا!

تي ملي اوچتو ڪڏهن نُوري،
چؤطرف ڪيترا ڪِڪيءَ ڪارا!

موتَ لاچارُ سَپ ڪيا آخر،
تو جيان نيٺ مُڙس موچارا.

جَڙ گُلن جِئن لُڏن پيون گوپيون،
بنسري اوچتو ٻُڌي ڪارا!

سيءُ آهي، ’اياز‘ هُن ڪي چؤ
”اِئن نہ انگيءَ ڇُپاءِ اَنگارا!“

---

● ڪارا: ڪرشن، انگارا: اڱر.

## گيڙو ويس غزل

♣

رِڻ ڪي جنهن ڦِري ڏنو آهي،
سو هَرڻ اوچتو مليو آهي.

مون ڏٺيون ڪيتريون نہ واٺهڙيون،
ڪا جڳهہ ناهہ جِت ڦُٽو آهي!

روجَهہ رُلندا ڏِسي ڪَڏهن رِڻَ ۾،
اُپَ جو هانءُ پَرجندو آهي.

ٿو ڏسين ڏهَر ڏهرَ ۾ ڏيئا؟
ڪو تہ اوتار آئيو آهي!

ساپيا آهہ، هيءُ سَپنو ناهہ،
گهر گهريو پيارُ اوچتو آهي!

---

• واٺهڙي: ٿر ۾ انهيءَ واٽ کي چئبو آهي، جا مينهن ٺاهيندو آهي.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوري! تو سواءِ ڇا گهرجي؟
تون مِلي آنهه، جَڳُ مليو آهي.

ڪوڱڪر نانهه، چَندَ جو پاڇو
هيل درياهَ ۾ ڇِٽو آهي!

راتِ جو جام ۾ وَري توکي،
مون صراحيءَ منجهان ڀَريو آهي.

دُور هوندي به دور ڪونه آهين،
راتِ ساري ته ڇهڇٽو آهي!

پيارا! اڄ ڪالهه پيچرو تنهنجو
ڇا نه وٽڪارَ مان وَيو آهي!

وِڪَ آهستہ ڪَڻ 'اياز' اڳيان،
باڪَ ٿي آ، ته هُو سُتو آهي!

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جيءَ هَر ڪنهن هزار جُل آهن،
اَنت ۾ سانتِ، سَڀُ ڀُل آهن.

نِنڊ ڪنهن وقت نانهه خوشبو ڪي!
رات ساري سُجاڳُ گل آهن.

جڙ پِرهه جو پَڪي اُٿيا ڪيئي،
پيار آيو، هزار هُل آهن!

تون اُڏامين پيو ڪَڪر وانگي،
چاندني رات آهه، ٿُل آهن!

لُڙڪ لاڙي پيو مَٿان ڪوئي،
هُو ستارا ’اياز‘ ڀُل آهن.

---

● جُل: (اردو) فريب.

♣

ڪيرُ چَوندو تہ ھي غزل آھن؟
پيارَ جا ڪي ٻہ چار پَل آھن.

ڳَل تُنھنجا ائين لڳا مون کي،
نِنڊ ۾ موتيا سُتل آھن!

ھي ڪَپيل گردنون گُلابن جان،
ڪئن نہ آزاد ٿِي ڪُٺل آھن!

آھہ آڪاس ڪيترو اوري،
ننڊ نيڻين نہ آ، کُليل آھن!

مُنھن بہ ڪافي لڳو پئي تنھنجو،
ڇاتيون عشق ۾ اَٿل آھن!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميندڙا! تو ڦبي وَئي مومل،
ڪاڪِ تي ڪيترا مُئل آهن!

باڪَ تي آهه، گُل ٽانگر جا،
تو بنا ماڪَ ۾ پنل آهن.

زندگي ڪوس گهر، هزار هِليون،
ڏينِ ڇڇڙا رَڙيون رُنل آهن!

شهد ڪهڙي چکي نہ آهي مون،
چَپَ منهنجا اِهي چُميل آهن!

چو اچا هوءَ ’اياز‘ ڪونہ آئي،
راتڙيون ڪيتريون رَتل آهن!

♣

هِير ۾ هِي هُٻاءُ ڪنهن جو آ؟
چانڊنيءَ جئن چٽاءُ ڪنهن جو آ؟

ٿو سُڪي ئي نہ خون خنجر تي،
غور سان ڏس تہ گهاءُ ڪنهنجو آ!

ٿا وڄن پيرَ پَب تي اڳتي،
ٻُڌ، هوا ۾ سَماءُ ڪنهنجو آ!

چؤطرف جرڻ تہ چَنڊُ چمڪي ٿو
لونءَ اهڙو لڳاءُ ڪنهنجو آ؟

تون لَٿين چو چڪورَ ڏرتي تي؟
هِت بہ آخر چِٽاءُ ڪنهن جو آ؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ ڪيسين جنم جنم جو وِهُءُ؟
ڏوهه آهي، تہ ماءُ ڪنهن آ؟

آ بگهڙ جيئن پر بگهڙ ناهي،
آدمي نيٺ ياءُ ڪنهنجو آ؟

هيءُ شاعر نہ هو پَيمبر هو،
هي مَري ويو؟ اُتاءُ ڪنهنجو آ؟

اي ’اياز‘ آزمائشون ايڏيون!
چِتَ ڪي هِي چتاءُ ڪنهنجو آ؟

♣

قافلا ڪيستائين وڃن ٿا پيا،
ٿَڪُ ڪنهن جاءِ تي چا پيچن ٿا پيا؟

هُو لڳاتار دل ۾ اچن ٿا پيا،
ءِ اچي پوءِ پيرو پيچن ٿا پيا!

مُنهن نہ موڙيو پرين پِريت توڙيو نہ اِئن!
ڪِٿ ٻُڏن ٿا پيا ڪِٿَ مَچن ٿا پيا!

اي پکي پيار جا تون ڪٿي ٿو رهين؟
سينگَ تو ڏانهن سيئي سڃن ٿا پيا.

اي 'اياز' اڄ تہ دل تي وکون ٿيون ڪڇن!
هُو ڇپر ڇانوَ تي، جئن وَڄن ٿا پيا!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تو ڳُجهارت ڪٿي پَڳي آهي!
زندگاني سڄي ٽڳي آهي.

ڪنهن بہ سمجهو نہ آهہ مايا ڪي،
هيءَ ڪنهنجي تہ دل لڳي آهي!

ٿو چُلي سَمنڊُ چڙ تہ چوليءَ ۾،
چاندني رات جي مَڳي آهي.

ڪابہ ڳَنڍي نہ آهہِ سوچَ مگر،
تارَ ۾ ڪيترو ٽڳي آهي!

ڳهڪشائون ٽپي وئي آهي،
جندڙي جيءَ ڪان پَڳي آهي!

چڙ تہ سنسار ويڙهجي ويو آ،
پيار جي ڪيتري سڳي آهي!

ياد مارُو پيا ’اياز‘ اچن،
اڄ تہ برڪا۔ جَهڙي لڳي آهي!

---

● جَهڙي: مِينهَن جي وسڪار.

**گيڙو ويس غزل**

♣

آ باڪَ پنڇي ٿا اُڏن،
لامُون لميون پيئون لُڏن.

چؤنرو ٽَڏو ڪَٽ تي پرين!
ٻاهر هوا ۾ وَڻ ڏُڏن!

ڪيڏو پريشان آ ڪيو
اي زندگي ٽيڙَن ٽڏن!

ٿو موت هر ڪنهن کي ڏسي،
ٿا آدمي ڪيڏو ڪُڏن!

درياهہ جو بي انت آ،
ٿا اَنت اُن ۾ سڀ ٻُڏن!

ٿاهن ڪهاڻيون ٿا ’اياز‘،
ٿُون ڪونہ ٻُڌ پوپن پُڏن!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اج تہ ٿاھوڪڙي ٿي لڳين!
سِڪَ جي سوڪڙي ٿي لڳين!

نِينھن جي مِينھن ۾ وَل جيان،
باک جو ٿُون ٿِڙي ٿي لڳين!

واءَ ۾ ٿي ٿَپين ٿاريون،
ڇَھڪندِي ڪا چِڙي ٿِي لڳين!

اي سکي! سانوڻي رات ۾،
چنڊ وانگر ڪِڙي ٿي لڳين!

تو بنا مَن اُجڙ ڳوٿڙو
پيارَ جي جھُوپڙي ٿي لڳين!

**گيڙوويس غزل**

ناهہ توتي وچولي وهي،
پاڻ کان ننڍڙي تي لڳين!

ايتري سُونهن ٻِي ڪنهن هُئي؟
جڻ تہ شِو راتڙي تي لڳين!

پيار کي روڪ تورو ڇَري!
ڪيتري تاوِڙي تي لڳين!

هي ڇُميءَ کان اڳي ڳالهڙيون،
ٻَنسريءَ جي ٽِڙي تي لڳين!

ڪابہ آهٽ ٻُڌي اوچتو
ڇَنڊ تي جڻ پِڙي تي لڳين!

باکَ جو ماڪَ رابيل تي،
ايئن محبوبِڙي تي لڳين.

هي اکيون! سِر نِوايو اسان،
قُرب جي ڪاتِڙي تي لڳين.

پوهَہ جي رات آهي 'اياز'،
وانڊ ۾ باهڙي تي لڳين.

**گيڙوويس غزل**

♣

عشقبازي ڇڏين ڪونہ ٿو؟
ڇو مجازي، ڇڏين ڪونہ ٿو؟

هي خُدا ۽ خوديءَ سان ٺڳي،
اي نمازي، ڇڏين ڪونہ ٿو؟

روز ڏاڙهون بدن تي نوان!
سنگ- سازي ڇڏين ڪونہ ٿو!

سُرت ڪيڏي ڪئي تي ڳَنِي؟
پِرت تازي ڇڏين ڪونہ ٿو؟

هي نِماڻيون نِماڻيون اکيون،
ايءُ آزي ڇڏين ڪونہ ٿو؟

روز رُومي پڙهين ٿو ’اياز‘،
پو بہ ’رازي‘ ڇڏين ڪونہ ٿو؟

**گيڙوويس غزل**

♣

موت سان ويڙهه آهي، هَلي ٿي پئي،
شاعري پو بہ ڦُولي ڦلي ٿي پئي!

چو لٽائينس ٿو، اِئن ڪُٽائينس ٿو،
ڇڏ ڇَلي جيترو دل ڇَلي ٿي پئي!

ڪئن نہ وچڙي ويو پيار آ وَل جيان!
هُو اِهو پاڻ سان چو الي ٿي پئي؟

پيار ڪنهن سان ڪيو آ وري تو ’اياز‘
شهر ۾ ڳالهه تُنهنجي هلي ٿي پئي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

سَڪي، هوائون بهار آنديون، سَوين صدائون بهار آنديون،
ٽِڙي اَملتان جي گُلن جئن نيون ادائون بهار آنديون.

وري جئين چَپَ تو اُپاريا، پيون ڳچيءَ ۾ وڏي ٻہ ٻانهون،
تہ رات جي ماتِ ٿي وئي آ، اِهي وفائون بهار آنديون.

نہ رُت ساڳي نہ ريت ساڳي، رُڪي رُڪي نانهن پريت ساڳي،
اِهي سُڳنڌون ڳليءَ ڳليءَ ۾ نہ آنديون آئون، بهارَ آنديون.

وَسي پيو وڏ ڦڙو جئين ايئن پيارُ ٿي ويو پرين اسان جو،
چُڙي وَيون جو چُڳون هوا ۾، سوين گهٽائون بهار آنديون.

ڪڏهن نٿي ۾ گذار راتيون، ڳري نئين پريت ٻار راتيون،
انيڪ ڏيئا هُيا هوا ۾، هزار لائون بهار آنديون.

جڏهن پيا اَنگ اَنگ گجرا، سرير جي سنگ سَنگ گجرا،
اچي ويا جو اُمنگ گجرا، تڏهن خطائون بهار آنديون.

’اياز‘ هي رنگ رنگ صحرا، وَليون وليون ٿِي ٽڙي پيو آ،
جڏهن پُڇيو مون تہ هيءُ ڇاهي، تڏهن ڇپائون: ’بهار آنديون‘.

**گيڙو ويس غزل**

♣

نظر اچين ڪونہ ٿو مگر تون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!
ڏسن پيون اُپَ ڏي ڪجوريون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

پريان پريان، مينهن سان گهٽائون، ڪٽي اچن ٿيون ٿڌيون هوائون،
ڊگر ڊگر تي نگر نگر جون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

رَڙي پئي آرَ آرَ تو لئہ، ڪڏهن تہ وَسندين؟ ڪڏهن تہ وسندين؟
اچن پيون ڪويَلين صدائون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

چوين تہ مان سَيج ڪي وڇايان، اچين تہ مان هَيج ڪي وڏايان!
ڇُميون ڇَپن لاءِ اڄ نہ آئون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

نہ سِڄُ جو ڪو شعاع آهي، نہ چَنڊ جو ڪو چٽاءُ آهي،
اُداس رُت جون اُداس راتيون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

ڪڏهن تہ مون لاءِ آس ٿيندين، ’اياز‘ تون پاڻ پاس ٿيندين،
تہ تو ڪيون ڪيتريون خطائون، ڪٿي تہ آهين، ڪٿي تہ آهين!

**گيڙوويس غزل**

♣

تو بنا ڳائيان، سو تہ ممڪن نہ آ.
مِينهن بَرسائيان، سو تہ ممڪن نہ آ.

رات رابيل پوئائيا مون پِرين،
تو بنا پائيان، سو تہ ممڪن نہ آ!

ڳوٺ جي ڳاٽ تي تون ڪڙو آن پرين!
آنءُ هارائيان، سو تہ ممڪن نہ آ!

هُو گهٽائون تہ ڏِس! اُپُ آ چانئيو،
مورَ ترسائيان، سو تہ ممڪن نہ آ!

ٿي وڏي سمنڊ ۾ وِيرَ آڪاسَ ڏي،
چنڊ ڪي چاڙِيان، سو تہ ممڪن نہ آ!

سانوڻي رات ۾ لَنءُ ڪنهين سان ’اياز‘،
تو سوا لانئيان، سو تہ ممڪن نہ آ!

**گيڙوويس غزل**

♣

چيو سِتاري پَري پَري کان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!
پرين نَهن کان بہ ويجھڙو آن، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

اچي پئي جا هَوا اُني جي، چوي پئي بُوندَ بُوندَ ۾ آن،
ڏنو ڪِٿي مُون تہ اُڀَ هينان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

نہ تو جيان مون ڏٺو ڪِٿي گُل، اِها تہ تنهنجي سُڳنڌ آهي،
اَڙي صدين کان اِها سُڃاڻان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

نہ آنھہ ٿُون سَمنڊ جُون صدائون، ڪَھي پيو دُور جو ڪَٿيءَ ڏي،
ڪَنڏيءَ مٿان ڪوڏ تو ڏِسان مان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

چَيم تہ توکان سوا نہ سَرندي، مگر ڏٺئہ ڪانہ ڪابہ ورندي،
ڪَسابَ ٿي ويا پيو ڪَنايان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇَڙيون وڃائن پيو ڪجوريون، وَٽن ٽِٽن ۾ پيو نچين تون،
سڏي پَئي ڪُوڪ ڪَويلين جان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

سَوين سُرن سان، اَڙي الالا، سَدا وڄن ٿا سنڌءِ شِوالا،
گُڙن پيا گهنڊ چڙ تہ توسان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

ڪڏهن تہ تُون آنهہ بانگَ وانگر، اُچانگ وانگر، اتانگ وانگر،
اڃا بہ اونها، اڃا مٿاهان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

مَري ڪڏهن مات هُو ٿيو آ، وَري وَري ذات هُو ٿيو آ!
ڏسي نہ ٿو ڇو 'اياز' پرسان، اِتي ڪٿي آن، اِتي ڪٿي آن!

---

• اَتانگ: جنهن کي ترو نہ هجي.

♣

جڏهن ٻـ توکي مَٽي ڪري مُنهن ڏنيون ٽڏي ساهَہ سان ميارون،
اچي ويا گيت مينهن وانگر، ڏيڻ لڳو اُپٌ اوچنگارون.

جڏهن ٻـ گهر ۾ گهڙي اچين ٿو وري وري جڻ ڦِري اچين ٿو،
نـ مَن ائين مورَ ڳَن جِئين ٿا سوين ٺهُوڪا، سَوين پُڪارون!

اچا تـ آڙاهہ جڻ نـ آهين، اچا تـ ڦُڙ ڦُڙ وسي رهيو آن،
وجهي پيو سڄُ بادلن مان لِڪي لِڪي چو ائين نهارُون؟

اَچا تـ آهي تلاش جاري، اچا تـ مون نانهہ هانءُ هاريو،
اچا تـ آواز آڱرين جا، سوين صدائون، سَوين سِتارُون!

ڪڏهن اچين جي نماز وانگر جهَٽي وڃين روحُ باز وانگر،
تـ جيءُ مُنهنجو پکيءَ جيان ٿي، ٿَپي هوا ۾ ڪري قطارون!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٻه سَنگي، اڄ ٻه ساٿي، پئي ملاقات آ سدا ٿي،
پياڪُ ٿِي ٿيڙ ۾ مِليو آن؟ خبر نہ آ، ايتريون وِسارُون!

ڏسين پيو تيز تيز ڏارون، رکين پيو واڳَ وَس تِن جي،
نہ ناوَ مُنهنجي، نہ ناکئو مان، پَري ڪِنارو، نہ آءٌ تارون!

’اياز‘ هي آبشار ڇاهي؟ ڪٿان اچي ٿو، ڪٿي وڃي ٿو؟
اسان تہ ان جون ڏسون پيا ٿا رڳو پَرئين پارَ کان اُڏارون!

♣

مَتجي نہ مَتجن، ڪيڏانهن آخر؟
ٿا دؤر ڪتجن، ڪيڏانهن آخر؟

ڪيڏا هَتوڙا، پر راهَہ روڙا،
هَتجي نہ هتجن، ڪيڏانهن آخر؟

ڪي ڪنڌ ڏرتي تنهنجي اَڏيءَ تي،
ڪَتجي نہ ڪتجن، ڪيڏانهن آخر؟

اي روح تنهنجون گهَريون گفائون،
گهتجي نہ گهتجن، ڪيڏانهن آخر؟

سنگن جيان هُو پَرتي ستارا،
سَتجي نہ سَتجن، ڪيڏانهن آخر؟

هي گل ’اياز‘ اڄ پوئينءَ گهڙيءَ ۾،
ڇا لاءِ پَتجن، ڪيڏانهن آخر؟

**گيڙو ويس غزل**

♣

تو لئہ ٽٽوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!
هر ڦُول ڦوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

ٿُون هِت ناهين، تون هُت ناهين،
ٿو آءُ ڳُوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

سنسارُ آهي، اُلجهاءُ ڪيڏو!
جي ڳنڍ کوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

ساري سرشٽيءَ پولار تائين،
مان ٻولَ ٻوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

جي سَمنڊ آهين ڪو پارُ تنهنجو؟
ڇوليون ڇَڇوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

ويجهو تہ ناهين، دل ڪي دَڳن تي،
روليان نہ روليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

توکي ’اياز‘ اڄ ڇُپندي ڏٺو آ،
جي راز کوليان، ڪاٿي تہ هُوندين!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

آءُ، تون خوشيءَ وانگر،
پيارَا! زندگيءَ وانگر.

عمر کي وَتو جيتي،
مون درؤپديءَ وانگر.

ايتري چُمي پياري،
سَمنڊ ۾ ٽُٻيءَ وانگر!

لاھہ اِئن نہ تون دل تان،
عِشق جي جُتيءَ وانگر!

دل تہ آ ڪُليل تو لئہ،
آءُ عاشقيءَ وانگر!

چَئن تو بنا ناھي،
پيرَ ڏرتتيءَ وانگر.

اڄ تہ ھُو ’اياز‘ آئي،
آھہ سنگتيءَ وانگر.

**گيڙوويس غزل**

♣

سِڄُ جي تيزُ ڪائي ڪُھاڙي هُئينءَ!
مُون اُتر ۾ ڏٺِو تون تہ لاڙي هئينءَ!

خواب ۾ آءٌ دارا لڳس ٿي تہ تون،
نوشڪيءَ ڪان وني ڀاڳ ناڙي هُئينءَ!

ننڊ ۾ آءٌ پورو ڪيو ٿي سَفر،
تون اڳياڙي هُئينءَ، تون پڇاڙي هئينءَ!

جيئري هيڪلي وَل هُئينءَ موت ۾،
گل ايڏا ڪِڙيا ڄڻ تہ واڙي هُئين!

باک ڪان اڳُ نيرو چَڪيو ٿي ’اياز‘!
سِڄُ نڪتو جڏهن، تون تہ تاڙي هئينءَ!

---

• نيرو: مُنھن انڌير ۾ ڪجيءَ جو رَس.

♣

ٿو اتر ۾ وَسين تون نہ ڪي لاڙ ۾،
آءُ ڪيسين ڏِسان هاڙَ آڪاڙ ۾؟

مان گَيان نِنڊَ ٿو چَنڊَ جي چانوَ ۾،
راتِ ڪاري ڳَتي تو رُڳي ساڙَ ۾!

ٿا ڳُهاڙَي ڳُڙو سو بہ آهي مُڙو،
ڪانہ پِيڙا ڏني آ اوهان ڦاڙَ ۾!

آ لٿو لوڪَ تي شعر بارش ڪري،
جيءُ پنهنجو جڏهن ڪان پيو جاڙَ ۾!

هيءَ ڌرتي بہ آ پر انهيءَ ڪان پَري،
آءُ تارا ڳَتيون ٿو رڪان تاڙَ ۾.

ڌرتتي ٿي ٻَري هيل توتي 'اياز'،
شل ڪڪر ڪاھ ڳن ڪا مِڙي ماڙَ ۾!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿُون تہ مارَي وَري پو جيارين پيو!
ڇو نہ هر وقت جي لاءِ مارين پيو؟

تو ڪَرين ٻولڙيون تون تِتر وانگيان،
ڪنهن نہ سمجهو تہ ڇا لئہ ٽَنوارين پيو!

ڦُوڪ ڏنوٽي وَري، ڳَٺُ آهن ڳرا،
ڪيتري وقت کان جي پگهارين پيو.

نيڻ تُنهنجا جهليندا هُيا نِير ڪي،
عشق ۾ ڇو اکيون هاڻِ ٻارين پيو؟

تو نيرَ ڪَنڌ ۾، پير پَر پَنڌَ ۾،
ماڳُ آ ويجهڙو هانءُ هارين پيو!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جام تي جام ڏي، عامَ کي ڇا ڪندين؟
هي تہ ڪو ڪو پِئي جو پيارين پيو!

رات آهي ٿڏي، رَبِ ناهي رَڏي،
ڪُوچَ جو وقت آ، باهہ ٻارين پيو!

اي ’اياز‘ آهہ هُو ڪيترو ويجھڙو،
دُور جنهن لاءِ تون هئن نهِارين پيو!

**گيڙو ويس غزل**



♣

ذرا اڪ ٻُوٽ تون پيارا، تہ ڪجھ ناهي،
ڏسي سارا ڪِڪيءَ ڪارا، تہ ڪجھ ناهي!

محبت هُونءَ پنهنجي زندگي آهي،
مگر ڏسُ غور سان يارا، تہ ڪجھ ناهي!

اِها ’تان تان‘ اِها ’مان‘ ’مان‘ اگر آهي،
جِئين برسات نيسارا، تہ ڪُجھ ناهي!

اِها دولت اِها طاقت، اهو سَڀُ ڪجھ،
ڏِسين جي تون هلڻ هارا، تہ ڪُجھ ناهي!

اَزل جي آئيني ۾ جي لِڳن توکي،
سَمورا ويرَ ويچارا، تہ ڪجھ ناهي!

هزارين سالَ ٿيا تِن کي، پُڇن ٿا اَڄ،
اگر ڪي تِرورن۔ تارا، تہ ڪُجھ ناهي!

لِڳن جي شعر باطن جا ٻُڪايل، سي،
’اياز‘ آهن اگر نيارا، تہ ڪُجھ ناهي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

رات تارن ٻَري، پيار ۾ او چَري!
اَڄ مون ڏي وري، تارَ تي تون ٽَري!

هَٿُ جهٽڪي ڪري تون ڳچيءَ ڪان پري،
ڪالهہ موٽي وَئينءَ ڏيهَہ ڪان ڇو ڏري؟

ڪا تہ مُڪڙي ٽڙي، ڪُجھ تہ گُل ٽي وَيو،
آهہ سُرهاڻِ ساري اڱڻ ۾ ٻَري!

اڄ ٽٽي جي هوا تيزُ تَر ٿِي گهلي،
ياد مون کي اچين ٿي اڃي جئن وري!

ڪائناتون هُئين، ٿُون براتون هُئين،
ٿُون سِتارا سوين رات جِن سان ٻَري!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ڪالھہ‘ توکي ڏنو مون ڏياريءَ جيان،
شهر ڏِيئا هيو، روشني هَر دَري.

گُل هُيا فڪر جا، يار جي ذڪر جا،
چا نہ خوشبوءَ ڪئي راھہ ۾ رَهبري!

اي ’اياز‘ آسرو، مون اڳي ڪان گهٽو،
هُو پِرھہ جيئن آ، راتِ ويندي ٽري.

♣

آ تہ گڏجي پيون ڏُکُ آهي اَتي،
مَڏُ آهي مَتي، رات آهي رَتي!

اڄ تہ وَسڪارَ وانديون مٿان ٿِي پَئي،
ڇا ڪيون جي هُجي جهُوپڙي بي ڇَتي!

لَڪ توڙي لُڪون، پيرَ اڳتي وَيا،
سِڄُ ساڙي پيو، ٿي ڌنوَي ڌرتتي.

شالَ هِي هَٿُ تنگجي نہ ڪنهن جي اڳيان!
شالَ ڪنهنجي پَوي ڪانہ ڪنهن ۾ گتي!

رُوح ڦاٽڻ پئي ڪيئن ڇُپ ٿي وَئين!
ساهہ سَپنا ڏَنئہ، ڇَپ جهڙا ڇَتي!

گيڙو ويس غزل

جامُ اونڌو ڪري، راھہ رَمندو رهئين،
پيا بہ اچٽا هُيا ڪا چَڏي ٿِي رَتي.

شاعري هيئن پيغمبريءَ وانگيان،
چَندَ جي جهول ۾ تو ڪِٿان آ وَتي؟

ڪُڙڪپيتن ڪئي لاٿ پنهنجي ’اياز‘،
سا ڪٿان هٿ ڪري چنڊ جهڙي بَتي!

## گيڙو ويس غزل

♣

پنڌُ ڪيڏو ڪيو پيارَ جي پارَ ڏي!
سڀ ڇڏي تو وڃان يارَ جي پارَ ڏي!

هي بہ پَهريءَ شفق جهنگَ ۾ ڪيئن ٿي؟
اوهہ! هُدهُد ويو ڏارَ جي پارَ ڏي!

آءُ ساگر ڏٺو ڪيئن مدهوش هو،
تون وَئين ٿي رڳو ڏارَ جي پارَ ڏي!

چَنڊُ آ همسفر، مَنڊُ ڇڻ مُنتظر،
تو وڃان آءُ اِسرارَ جي پار ڏي!

اَڄُ پَتڻ تان هلي جاڻُ ٻيڙي پڳي!
اڄ وڃان ڪيئن ڪم ڪار جي پار ڏي!

مون جهَليو آهہ مَن آرسيءَ وانگيان،
ساهہ تُنهنجو سَڪي سارَ جي پارَ ڏي!

تياڳ ڪهڙا ميان! اي ’اياز‘ آ اڃا،
ساهہ تُنهنجو بہ سنسارَ جي پارَ ڏي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

اَڄ، تہ توکي جيءَ ۾ جايُون ڏيان!
اَڄ، تہ توسان آءٌ ٿائينڪو ٿيان!

آ جهُڙالي رات، تارا ٿا جِهمن،
تون ڪٿي آن؟ مان اڪيلو ٿو پِيان.

تون هِتي آهين ڪِٿي، مون ويجهڙو،
نِندَ ڪيڏي ڏورِ ٿو تو لئہ نِيان!

دُور ناهي، آ هِتي هر جاءِ هُو،
جي نہ آ هُو، ڇو هُري تو ۾ هِيان!

ڏِسُ تہ ڪئن ڪُونيت لُڏن ٿا واءَ ۾،
تو ڏِني آ اڳ اُنهن جي آجيان؟

تون تہ پي شايد ٿَڪو آهين ’اياز‘.
جام تي ٿو جام توکي آڇيان!

**گيڙوويس غزل**

♣

پيارَ تنهنجون پُڪارون اچن ٿيون پيون،
راتِ جي وقتِ پارُون اچن ٿيون پيون!

هاءِ آغوش جو اُنَ وانگر هُيو
سيءَ ۾ اج تہ سارون اچن ٿيون پيون!

واءَ ۾ ويڙ ها، ڪيترا سيڙَ ها!
اج اُنهن جون ميارون اچن ٿيون پيون!

ڪي ڪُليون ڪي لڪيون، ڪيتريون ڪوڙڪيون!
پر ٽِتر جون تنوارون اچن ٿيون پيون.

اي ادب! هيءَ تنهنجي غلامي جڏهن،
مان ڏسان ٿو تہ خارون اچن ٿيون پيون.

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جندڙيءَ جو اڳڙ ڪو سدائين نہ آ،
تَرس، تو لاءِ غارون اچن ٿيون پيون!

نعري بازي رُڳي؟ شعر آ چِيزَ ٻِي،
ٻُڌ نہ چڙ لُونءَ لارُون اَچن ٿيون پَيون!

پِٽُ ئي پِٽ آ، گرچہ ٻاهر تہ چا،
پر ڏِسڻ ۾ تہ ڏارون اچن ٿيون پيون!

ڪيترو شور آهي، ڪلفتن ’اياز‘،
جنهن گهڙي ڏس تہ ڪارُون اچن ٿيون پيون.

---

• نوٽ: ’ڪارون‘ لفظ تي دواَرٿي آهي.
ٻہ معنائون اٿ: هڪڙي موٽر ڪارون، ٻي: رڙيون.

♣

آ تہ مَڏ پيئون اُجالَي ۾ وَري!
پيارَ کي اوتيون پيالي ۾ وَري!

رات آ آراڌنا جي، آءُ تون،
گهندڀ گُونجن ٿا شِوالي ۾ وَري!

ڏينهن ڪارونپارَ جا گذري ويا،
مِينهن ۾ آ چَنڊُ نالي ۾ وري!

ٻَنسري ٻيهر نہ وڄندي پيارَ جي؟
مان نهاريان ٿو گُوالي ۾ وَري!

وَلَ ڪيسين گُل لِڪائيندي پَلا؟
سو ٻہ ههڙي ڏينهن آلي ۾ وري!

---

• آراڌنا: عبادت

گيڙو ويس غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو وَري ٻاقين نہ ٿو هَر ٻولَ کي؟
چو ڇُپايئہ رازَ تالَي ۾ وَري!

چا وَري ننگيون ڏسين ٿو ناريون؟
چا ڏسين ٿو ٻارَ پالَي ۾ وَري!

چا تمنا ٿي تہ ٻيهر کائجي،
زهر ساڳي کي نِوالي ۾ وَري؟

مان ڏِسان ٿو رُت ڦري ٿي سِنڌ ۾،
هَيج آهي ’هو جمالي‘ ۾ وَري.

ڪيتري ’ٿَپ ٿَپ‘ ڪري ٻيهر ’اياز‘،
ٿي پوي برسات دالَي ۾ وَري!

♣

هلي آءُ، هيءَ رات پُوري نه ٿئي!
ڳهاٽي اِئين ئي اَڌوري نه ٿئي!

ڇَوين تو مِلي آهه مون شاعري!
اِئين ڪيئن جي سيجَ سُوري نه ٿئي!

تماچي اَچي ڪيئن ڪينجهر ڳنڍيءَ،
جڏهن ڳندري ڪا به نُوري نه ٿئي!

اُتر جي هوا ۾ جَهڪي باهڙي،
پرين شال هي راتِ پوري نه ٿئي!

اڙي چَندَ! اُلهين متان اُپَ مان،
سَدا لاءِ هُن ساڻُ دُوري نه ٿئي!

اجا سِڪُ بَربَر بَري تي ’اياز‘،
محبت ٿئي پر اڌوري نه ٿئي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

اسان سپ آسرا واريا، نہ ڄاڻان تون ڪڏهن ايندين؟
بسنت آيو، ويو، اُن جي پڄاڻان تون ڪڏهن ايندين؟

نہ سي چؤنرا، نہ سي ڏيئا ڏهر ۾ ٽمٽائن ٿا،
نہ ساريا تو ڪڏهن پيٽيون نہ پاڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

اڪيلي راتڙي آهي، ٻَڪي واهيريا آهن،
وَيا وِسري اُنهن جا ٽاڪَ ٽاڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

وَهي ٿي واءَ ۾ ڪائي، نَدي هِن عُمر جي جائي،
ڳپر جئن آءٌ توکي ٿو سڃاڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

جڏهن ڪان نانهہ اوطاقي، نہ آهي ساهُہ سَگهہ باقي،
ڏِين پيڙا ڳهڙين جا روزُ ڳهاڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

ڇَري! هي جاڳ ڇو تنهنجا، جڏهن مان ماڳُ تنهنجو هان،
اڃا هان آءٌ واريءَ ۾ وڃاڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

اُفق جي پار ’اياز‘ آخر ڏِسي تو لاءِ ائن ڪيسين؟
لهي سِڄ سُڄَ ۾ ڪيڏا سماڻان، تون ڪڏهن ايندين؟

**ڳيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

درد جي شام آ، سِجُ ويندو لهي،
واءَ ۾ آهہ ڪا ڳالهڙي اڻ ڪِهي!

هي ٻَبرُ پيلڙا ٽا شفق ۾ ٻَرن،
چيلڙا ٽا چَرن، ڏئي عجب اَگهي!

پيا لهون لاڙَ ۾، آهہ رَستو سِڌو،
چَنڊ آ چوٽِ جو ۽ گَنڊيءَ جي ڇَهي!

وارَ ٿي جا وکيري اُتر واءَ ۾،
تون انهيءَ ڪان سوا ڪونہ سگهندين رهي!

هُوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آ،
سچُ چئجانءِ توسان ائين ڪئن ٿَهي؟

**گيڙو ويس غزل**

ڪيئن زنجير هُن تي پيا پيار جا،
ڪا گهڙي ڪانہ توکان سوا ٿي رَهي!

اڄ ڪٿي آهہ؟ ڪنهن جي تہ آغوش ۾،
هيڪلائي ڪڏهن جا نہ سگهندي سَهي!

وقت جي سِير تڪڙي وئي ٿي ’اياز‘،
راتڙي ٿي لٿي ۽ ندي ٿي وَهي!

♣

ڪنڊيون سايون ڪَڙيون آهِن، ڏکين جي لاءِ ڏيرو آ،
اگر ڏس غور سان اُن کي، نہ تَيرو آ، نہ مَيرو آ.

پئي برساتڙي پياري، رَمي ٿي راتڙي پياري،
اڃا آڪاس ۾ آ چَنڊُ، پَر ٿورو ڦِڪيرو آ.

پَڙو پائي لُڏين ٿي پيار سان تُون کَنج ڪُڙڪائي،
اهو شلوار جو شوقين آ، شهري وڏيرو آ.

اچي ٿي سارَ تنهنجي، عمر پنهنجي تو سوا گذري،
پتنگ آخر ٿئي ڪاٽا مگر ڪيڏو نہ ڊيرو آ.

ڪراچيءَ منجهہ ڪمري ۾ ڪُلن ٿيون ننڊ مان اکيون،
اُٿي مُنهن تي ڇَنڊا هَڻ، ٿي ويو ٻاهر سويرو آ.

ڪٿي ڏاڙيل ها ڏن جا، ڪٿي ٿَن جا، ڪٿي مَن جا،
’اياز‘ اڄ ڏانهن ڏيون ڪنهن کي تہ ساريءَ سنڌُ گهيرو آ!

---

• کنج: ٿاچ جون ٻانهون.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

کيتريون ڳالهڙيون ياد آيون پئي،
هيڪلائيءَ هِئين ۾ هُرايون پئي!

دِل ڏني، دوستي، پيار ٻڌجي وئي،
چاندنيون چِٽَ ۾ جڳمڳايون پئي.

ڪالهہ ايڏو مَتو مَڏُ آندءِ ڪِٿان؟
جو وِڪون چا، ڳِليون لڙڪڙايون پئي!

اڄ بہ ڪنڊا چُڀن ٿا پيا آڱرين،
ٽاريون گُل پَٽڻ لئہ نَوايون پئي!

هُو هرڻ اڄ مرڻ لاءِ آتو هُيو
تارِ جنهن لئہ ڳيون تو ٽَرايون پئي!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ٿي، اُڀ ۾ سَو سِٽون شعر جون،
جڻ شفق ۾ پَرندن لکايون پئي!

اڄ اکيون آلٿيون ٿي اُگھيائون لِکي،
هُو ڳراٽيون جڏهن موڪلايون پئي.

ڪيترا چَپ چُوسي ڏٺا مون ’اياز‘،
ڪيتريون دل مٺايون ورهايون پئي!

♣

هوا گهُلي ٿي اجا چُڳن ۾ اُڏارَ آهي، بهارُ آهي،
اجا تہ جُهومي پيو صنوبر، ٽِڙي پيو ديودارُ آهي.

اجا پياريون اچن وڃن ٿيون، مُحبتون مُرڪ کي مڃن ٿيون،
اجا ٿيو ناهہ جام خالي، اجا اکين ۾ خُمار آهي.

اجا نہ ٿيون خواب جئن جوانيون، اجا تہ مضراب جئن جوانيون،
اجا تہ سُر ساز مان وڃن ٿا، اجا بدن جڙ سِتار آهي.

اجا گُلن شبنمي پياليون، ڀَري پيون ٿا، اجا جِيون ٿا،
اجا جواني وئي نہ آهي، اجا تہ مَئہ ۾ خُمار آهي.

اجا مُحبت مُئي نہ آهي، سَڳو بہ آهي، سُئي بہ آهي،
اجا تہ ياري ڪشيده ڪاري، نئين اُٽت جيئن پيار آهي.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا گهٽائون اڇن وڄن ٿيون، اجا تہ سانوڻ هلي رهيو آ،
اجا تہ بُوندون وسن پيون، دل اڃا جيان آبشار آهي.

اجا اکين ۾ گُليل آهي، اجا هوا ۾ پکي ڇُٽي ٿي،
گناهگارو ائين نہ سمجهو تہ هيل پرهيزگار آهي.

اسان اوهان جا اجا بہ ناتا، جڏهن اکين اوچتو سُڃاتا،
تہ دل پئي مئڪدا ڏسي ۽ اجا اُئين ميگسار آهي.

مَسين مَسين راتڙي پِني آ، ڪٿي تہ رابيل اڄ ٽڙيو آ،
اچي پئي سا عجيب خوشبو ’اياز‘ دل بيقرار آهي.

♣

ترڪِ وطن جي ڳالھ ڪئي سي سڪر راتيون ياد پيون،
ھُو سنڌوءَ جي سِير، مُھاڻيون جي اڻ ڳاتيون ياد پيون.

سِجَ رُوپھريون نيريون گھَريون لھرون ساڌو ٻيلي ڏي،
تيز ھوا ۾ ٻيڙيون تن تي، اڄ سڀ باتيون ياد پيون.

ھوءَ مناري پرسان منزل، جنھن جي پرسان ڏڙڪي ٿي دل،
ڪارِ ھئي يا پنڌ لٿاسين، تنھنجون جھاتيون ياد پيون.

ڪالھ اسانکي رُجَ رُلايو، آرسيون ھئي واري ھئي؟
ڪئن چئجي پو ڪنھن هِئن گھايو ڪيئي گھاتيون ياد پيون!

ھُو رستي تي ٻيھي توسان سجُ لٿي جون ڳالھڙيون،
سانجھيءَ جو ھو سونھن سِرنھن جي ۽ برساتيون ياد پيون!

سانورَ مينھن بہ ڪيئي آيا، پيارا ڏينھن بہ ڪيئي آيا!
ساري عمر 'اياز' پڄايل ھُن جون ڇاتيون ياد پيون!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

روح کي وَل جيان وڪوڙيو ٿي!
جيءَ سان جيءُ ايئن جوڙيو ٿي.

ڇُوڙيون ڇَنڊ جئن ٽُٽيون آهن،
ٻانهَن کي ايترو مَروڙيو ٿي.

هاءِ ميهارَ ٻنسري تُنهنجي،
ايترا سَڏ! اڄ تہ ٻوڙيو ٿي!

اُپُ گهنگهور ٿي ويو آهي،
سِجَ جئن پاڻ کي پَتوڙيو ٿي.

سيءَ ۾ رات ڪاتِجي ويندي،
ڇو صدين لاءِ هيئن روڙيو ٿي؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي سُڪاني اچا تہ ڪنڌيءَ ڏي،
پيار جي ناوَ ڪي نہ موڙيو ٿي؟

هاڻ سوچي لڪي رهيو آهيان،
اي ازل! عهد ڇڻ تہ توڙيو ٿي!

وانئڻنٽيون واءُ ۾ پيون ڦڙڪن،
نِينهن! پنهنجو نِشان ڪوڙيو ٿي!

پيار ڪان ڪونہ ٿو مُڙين اڄ ٻيي،
ڪيترو اي ’اياز‘ لوڙيو ٿي!

♣

چا ٻُڌايانءِ، ڪيتري جهَٽ هان،
آءٌ تنهنجي اُداس آهَٽ هان!

تو اجا هڪ ڇُڪي ڇَڪي ناهي،
آءٌ موڪيءَ هزارها مَٽ هان.

تون تہ بَرده فروش هوندين، پَر،
آءٌ پنهنجيءَ ڳچيءَ مٿان ڳٽَ هان.

ڪانہ آهي ڪَڙيءَ ۾ اڄ،
آءٌ زنجير ۾ اُها سَٽ هان.

ڪجھ بہ واڌو نہ آ سرشتيءَ ۾،
مان رڳو ڏينهن رات جي ڪَٽ هان.

**گيڙوويس غزل**

وقت! تنهنجي ندي وهي پيئي،
آءٌ ڪيڏا تہ گهيڙ هان، گهَٽ هان.

تو هرڻ کي کُهي اهو بہ ڏٺو
آءٌ ڪيڏا اولاڪ ڪُوڳَٽ هان؟

پل صدين ۾ سَماءِ هر سِٽ کي!
مان بہ اِن ۾ ڪِٿي ڪِٿي پَٽ هان!

چَنڊَ جي رات، هوءَ ڪانہ ’اياز‘،
ننڊ آئي نہ جنهن، اها کَٽ هان.

♣

تو وري ڳالهه ڪا ڇئي آهي،
ننڊ مان جاڳ ٿي وئي آهي.

ڏَڙ ٻہ درياهہ جا ڏسي ٿي پَر،
عشق جي رات ٻي پَئي آهي.

شاعري شهرزاد وانگر تو،
ڳالهڙي روز ڪا نئي آهي!

ڪير گهوڙي سَوار آيو آ؟
دُور تائين رَئي رَئي آهي!

واٽَ تي موتُ، پو ٻہ وَيڄو آ،
پيار ۾ دل تہ بي ڇَئي آهي!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل اڳيئي ڇيو، ائين ڇونديڻءَ،
ڳالهه هي پوءِ تو ڪَئي آهي!

اَڄ پري پيءُ چنڊ جو پيالو،
رات جي مَئہ تہ اَڻ مئي آهي!

تون تہ پهتي نہ آن اجا در تي،
دِل گهتيءَ ۾ اڳي وَئي آهي!

پاڻَ ئي تون اچين پٺَي مون ڏي،
ڏاهہ اڳواٽ ئي پٺي آهي!

ڪجهہ پتنگا جلي ويا، پو ڇا،
ڪيتري لاٽ تي وئي آهي!

هيءُ رستو تہ ڪيچ جو ناهي!
ڪِٿِ پنهونءَ پَڳَ، ڪِٿي هَئي آهي!

لَڄَ روڪيس تِي ’اياز‘ اجا،
پيار جي راهہ ۾ نئي آهي.

گيڙو ويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

آ، گهٽائون اڇن پيون ڪيئي،
رُتِ نہ ايندي وري؟ اچين پيئي؟

آءُ ـ رهندو خُمار هي ڪيسين؟
موٽندو نيٺ چَنڊ تي نيئي!

ٽي وڃي وقت جي نَدي اڳتي،
لهر موٽِي بہ ڪا، اگر ويئي؟

ها اڳي پوءِ، پَر نہ آءُ ڏٺو
قافلي ۾ وَيا پئي ٻيئي.

هُو هجي، آءُ ساڻُ، تون نہ هجين!
مون نہ سمجهيو تہ گڏ هُيا ٽيئي!

**گيڙوويس غزل**

تون نہ آئينءَ، ڪٿي رُڪي هوندينءَ،
راتڙي چو اُداس ٿي ويئي؟

هي نما شام، اَڄُ اُجهندي ۾،
سوچ ڪائي تہ آ وَئي ڏيئي!

هوءَ پرکي پئي ’اياز‘ اجا،
هَٿَ چاتيءَ وٽان پري نَيئي.

♣

آءٌ پائَي ٻہ ڪونہ ٿو پايان،
هيءُ سَرچاءُ ڪيئن سَرچايان!

اڳ تہ سوچو نہ هو جوانيءَ ۾،
ڪيئن چاتيءَ چِڪي پرين لايان!

چنڊ تنها لڳي پيو ڪيڏو
رات ڏاڍي اُداس آ، ڳايان؟

آ سِرنهن ۾ بسنت جي خوشبو
تون ڪٿي آنهہ، ويجهڙي پانيان!

اڄ تہ گُل مَهر پيا ٽِڙي آهن،
تو پرين لاءِ آءٌ واجهايان!

هيڪلائي نہ هِيئن سوچي هُئي!
چَنڊ سان هونءَ هِئن نہ ڳالهايان!

رات پر ننڊ جو اچي نہ 'اياز'،
تو ڏِسي موتُ، پاڻ پرپايان.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

بس پُني آ، ڪجھ ڏھاڙا ٻيا بہ جيءُ،
آ ٿَري ۾ ڪجھ اجا، باقي بہ پيءُ!

ھي سياري رات، پوئين پَھر جو
آءُ ويجھو سانوري، ڪيڏو نہ سيءُ!

ٻيو تہ ڪجھ توکان گھُران ٿو ڪونہ مان،
دل چوي ٿي دلربائيءَ لاءِ ٿيءُ!

ٿا ڦِرن چوڏار چانگون ڇَيلڙا،
رُت ڦِري آھي، ڀنڀرڪو ماڪَ، وِيءُ.

ڪير ھي ڇورو ڇنو ڳولي پيو؟
آسمانو! اوچتو ڪو ماءُ پيءُ؟

ڪنھن نہ ڄاتو ھو تہ توسان اي ’اياز‘،
عاشقيءَ ۾ نيٺ ايندو ڏوڙ ھيءُ!

---

• ويءُ: چراگاھ

♣

پيار هي ڏينهن ڏُون، رهي ڪيسين؟
هُو تہ آ، آءٌ تون، رهي ڪيسين؟

شام جو سِجُ سمنڊ تي آهي،
ها، مگر چوليون! رهي ڪيسين؟

هُو گهٽائون اچن پيون، مون لئہ،
ايتريون رنڊڪون، رهي ڪيسين؟

پيءُ پوئين گهڙي اچي وئي آ،
’مون‘ نہ اچ آهہ ’مون‘،رهي ڪيسين؟

هوءَ اچي تي، ’اياز‘ ٿورو ترس!
هي سَنُون ساهہ جون، رهي ڪيسين؟

**گيڙو ويس غزل**

♣

رُت ڦِري آ، گُل ٽِڙيا ڳِرنار ۾،
آءُ ٻيجل واءُ جئن وٽڪار ۾!

هَٿَ هَٿائي هوءَ منهنجي ٿي جڏهن،
ڪيتري آهي نفاست پيار ۾!

تون نہ ڄاڻين ويڇڙائي، اي پرين!
وِڄَ وانگر ٿي لڳي وَلهار ۾.

وَڙّ ڪيا تو ايترا ڇا لاءِ ٿي؟
جي نہ ها سي عشق جي اقرار ۾؟

موت ۾ هرڪو اڪيلو آ پرين،
تون پري آن، آءٌُ ويريءَ وارَ ۾.

**ڳيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانڊني ۾ چؤطرف ڪا چُپ هئي،
اِئن لڳو تون ئي رُڳو سنسار ۾.

اڄ پڇي آهي، ڪِريو جو پاڻ ئي،
ڪيترو هي ڦل چڱو هو ٽار ۾.

ڪڏَ ڪائي اوچتو ايندي ’اياز‘،
زندگي ڏُرڪي پئي جئن ڏارَ ۾!

♣

موت ڪان مات ٿي اَوَس ڏسجي،
زندگي! راتِ ٿي اَوَس ڏسجي.

چنڊ ڪان سا وڏيڪ چمڪي ٿي،
ڏُک جي ذاتِ ٿِي اَوَس ڏسجي.

ٿيون وڄن ڏُور ڏُور شهنايون،
ڪا ته بارات ٿي اَوَس ڏسجي.

ڏينهن ٿي ويا ڦُڙي پئي ناهي،
پو ٻه برسات ٿي اَوَس ڏسجي.

هِئن رَڙ و رَڙ ٻگهڙ ڪئي نه ڪڏهن!
آدمي ذاتِ ٿي اَوَس ڏسجي.

ڳوريون ٻوريون اکيون آهن،
ننڊ جي باتِ ٿي اَوَس ڏسجي.

موت پيڇو ڇڏيو نه آهه ’اياز‘،
ڇڙ ته ڪا گهات ٿي اَوَس ڏسجي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

روح جي توسان رِلي، ڪافي نہ آ؟
ايترو تومان مِلي، ڪافي نہ آ؟

اوڙڪون تِي آءُ مون وٽ پيار تون،
ٿي ڪِنوڻ ٿورو ڪِلي، ڪافي نہ آ؟

جِندڙيءَ جا سُکَ توڙي ڏُکَ سڀ،
پيارَ جي ٿُنهنجي بِلي، ڪافي نہ آ؟

هِن جُدائي ۾ وَڏائي ايتري،
آ محبت فاصلي، ڪافي نہ آ؟

هنج ۾ آٽڻ گھُرين چو تو ’اياز‘،
مورٽي وڻ تي تِلي، ڪافي نہ آ؟

**گيڙوويس غزل**

♣

كيستائين اياز ڏِل ٽٽندي؟
شاخ هڪڙي ٽُٽي نہ ڀي ڦُٽندي.

اي ازل! نارَ جئن وَهين ٽو جَي،
جانِ ٻيهر ڪٽي وجي جُٽندي؟

چا ڪڏهن اي ڄمارَ۔ پاڃاري،
جِندُ تومان وَهِي وَهِي ڇُٽندي؟

ٻلڪڙا آسمان ۾ ڪيئي،
هڪ سِرشتي کُٽي تہ ڀي ڦٽندي!

ڪير ٽو ائن چوي ’اياز‘ آخر،
سنڌ رِڻ ڳَچ ٽي وجي کُٽندي؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

جَهٽَ ۾ لِڪ لِڪاءُ ڪنهنجو آ؟
اي گهٽائو! ڇِٽاءُ ڪنهنجو آ؟

تون تہ اڏرين پيو چَڪور جيان،
چانڊني جئن سياءُ ڪنهنجو آ؟

اوچتو ڳِل گلاب جئن ڪنهنجا؟
ڏِس تہ ايڏو حياءُ ڪنهنجو آ؟

پاڻُ اَچي ائين پئي ڇِرڪي،
پيار ڪان هي ڇَڏاءُ ڪنهنجو آ؟

دل ڏِئي، دل ٻَڌي سَهي نہ جئين،
ٻيوسيءَ ۾ ٻچاءُ ڪنهنجو آ؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڇُرو تيز ٿو ڪرين ڪنهن لئہ،
غور سان ڏِس تہ ڀاءُ ڪنهنجو آ؟

آدمي ذات، ٽورڙيون گهُرجون،
اُڀَ تائين وَڏاءُ ڪنهنجو آ؟

ڪول چاتي ’اياز‘ مان بہ ڏسان،
ٿي ويا سالَ، گهاءُ ڪنهنجو آ؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

پِرين پاڻ ئي پيرَ آيا پَري،
وَري چندَ سان اڄ اڱڻ ٿو ٻَري!

ستارا وري لڙڪڙائن پيا،
پِني آ هوا، راتڙي ٿي ٺَري!

ٻَرئين پارِ ميهارُ سوچي پيو،
ڪِٿي آهہ سُهڻي؟ گهڙو ٿو ترَي!

پِرين دل خريدي ويو ديد سان،
وري هارَ سينگارَ آيو ڪري!

وري هَٿَ ۾ مَٿُ ڪولي رکو،
وري ٿا پيون، ڪير جيئي مَري!

وَري ڪُوڪ ڪويل ڪئي آ ’اياز‘،
’پري آ‘، ’پري آ‘، ’پري آ‘، ’پري‘!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ٿي واءُ مان خوشبو اچي جيڪا ڇِڪي ٿي سارَ ڏي،
مونکي پرين جي پار ڏي، تنهن يار ڏي، دلدارَ ڏي.

هي ڪير پوئي آئيون، مونکي وَجن ٿيون چائيون،
اڄ ڳنڍُ منهنجو ٿو ڏِسي کهڙِي گُلن جي هارَ ڏي.

چوٽي مَٿان گجرا ٻَڌل، ٻانهون ٻَئي چُوڙيون پَيل،
ڪيڏي عجب مان ٿو ڏسان مان عشق جي اقرار ڏي.

ڪيڏيون رڙيون آڪاس ۾ هر وقت تنهنجي آسَ ۾،
اڌ رات جو ٿي اوڙڪون، تون ڪِئن اچين ٿو آرَ ڏي!

ڇو دم بَدم منهنجا قدم، توکي لتاڙي ويا عَدم!
موٽان پيو مان ڇا وري اڄ زندگيءَ جي پارَ ڏي؟

● آرَ: هڪ ننڍو ساهوارو جيڪو برسات کان اڳ ۾ رڙيون ڪندو آهي.

لهرون اُڀريون ٿي ويون، يا وارَ ڇوڙيا يارَ ها،
اوڙاهہ مان اُڀري ڏٺو مون زندگيءَ جي ڏارَ ڏي.

هي وارَ ڪنهن جا ها اِئين ترَندي وئي ٿي تارَ ۾،
آهي ٻُڏي يا جيئري؟ پيئي پُڙي پارَ پَر ڏي.

هن ٻانهن منهنجي ڇو هٽائي آهہ ڇاتي تان ’اياز‘،
هي لَڄَ آ يا مان ڏِسان ٿو پيار جي اِنڪار ڏي؟

♣

ٿي عمر جي بيڙي ٽِڪي جو اڄ وچي مَنجهڌارَ ۾،
آ سِڄُ جي پوئين شفق ڪيڏي نہ پياري ڏارَ ۾!

منهنجو هَٿائي هَٿ پرين، ڇو تو جهُڪايون اِئن اکيون؟
جڻ اِئن پيو مون کي لڳي، هُئي سوچ منهنجي هارَ ۾!

هُن غم ڏنو آهي ڪڏهن، هي ڪَرب هُن ۾ آ تڏهن!
ڪيڏو تہ هُن جو قُرب هو؟ هُن ڇا ڏِنو بيمارَ ۾؟

اي زندگي! اي زندگي! توکي ڏنم پايندگي،
جنهن لاءِ سُهڻي ڪلهہ ٻُڏي درياهہُ تَرندي تارَ ۾.

ڇا لئہ اُتاهون تو ٿيان، ڇو سڄَ کي تو مان پُڇان؟
ها هيٺ ڪُونيٺ ڪيترا اي پِٽ تُنهنجيءَ ڍارَ ۾.

هي جا ازل کان ٿي اچي، ڪنهن جي غزل ۾ ٿي نَچي!
اي دشمنو! ڪو ظرف ڏاريو شاعريءَ تي وارَ ۾.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَنو مون کان اڳي اِئن ٿو لڳي،
آ پنھنجپائي اي پِرين ڪيڏي نہ ٿُنھنجي پيارَ ۾!

انسان جئن انسانُ آ، پر چنڊ وانگر ٿو لڳي،
تو چا ڏٺو شاعر ائين اڄ آھہ پنھنجي يارَ ۾؟

چا لاءِ ھُو ڊانڊيئڙو ٿو روز آکيرا اَڏي،
جي مُند گذري، ھيڪلا لڙڪن پيا ڪنھن ڏارَ ۾؟

چا ڏينھن آ چا رات آ، اي ذات تنھنجي بات آ!
ٻي جيت منھنجي مات آ، ڪجھہ ناھہ ٻي ڪم ڪار ۾!

آيا وري جو مِينھڙا، گُذريا ڏُکن جا ڏينھڙا،
آ سنڌڙي اڳ جئن سُکي، ڪيڏيون وَچون ولھار ۾!

تُنھنجي اچوکي اڳڪتي آ سچَ لڳي پوري نہ ٿي،
لاھج نہ تون پر آسرو ٻي ڏينھن ۾ ٻي پارَ ۾!

آھن 'اياز' اڳ تان اکيون ھُو سانوريون ايندين سَکيون،
چا آس مان تن جِي رکيون، ويندس ھليو اَنڌڪارَ ۾؟

---

- ڊانڊيئڙو: پکيءَ جو نالو جيڪو وڻن ۾ ڊگھا آکيرا اڏيندو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

چَنڊ جي ٿانوَ ۾ مَڌُ جنهن کي گَڙو
سو متارو نہ ٿيندو ڪڏهن بي وَڙو!

آءُ هارائيان سو تہ ممڪن نہ آ،
ڳوٺَ جي ڳاٺَ تي تون هُجين جي ڪڙو!

لڙڪڙائي هِتي ڪيترائي ڪِريا،
هِن گهٽيءَ مان لڙو جي، تہ سوچي لَڙو!

ها وَڃين ٿُون مَتان، ڪانڊَ تي وانڊِ ۾،
وَڏ اڳتي اچا، پَل وَسي پيو ڳڙو!

اي 'اياز' آهہ درياهُہ ساڳيو اچا،
ٿو وڃي پار بي چنگُ ساڳيو چَڙو.

**گيڙوويس غزل**

♣

يارَ سان ايڏيون ملاقاتيون نہ ڪَر!
آرزوئون ايتريون آتِيون نہ ڪر!

ڏيهَہ ڏهہ پيرا پرينءَ ڏي آ ڏِٺو،
ايئن ساري جيءَ کي جهاتيون نہ ڪَر!

هوءَ تنهنجي طرف هوندي پنڌ ۾،
يارَ! روئڻهارڪيون راتيون نہ ڪَر!

آهہ مينهوڳي، هوا ۾ ڳِهم آ،
موٽُ آڪيري، لُڏي لاتيون نہ ڪر!

ٿِي اچي ٻيهر گهٽا گهنگهور ٿي،
وارَ ٿاهي وَٽُ، رڳو ٻاتيون نہ ڪَر!

عشق ڪاروناپار جئن ڪاهي اچي،
پوءِ چوندو ڪير برساتيون نہ ڪَر!

پيار هُن سان ٿي ويو آهي ’اياز‘،
صاف چَئو تون ڳالهڙيون ٻاتيون نہ ڪر!

**گيڙوويس غزل**

♣

وارَ تو وانگيان پارَ سَيِ تو ڄِها،
آءُ چِرڪي چيو ’ها، اِها آ، اِها‘.

مئڪدي جي هلين تون تہ ڏاڍو چڱو
ڇَڏ اِهي ڳالهيون! آءُ نِي ناصِحا!

تو چيو پيئندين؟ ڪُجھ اجا جيئندين؟
تو اکيون آڇيون، مون چيو نيٺ ’ها‘!

ٿو چڙهين ڏُونگرين! پنڌ ڪيڏو ڳرين!
ڇو اڪيلو وَرين؟ ساٿَ ۾ ٻيا بہ ها!

تو سوا آسرو ٻيو تہ ڪوئي نہ هو
آءُ ڪڙڪائيو راتِ ٿي دَرُ سِها!

زندگي آهہ زنجير وانگر ’اياز‘،
هي ڪڙي ۾ ڳڙو ڪيرُ ٿيندو رِها؟

---

- سنڌيءَ ۾ ’اِها‘ ۽ ’ناصحا‘ قافيا صحيح آهن.
- سِها: گهر جي لاڳيتو بي گهر ۾ رهندڙ پاڙيسري.

**گيڙو ويس غزل**

♣

تون زندگيءَ جي پار ۾، تون موت جي اسرارَ ۾،
ٿو ساز منهنجي ۾ اچي، لرزين پيو هر تارَ ۾.

رابيل جئن آهي ڪِڙي، آئي هُئينءَ تِئن تون ٽِڙي،
ڪيڏي نہ رُت ڦَيري وئين تون ڪالهہ پنهنجي پيارَ ۾!

توسان پرين پوبون سفر اڳ ڪان ويو ٿي تيز تر،
اُلڪو نہ آهي هاڻ ڪو، ڇا جيتَ ۾، ڇا هارَ ۾!

ڪاڏي ويو اُڏري پَکي جنهن ڪالهہ ڳاتو ٿي سَڪي،
ڪو گيت گونجي ٿو پيو، هُن ۾ اڃا هر تارَ ۾!

منهنجون اکيون تو جو چَڪيون مون اِئن اُهي پوري رکيون،
توکي ڏِنو جب سب ڏنو آ ڇا رکيو سنسارَ ۾؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳَرڳَر هُجي جئن ڳُونج ۾، آ گيت منهنجو گُونج ۾،
پَڙلاءُ اُن جو آ پرين، هِن پار ۾، هُن پارَ ۾.

ٿي وارَ وِڪريا پارَ جا، هُئي سَمندَ تي ايڏي هوا!
مون جئن لسايا هَٿَ سان، ٿيو پيار پيدا يار ۾.

توکي ’اياز‘ آهي پَتو، آ رنگُ ڪنهنجو مُون رَتو؟
جنهن کي وري چوندي وَتو، مون آهہ اڄ مَهڪارَ ۾؟

## گيڙو ويس غزل

♣

ايندي نہ ايندي ڪئن چئون، هوءَ چاندني منهنجي چِٽي!
آهن جهُڙاليون راتڙيون، اي ننڊ چو آهين ڦِٽي؟

جنهن جاءِ تي تو موڪلايو، ڪالهہ منهنجي روشني!
تاريڪيون ڪيڏيون هُيون، ڪيڏانهن ويئي تي گهٽي؟

اهڙو بہ ڇا ڪو وقت آ جو ڪانہ آهين تون پرين!
ٿُون نِنڊ ۾ تون جاڳَ ۾، توسان مِلڻ- ويلا ٻٽي!

ڪائي گهٽا گهنگهور آ، ڪو مِينهن زوران زور آ،
ڪا وانڊِ تي ڍِسجي پَريان، ڪيڏي نہ آلِي آ مِٽي!

چوليون هٽي جو پيار سان، ٿو سمند جئن تنهنجي اڱيان،
روئي پَريندينءَ رَڇُ تون، ڪنهنڪي ڇڏين تي اي پِٽي!

محبوب تون مطلوب تون، ڪيڏي نہ آهين خوبُ تون،
چو دل نہ تي توڏي وَري؟ ڪئن اوچتو توسان ڦِٽي؟

آهي ’اياز‘ اڄ ٻُڪَ ڪا، لهندي نہ سا هُن ڪان سوا!
ڪي سال تي ويا جو ٿيو هُن جو ڳِٽو، منهنجي ڳِٽي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

موت کان پوءِ اِئن مَري ويندين،
جڻ تہ ڪائي گهَڙي ٽري ويندين!

ٿو چوان آءٌ تون وَري ايندين،
هي بہ چاٽان تہ تون وَري ويندين.

عشق درياھہ جيئن ٿو پرکي،
جي گهِڙين، تارِ مان تري ويندين!

ٿي اُجهامي ’اياز‘ لاٽَ اِجهو
چا ڏِسي تِيرگي ڏَري ويندين؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ويندين نہ ويندين؟ تَرندين نہ ترندين؟
آ موتُ بينو مَرندين نہ مَرندين؟

مُنهنجي اڱڻ تي آڪاش_ گنگا،
تون پار هلندين؟ تون تارِ تَرندين؟

ڇا راتڙيءَ جو ڪو ٿاهُ آهي؟
اوندهہ تہ ڏِس! تون ڏيئا نہ ٻَرندين؟

تون بَرف ڪيسين؟ ڪم ظرف ڪيسين؟
درياهُہ ٽيندين؟ ڳرندين نہ ڳرندين؟

اوچيون پهاڙيون، آ چندُ جن تي،
رَستا اُتاهان، ڏَرندين نہ ڏَرندين؟

اڄ ڪلهہ 'اياز' آهہ رابيل جي رُتِ،
ڪيڏيون سُڳنڌون؟ ڪَرندين نہ ڪَرندين؟

**گيڙو ويس غزل**

♣

عشقَ کي اڄ بہ آزمائن ٿيون،
جئن ڏِسي هُو ڇَپر جهُڪائن ٿيون!

هي ڇُميون جي ڪُتي ڪُتن نہ ڪڏهن،
راتِ کي ڏينهن ڪئن بڻائن ٿيون؟

ڪير ڪُونپٽ جي چانوَ ۾ ويهي،
ڳالهڙيون پيارَ جون ٻُڌائن ٿيون؟

هي هوا ۾ پِرين ڇَڳون ٽُنهنجون،
راتڙي، راتڙي بڻائن ٿيون.

مينهن جي مُند آ، ڪڏهن ايندين؟
اڄ تہ ساروڻيون سَتائن ٿيون!

هوءَ گهڙي سان ’اياز‘ ڪير آهي،
جو گهٽائون اِئين وَسائن ٿيون.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ھُو اُفق ڏانھن جا ڳلي وئي آ،
وِڪَ تنھن طرف اڄ ڪڄي وئي آ.

ھُو گھٽائون جڏھن وَيون تہ وَيون،
ياد ڪئن يار ڪي ڀُلي وئي آ!

جڻ ڦُٽي آھہ ڪنھن گلاب جيان،
جا چپن ۾ چُمي چُپي وئي آ.

ھُوءَ جڏھن ڪان ھلي وئي آھي،
ڏُکَ ۾ جڻ تہ دل ٻُڏي وئي آ.

راتڙي تو بنا ڀلا ڪھڙي؟
تون وئي آنھہ، راتڙي وَئي آ.

ڪو پرھہ جو پَرو پيو ناھي،
شمع ڏس ڪيتري جلي وئي آ.

پَرُ نہ آ ڪو ’اياز‘ ماڪيءَ تي،
لاڙَ توکي رُڳو لڳي وئي آ؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هيءَ شاخ ڪيئن ڏِيئي وانگر ٻَري پئي آ،
ڪو گُل ٽِڙي پيو آ، خوشبو نِئي نِئي آ.

ڄاتو پئي اڳي ڇا هُن رڪُ رڪاءُ مُنهنجو،
آئي هَلي اَڪيلي، ڪيڏي نہ بي يَئي آ!

جڻ مُرڪ آهہ هُن جي، جا شمع جئن لڳي ٿي،
جنهن وقت ڪان هتان هوءَ ٻاهر هلي وئي آ.

هن وارَ ڇو ڦٽيءَ سان، سُلجهائيا نہ پَنهنجا،
ڏاڍي اُداس آهي، ڄڻ لوءَ ۾ لَئي آ.

تارا ڇُپي ويا سڀ، پيارا ڇُپي وَيا سڀ،
ڪا سارَ 'اياز' آهي جا راتِ ۾ رَئي آ؟

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

اچين ٿِي شام جو مون ڏي شفق جي سونهن جئن آهين؟
وري ڇا سمنڊ جان مَن ۾ چڙهي ٿِي ويرَ جئن چاهين؟

هوا ۾ اي پکي پنهنجا اجايو پَر پٽوڙين ٿو
لَهي ڪنهن ڏارَ تي تون ڇو نہ ٿو آکيرڙو ناهين؟

سنڌءِ تعمير ۾ تخريبَ جو ڪاٽو بہ ڪو آهي؟
ڪڏهن ڊاهين، ڪڏهن ٺاهين، ڪڏهن ٺاهين، ڪڏهن ڊاهين.

اِهو ڪنهن بارَ جو انبارُ آهي تو مٿان سَرتا!
جڏهن باهَي چڙهين ٿاهي، اجا ٿاهي پيو باهين!

مُحبت ۾ اکيون ڪافي نہ آهن ڇا تہ، ٻوليءَ ۾،
توقع ٿي رکين مونکان تہ ’مون کي ٻيو بہ ساراهين‘!

ڏِنو مون هَٿُ هيٺائيءَ سهاري لاءِ جو هُن کي،
جواني ڪيئن وَرتي آهہ منهنجي لاءِ هيناهين!

**گيڙوويس غزل**

♣

نہ آهي پيارَ جو ڪاٿو يلي آئينءَ يلي آئينءَ!
وري پجري پَڪي ڦاٿو يلي آئينءَ يلي آئينءَ!

هُئينءَ تون اَج ۾ ورٽي، ڪڏهن مون ڏانهن اي هَرٽي!
نہ هو مون آسرو لاٿو يلي آئينءَ يلي آئينءَ!

نئين تون مُورتي آهين، پئي مندر بہ خود ناهين،
جهُڪي ويو آ وري ماٿو يلي آئينءَ يلي آئينءَ!

اڳيئي مون پئي ڄاتو پرهہ جي هيرَ جئن ناتو،
’اياز‘ هي مان چوان ڇا ٿو؟ يلي آئينءَ يلي آئينءَ!

**گيڙوويس غزل**

♣

تہ باقي آهہ ڇا پيارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين،
فقط هي اُپ ۾ تارا؟ نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

نظر جا سڀ سَراب آهن، نہ هي ڳاڙها گُلاب آهن!
نہ هي ڪي خواب جا ٻارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

اَڪٿ اونداهہ ۾ آهن، چون ٿا باهہ ۾ آهن،
پَري جي اَنت جا چارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

مُحبت ڪان سوا ٻيو سڀ فسانو آ، فريب آهي،
رڳون آهن رُڳا نعرا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

پري ڇاهي پَري ڇاهي؟ مگر آڪاس ۾ آهن،
اِهي اونداهہ جا جارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

**گيڙوويس غزل**

ٺَلهو تون ٺيڪراٺي آنهه يا ڪا مَڌُ ماٺي آنهه،
اَڇن ٿا روز اُجيارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

اجا اڳتي اجا اڳتي، وڃين ٿو ڪٿ چوان ڪاڏي،
اجا سارو نہ آن سارا! نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

لَهي ٿو سِجُ گوڪل تي، اُڏائن ڌُوڙ ٽيون گايون،
لَٿِي آ رات اي ڪارا! نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

اِئين آڪاس پالهو آ، مگر جي آ، ائين ڇو آ؟
ڪڏي ٿو چَندُ ويچارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

ٻُڏي ٻُوڙا ويا جن سان، ڳَنڍي ڪهڙي، ڳپر ڪِن سان؟
’اياز‘ اڄ ٿي ڇِڪي ڏارا، نہ مان آهيان، نہ تون آهين!

**گيڙو ويس غزل**

♣

هُيو مون هَٿُ ايڏو جو، ڪري مون روز رَدُ تنهنجو،
ڏنو مخلوق ۾ ٿي مُسڪرائيندي عَددُ ٿُنهنجو!

نہ ڄاڻان مان ڪٿي آهين، پيو ڪيڏانهن تون ڪاهين؟
نہ آهي حَد ڪا تنهنجي، ازل تنهنجو، اَبدُ تنهنجو.

ڪڏهن سارو تعجب هان، ڏسي تخليق ڪي ٿُنهنجي!
ڪڏهن ماڻهو ڪڏهن مانگر، سمورو نيڪ و بد تنهنجو!

ٿئين تون نِمُ ۾ ايڏيون نِموريون جئن ڳتيون آهن،
عَجب سان ڳُڳهہ ۾ ڳهُوري ڳچيو ٿي آءُ قَد تنهنجو.

اگر مان ڀُڄهہ ڄاڻان ٿو ستارن ڪان اڳي نڪري،
نہ سمجهين هارَ ٿو اُن ڪي، نہ ڪو آهي حَسدُ تنهنجو.

ڪڏهن ٿو رَتَ ۾ ووڙي، ڪڏهن هر رڳ ۾ ڊوڙي،
’اياز‘ آخر ڪٿان آيو انهيءَ ۾ اَبّ وَجد تنهنجو؟

**گيڙوويس غزل**

♣

ڪڏهن چؤڏول جئن آهين، پيو ڦيرا ڳرائين ٿو!
نِگهہ ۾ تون اچي منهنجي پيو مونکي لنوائين ٿو!

نظر ۾ گردشُون آهين؟ مگر هڪ هنڌ تون آهين،
وڏي جهاتي تہ ’مون‘ آهين، رُڳو مون کي رُلائين ٿو؟

ڏِسان ٿو ڏورَ ۾ ڏوري پَري هوندي بہ آن اوري،
ڪڏهن تون پيهہ ۾ پيهي، پٽو پنهنجو مِٽائين ٿو.

ڪڏهن منهنجون چُميون آهين، ڪڏهن تون چَپ آن ڪنهنجا،
ڪڏهن آغوش ۾ ڪنهنجي سمورو جڳ سمائين ٿو.

ائين ڪي نيڻ چو ٿاهيئہ، هُيا جي ويڻَ واريءَ جا،
هرڻ جئن هانوَ منهنجي کي اُنهن پويان پڄائين ٿو؟

ڪڏهن تُون رنگ جو جادو، ڪڏهن تون سَنگَ جي خوشبو،
ڪڏهن ڳوبل جيان ڪُوڪُو، جڏهن مون کي مَڃائين ٿو!

گيڙو ويس غزل

ڪڏهن تون آنهہ ٻاين جا، ٻهون گجرا ڳراين جا،
ڪڏهن ڦاهو ڏئي ٽُون پاڻَ تان آهو ٻَلائين ٿو!

ڪڏهن ڪوئي سَجڻ آهين سَهي جئن ساهہ سان منهنجي،
ڪڏهن ناهرَ، بنا واهرَ، ڪِٿان آٽي ٻَچائين ٿو!

ڪڏهن تون ڏاک جي وَل آن، ڇُڳا لڙڪن پيا جنهن مان،
ڪڏهن ڪيئي صراحيون آن، ڪڏهن سِپ لئہ سِڪائين ٿو!

ڪڏهن منهنجو گُمان آهين، ڪڏهن سارو جهان آهين،
ڪڏهن آهين ڪڏهن ناهين، ائين ڇو ڇيترائين ٿو؟

ڪڏهن لُڙءَ لُڙءَ لڳائي ٽُون، ڪڏهن سارو ڇڳائي تون،
ڪڏهن دارُون، ڪڏهن ڪارون، اِئين ڇو آزمائين ٿو؟

جڏهن ٽُون مورتيءَ وانگر، تڏهن مان آرتيءَ وانگر،
لُڇين ٿو لات تي مون ۾، جڏهن ڏيئا نچائين ٿو.

تڏهن لالاڻ آ توتي، شفق جي گل گُلابيءَ جيان،
جڏهن تون سِڄُ سَنجها جو بڻائي، تِلڪ لائين ٿو.

’اياز‘ اڄ ’مير‘ ۽ ’غالب‘ بڻي زنجير ها توتي،
ٻنهي ڪان پاڻ کي ٽُون ڪيترو ڇرڪي ڇڏائين ٿو!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ڪيتري ڏات ٿي ويو آهين!
نِنڊ ـ برسات ٿي ويو آهين!

ٿِي لَڙي رات، هوءَ ڪانہ آئي،
ڪيتري تات ٿي ويو آهين!

ڏينهن ـ سپنا ڏِسي ڏِسي ايڏا،
رات جي ماتِ ٿي ويو آهين!

ڪير وينو اُتي ڪچهريءَ ۾،
بات تي بات ٿي ويو آهين!

لهرَ ۾ چَنڊُ جئن نہ ٿو تڪجي،
اِئن ملاقات ٿي ويو آهين!

زندگيءَ جي صفات منجهہ ’اياز‘
ذات سان ذات ٿي ويو آهين!

گيڙو ويس غزل

♣

رات برسات ڪي سُٺي ٿي پئي!
ڏاتِ ڏاتي جيان لُٽي ٿي پئي.

اڄ بہ اڱُ جيئن ٿي رنديا روڙي،
زندگي ڪيترو اُٽي ٿي پئي.

پريت جي رِيت ڪانہ بدلي آ،
پيءُ، ڏاڏو اچا پُٺي ٿي پئي!

شايد اڄ رات پيارُ اڇٽو هو،
چاهہ مان جو سُتڙ چُٽي ٿي پئي!

پيار جي ڳالهہ تو ڪئي تہ ’اياز‘
هوءَ سپنا اچا اُٺي ٿي پئي!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

آگَ آهيان، هَٿو جلي ويندؤ!
وِچَ ۾ پوپَٽو جلي ويندؤ!

ٿو جهنم جيان، بهار ٻَري،
گُل تہ آهن ڏٿو جلي ويندؤ!

ايترو دُور ڇو نهاريو ٿا؟
اَنت سان هي سَٿو؟ جلي ويندؤ!

اُپَ تائين تہ آگ آهہ ’اياز‘،
ايترو جَمگهٽو جلي ويندؤ!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هَل! ڪو ناهہ، هڪ ڪُتو آهي،
دَر بہ هي آ، جتي ڪُتو آهي!

مان شگفتہ گُلاب هان ڪيئي،
ڪو ڦُڙو ماڪ جو بہ تو آهي!

ٿيڙَ تي ٿيڙَ آهہ هي دنيا،
زندگي ڪيپَ ۾ گُتو آهي.

تون وئي آن تہ پوءِ ٻي ڪنهن سان،
پيار پاڻيءَ جيان ڇُتو آهي.

ماڪَ وانگر ائين بہ ڪو مُرڪي،
ڪير هي وِلهہ ۾ سُتو آهي؟

نيٺ پاڇو ’اياز‘ ڦاٽي پيو،
ڇا ڪجي، ڀَونڪڻو ڪُتو آهي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ٿو صبح ڦِري ڪئن شام ٿئي جڙ تَنهن جي ڪابہ سَمڪ ناهي،
پيو ڏينهن بہ ايندو ڪونہ ايندو، تنهن جي بہ تہ ڪائي پڪ ناهي!

جنهن وقت شَفق ڳاڙهاڻ ڪَئي ۽ من ۾ ڪائي ڪاڻِ ڪئي،
تو لاءِ گهڻو واجهايو مون، تون جنهن جي ڪابہ جهَلڪ ناهي!

جي موت اڳي پو اچڻو آ، پو اُن جي سمجهہ ضروري آ،
تيسين هر چيز اڌوري آ، ڪا پَڪَ ڪٿي؟ ڪا پَڪ ناهي!

هي اَڪ جي نيري ڦُلڙي آ ۽ واءُ سرءُ جي گهُلڙي آ،
ٿو آءُ مَٿي نيراڻ ڏِسان، جنهن جهڙي نيري اَڪ ناهي!

هوءَ صورت ياد پَئي آئي، هُو ٿورَ ائين جئن پُروائي،
اج رات ڪدروت وَئي ميٽي، اج جيءُ مُنو ڪنهن جَڪ ناهي!

جهُڙ گهاٽو آهي، دُور ڪٿي ٽي چار ستارا ٽَمڪن ٿا،
آرڻ ۾ ڪاري رات پَئي، هن وقت ’اياز‘ ڪُمڪ ناهي.

• پُروائي: اولهہ جي هوا.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪير ڄاڻي حياتي، گهڙا ڏينهن؟ آءُ!
اڄ تہ سانوڻ جيان اي ڳتيءَ مِينهن آءُ!

تو بِنا وقت واريءَ جيان ڳرڳرو،
اڄ ڪري اوڙڪون اي نوان نينهن آءُ!

ديسُ اوناڙ گهايل ڳدڙ جي لڳي،
ڏَر وسائي ڪٿي آهہ تو؟ شينهن آءُ!

ڄَندُ ڪيڏو بہ ڳورو لڳي باک جو
پو بہ آهين ڇڳي پيار جي پِينهن، آءُ!

ڄَڻ جهُڙالي تہ گهاتي اچي ٿي ’اياز‘،
وَسُ ٻيهار واريءَ مٿان مِينهن، آءُ!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿُون ويھي گھيرن گھاٽن تي،
ڪو ڳَنُ ٻہ ڏي رانپاٽن تي!

هي مَدُّ ٻہ نيٺ ڪَپي ويندو،
ٿُون سوچ مٿيءَ جي ماٽن تي!

ڪيڏانھن وڃان پيرو نہ پَڃان؟
مون سوچيو ڪالھہ ٻہ واٽن تي.

هر وقت پيون اڄ ياد اچن،
ڇا لاءِ ڄَتائون جاٽَن تي؟

ڇا ٻي جا مُون جئن پيرا ها،
تون وينو لوچ لِلاٽن تي!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بيت نہ آهن هر ڪنهن وٽ،
تُون ڀاڙِ نہ ايڏو ڀاڻن تي.

آ جُهوني جاءِ ڏهي پيئي،
تو غور نہ ڪيو ٽِڙڪاڻن تي.

مان وچڙو هان درياهہَ تَپِي،
اي چَنڊ! سنڌءِ چمڪاڻن تي.

تُون ايڏي آسَ ’اياز‘ رکي،
اڄ ڪيئن ڳَتيءَ جي ڇاڻَن تي؟

♣

هيءَ ياري بہ تہ ڪا ياري ناهہ!
دوستي آهہِ، اداڪاري ناهہ!

هيءُ رشتو بہ عجب رشتو آ،
پيار آهي تہ سَهين، پياري ناهہ!

هيءَ رابيل جيان رُوپ- مَتي،
مون ڏسڻ سارُ چيو ”ڏاري ناهہ!“

رات ڪارڻ ڪٽي آئي آ،
تو اچا جوت تہ ڪا ٻاري ناهہ!

سِير ۾ پارَ ٻُڏي وئي ٻيڙي،
تو چيو ٿي تہ ”اسان تاري ناهہ!“

روز رابيل نوان آڻ ’اياز‘،
شاعري آهہ ڪِڪيءَ ڪاري ناهہ!

---

● عجب سنڌيءَ ۾ عجيب جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

ڪِئن اُپري ٿو ءِ ڪيئن لھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!
ڪيڏانھن پَئي ھِي عُمر ڳھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

جي اَنت اُھو ئي ٿيڻو آ ۽ ساھہ اڳي پو ڏيڻو آ،
ڇا لاءِ حياتي درد سَھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

ھي ڪوڙڪيون ڪنھن ڦھلايون؟ ان ريت ڳھڙيون ڇو ٻھلايون،
ڇا لاءِ سَنو سڀ آھہ سَھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

ھر خوشبو ويندي رھندي آ ۽ دُور ھوا ۾ ڳھندي آ،
تو ڪيسين توسان ساٿُ رَھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

مان سِڄَ ڪي ڳھُوري سگھندو ھان، توڏي نہ ڏِسي ٿو آءٌ سگھان،
ڇو توڪان منھنجي ڳھُور ٿَھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

ھوءَ ڪونہ ’اياز‘ وَري آئي، جا پھريون سَمنڊ تَري آئي،
ڇو پِريت نھي ٿي پريت ٻھي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ڪيرَ اِئن اوچتو پيارِي پيارِي!
زندگيءَ ڪان ٻہ لڳي ٿِي پيارِي!

تو ائين آهہ وِساريو مون کي،
دل ۾ هڪ ڪَڏَ ٻَوي ٿي پيارِي!

ٿُون سُڳنڌ آنهہ پلا جهُوتي جي،
راهہ ڪنهن آهِ ٻہ روڪِي پيارِي!

رات ۾ ايئن سَمايل آهين،
جيئن رابيل ڪِڙي پئي پيارِي!

پيار جي گيت جيان ٿي گُونجين،
ايئن ڪويل ٻہ نہ ڪُوڪِي پيارِي!

جئن نديءَ- وَهڪ مٿان چنڊ هُجي،
اي اکيون! ڪيئن تہ پُهتي پيارِي!

اوچتو ياد ڪيائين تہ ’اياز!،
ڏِسُ! تہ ڇا باڪ نہ اُيِري پيارِي!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ايتريون عاشقيون ڪيون آهن،
ياد تان ڪجهہ لهي ويون آهن.

ٿُون جڏهن واڻَ تي مِلي آهين،
مِينهن جون بُونڊڙيون پَيون آهن.

دِل نہ مُرجهائبي ڪڏهن يارو!
روز مُڪڙيون نَيون نَيون آهن.

يادگيريون اکين اڳيان ٿُنهنجون،
چڻ تہ ڪي لُوءَ ۾ لَيون آهن.

ٿُون پلي چَئہ تہ رُجَ آ اڳتي،
پيارَ- هرٽيون تہ بي چَيون آهن.

**گيڙوويس غزل**




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ۾ ڪير بي پَيون آهن،
تار ايڏي تَري ويون آهن.

تو ڪنيو شعر کي چڏي سڀ ڪجهہ،
چئوطرف ڪيتريون شيون آهن.

پوءِ بہ چيچڙا چِڪن پيا تن کي،
دُور ڪيڏيون هِليون ويون آهن.

آ جواني اُها رهي نہ ’اياز‘،
راتڙيون پو بہ مَڏُ مَيون آهن.

♣

زندگيءَ کي اجا پيو چاهين!
ڪيترو موت کان مٿي آهين!

ٿِي چڪي پاڻ ڏي پئي توکي،
رات ڪائي اُداس، ڏورانهين!

هي تہ مِٺي هئي، مِٺي ٿي وئي،
ٿُون نہ آهين، اِها، اِها ناهين!

ٿو ٻري ماڪَ سان هِتي پَن پَن،
ٿُون ڳتين جي پرار ٿو ڪاهين!

ڪاش! توکان ڇُمي وٺان مان اڄ،
ڦارَ آڇي پَئي ڳٽي چانهين.

ايتريون هي عنايتون، هاڻي!
عُمر توتي خُدا، هئي دانهين.

ٿُون ٽڪو ناهہ چو ’اياز‘ اجا،
جندڙي ڳاهہَ جئن پيو ڳاهين!

**گيڙو ويس غزل**

♣

هِي مدُر رات، هيءَ مَڌُو شالا،
اي پرين ڏي اجا بہ تي پيالا!

کير کمرو چڙهي ويا ها گلهہ،
ڪيترو اڄ اُداس ها تالا.

ٽُون ڪِرين لُڙڪ لُڙڪ تي جنهن مان،
مُون جَپي سا مَٽيو مَٽيو مالا.

هيءَ سانوڻ سزا ڏني آهي،
نيڻ هر وقت ٿا رهن آلا!

يارَ جي سارَ اي ’اياز‘ وري،
اوچتو پَر ڪري هنيا پالا.

---

• مڌوشالا: شراب خانو

گيڙوويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هي وٽج چڏي تون وٽجارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟
ٿُون هيڏو پيارُ ڏئي پيارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟

ٿو چنڊ ڦري آڪاس مٿان ۽ ٿُنهنجا پيرَ پيو ڳولي،
چؤڏار نِهاري ٿو چارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟

ائن ڳائڻ ڪارڻ ڪالهہ اچي، تو جهِرمِر جهِرمِر گيت ڏنا،
ٿا اج بہ تَڪن تو لئہ تارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟

ڪنهن وقت گهٽا گهنگهور مٿان، تون ڪارونجهر جي ڳورَ مٿان،
ڪنهن مور جيان ڏئي ڏيڪارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟

نُوري نہ تماچي آ ٽَڙ تي، آ ڪينجهر جي ڇَر ڇوريءَ جئن،
چوڏار ’اياز‘ ڪِڪيءَ ڪارا، ڪيڏانهن وئين، ڪيڏانهن وئين؟

♣

مِينهن ۾ ڏاک جئن پِني آهين،
ڪيڏي پياري لڳي رهي آهين.

پيارَ پهرينءَ نظر چڱو ناهي،
ايتري چو اُتامِري آهين!

سمنڊ تي تي لڳي هوا ايڏي،
وانئڻيءَ جئن جهُلي رَهي آهين.

ايتري ڪتمِني لڳين پيئي،
ڇڙ تہ تازي گدامڙي آهين.

زندگيءَ جي خُمار خاني ۾،
اوچتي آخري چُڪي آهين.

بي خُودي ڪيئن تي ڇِڪي توکي،
حُسن هوندي بہ عاشقي آهين.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو نئين زندگي ڏني مُون کي،
موت جي مات ٿي چُڪي آهين.

ٿي ڏِسين دُور دُور بادل جان،
ٿهلندي چڙهه تہ مورڙي آهين.

هي اکيون سَچ کان سِوا هونديون؟
آءٌ ڀانيان تہ تون سَچِي آهين!

ٿي وئي شام چُپ ٿيا پَنڇي،
تُون بہ خاموش ٿِي وئي آهين!

ڪنهن تہ بي انت ۾ سمائي آن،
ڇا اُفق ۾ ڏسي رهي آهين!

ڪوبہ طوفان تو ڏِٺو ناهي،
جا کُلي ناهِ سا دري آهين!

هي ٺٽي جي اُداس رات ’اياز‘،
تُون تہ رابيل جئن ڪِڙي آهين.

اڄ ڪِٿي هُو ’اياز‘، جو اڳ هو،
وار ڪارا ڏِسي ڀُلي آهين.

**گيڙوويس غزل**

♣

اُٿُ، وَري سِجُ اُڀريو آهي،
ڏينهن قدرت نئون ڏنو آهي!

تو ڪيو ناهہ عشق ڪئن چوندين،
ڇو ٿڌو ساهہ اُڀرندو آهي!

اي ٿڌي جي هوا سُڃاڻين ٿي،
هيءُ ماڻهو تہ موٽيو آهي!

ڇا نہ ٿُنهنجو سُڀاءُ آ پياري،
اِئن لڳي ٿو تہ ٿر وُٺو آهي!

ڪيئن سمجهائيانءِ اڳ توکي،
مورتيءَ جو جنم مليو آهي!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ چھري جيان ٻہ آ تشبيھہ!
ڪنھن مصوَر پِرين ڏٺو آھي!

ھيءُ گُل چو چنين، چڏينس ميان!
چاندني راتَ ۾ تِڙيو آھي!

تو ٻہ ٽي سال ٻيا ڏنا مون کي،
موتُ اڄ ڪالھہ وائڙو آھي!

يا خُدا! تون متان اچين وچ ۾،
موتُ مُنھنجو معاملو آھي!

عمر ھي عشق جي تہ ڪانہ آھي،
خَبط تُنھنجو ’اياز‘ ڪو آھي.

♣

وقت ڪيڏو نہ ٿورڙو آهي،
ڳمُ ڪيڏو اجا پيو آهي!

هي ٽِتر جي تنوارَ تو نہ ٻُڌي؟
جڻ تہ ڪنڊيءَ تنواريو آهي.

اي ڪلالو! اُٿي، اُٿو اُپٽيو،
صبح ٿيو آهِ، سوجهرو آهي.

باک تائين هُڳاءُ ويو ناهي،
رات رابيل ڪي چِنو آهي.

نِمُ هيٺان بہ ڳالهڙيون توسان،
هيءُ ساڳيو چبوترو آهي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ڪُنڊي تي پئي ڇِڪي توکي،
پيارَ جو ڪو تہ آسرو آهي!

شاعريءَ کي ڇُپاءِ واريءَ ۾،
مورتيءَ کي پَرو پيو آهي.

آءُ ڏِل جي اُجاڙ نگريءَ ۾،
ڏِس اُهو محل جو ڊٺو آهي!

رات رابيل جئن ’اياز‘ اُپري،
اڄ غزل ماڪَ جئن وُٺو آهي.

♣

کنھن پُڇيو ”ڇا ڏنو آھہ تو پيارَ ۾؟“
مون چيو ”ٻيو ڇڱو ڇاھي سنسارَ ۾؟“

ھَٿُ ڇوھِي نہ آ پريت ڏوھي نہ آ،
ڪيترو ٿي وڻين تون اِئين پيارَ ۾!

ھُبَ ھُن جون ھوائون ڪٽي ٿي وئي،
ڪيترا ھا تِڙيا رات گُل يارَ ۾.

تو ڪٿيو آءُ ھارائيو اي پرين!
تو ڏِنو ڪيترو خوش ھُيس ھارَ ۾!

ڇو ڳپائين اَسان ڪونہ سمجھيو ’اياز‘،
ھيءَ ٿاري ڇڱي ٿي لڳي ڏارَ ۾.

**گيڙو ويس غزل**

♣

غور سان مون ھُو جواني، رنگ گوري ۾ ڏٺي،
ڪالھہ سھميل تي لڳي، جئن ڄامشوري ۾ ڏٺي.

ڪيئن چئجي ڪير آ؟ تقدير وانگر تي ڇِڪي،
آنءُ ڀانيان ٿو تہ مون، ڪنھن وقت موري ۾ ڏٺي.

ھئن ڇپر مون چانوَ وانگر، اڳ ڏٺا ناھن ڪڏھن،
سادگي ڪيڏي نہ تُنھنجي، مُنھن سَدوري ۾ ڏِٺي.

ڪيئن چئجي چنگ سارا، گُمر ٿيا ميھار سان،
لارَ سنجھيءَ جھنگ جي، مون ڳالھہ ڍوري ۾ ڏٺي.

ھوءَ جا ساڃاھہ آھي، ساھہ سر جنھن تان فِدا،
سا ٻَري ۾ ڪانہ آھي، ءِ نہ اوري ۾ ڏٺي.

اڄ اُھا آوِي ڪٿي جا، ڪلھہ ھُئي ھن ۾ ’اياز‘،
آنءُ ٺنڊڪ اڄ اُنھيءَ جي، ٿانوَ ڪوري ۾ ڏٺي.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

سَچيون راتيون عبادت ۾ گذارين ٿو جڏهن محبوبُ سارين ٿو
اکين جا ڏيئڙا هن جي، جڏهن چانئٺ تي ٻارين ٿو.

خبر ناهي تہ ڇا آهين؟ ڪِٿان آئين، ڪٿي ويندين؟
مٿي مُنهن ٿُون ڪري ائن، رهگذر پنهنجا نهارين ٿو.

نہ مسجد ۾، نہ مندر ۾، نہ ديول ۾ ڏسين هُن کي،
اُفق کان تون اُفق تائين، ڏسي هُن کي پُڪارين ٿو.

خُدا آهي، خدا آهي، اڙي نتشي! خدا آهي،
اگر اي فلسفي مون کان پڇين تون جَڪَ مارين ٿو.

ڪڏهن ٿُون لُڙڪ ۾ ڪنهنجي، ڪڏهن ٿُون ماڪ آن گُل تي،
هزارين پوش پهرين ٿو هزارين ويس ڏارين ٿو.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ويساهه ۾ آهين، تڏهن تون ساهه ۾ آهين،
وڏي ٿي تيرگي جنهن دم، چراغِ اشڪ ٻارين ٿو.

ڪڏهن آهوءَ جيان آهين، رميده تون بيابان ۾،
ڪڏهن خوشبوءِ جيان ڦهلي، پيو دل کي ڏُتارين ٿو.

’اياز‘ آهي ٿيو جنهن ڏينهن کان، ڪجهه آشنا توسان،
خبر ناهي تہ هن کي، در وٿان ڇا لاءِ ٽارين ٿو.

♣

ڪئن اُڀري ٿو ڪئن اُلهي ٿو، ڪيئن پيئي عُمر تمام ٿئي،
مان سوچان ٿو ڪيسيتائين، ٿو صبح ٿئي ۽ شام ٿئي.

خُم ڪيئي خالي ٿي ويا، پر ٿو منهنجو جام ڀري ڪوئي،
ڪائي بہ گهڙي اهڙي ناهي، جو خالي منهنجو جام ٿئي.

ٿُون دير ۾ ويهي قشقي ڪي، ڇو ’مير‘ ڏسين ٿو حيرت مان،
اي مِير! ڪٿي اُن حربي سان، ٿو توکان ترڪ اسلام ٿئي.

هُو روس هُيو فانوس جيان، سو آهہ وساڻو جي هاڻي،
آ بيو بہ طريقو جنهن سان ٿو اڄ ڪالهہ فلاح عام ٿئي.

ٿي تڪڙي ميزائيل اچي، جڻ سڀ لئہ عزرائيل اچي،
ڇا اهڙو وقت بہ اچڻو آ، هر چيز خيالِ خام ٿئي؟

آ سڀ ڪان بهتر آزادي، ڪنهن جي بہ سلامي نانهہ چڱي،
جي غور ڪريو اي اِنسانو، ٿو دام تي سڀ لئہ دام ٿئي.

ڀَٽ ڪوهہَ ’اياز‘ اَٿي جيون، تون ڪوپو ڪوڙي ويهہ نہ ڪِٿ،
اڳتي آهي ننڊ ازل جي، اڳتي ٿو آرام ٿئي.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڏِس تہ گڏجي هُو پکي سڀ، ڪئن نہ ڍوري تي لهن ٿا،
ڪو حسد تن ۾ نہ آهي، ڪئن نہ هڪ ٻئي کي سَهن ٿا!

پريت ڪيڏي آ پَسن ۾، واءِ آدم ذات تي!
مِٺ مُحبت سان نہ ڇو هي، آدمي گڏجي رهن ٿا؟

رنگ رليون ڪجھہ ڏهاڙا، انت سڀ جو ماٺ آ،
ڏس پکي اُڏري شفق ۾، نيٺ اوندهہ ڏي ڪهن ٿا.

ويڇڙائي موت پنهنجي جي نہ ٿا جيسين ڏِسن،
جا چڱائي آهہ اُن ڪان، آدمي ڪيڏو ٿهن ٿا!

موت سڀ جو ڇوٽڪارو، انت ۾ آهي ’اياز‘،
لوڀ لالچ ۾ اڇي انسان سڀ ڪيڏو ٻُهن ٿا!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿُون ئي ٿُون آن، تون ئي تون آن،
نيٺ منهنجي لاءِ مون آن.

تو جيان ڪيچي نہ ڪوئي،
تون پنهون آن، تون پنهون آن.

آءُ جن جي پنڌ ۾ هان،
سي سلاخون سج جون آن.

آءُ لامحدود تو ۾،
تون حياتيءَ جون حدون آن.

ٿو اچين طوفان وانگر،
ريت تي ڪيڏيون رڙيون آن!

سُرمَئي راتيون بہ آهين،
ٿُون ستارا، تون گتيون آن.

جئن ڏنو توکي ’اياز‘،
چاندنيون ئي چاندنيون آن.

**گيڙوويس غزل**

♣

نہ ٻولي ٻِي اچي ڪائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!
اِهائي وات مون وائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

ڪڏهن تُون رَقص و رنگ آهين، ڪڏهن پيو ڪو اُمنگ آهين،
اڙي گهڙي اڪيلائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

ڪڏهن پارُوَن پُڪارون تي، اچين ٿو تون اڏارون تي،
اِها ڪويل بہ تون جائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

اگر تنهنجو خُمار آهي، سَرءُ مون لئہ بهار آهي،
سدائين آهہ سَرهائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

ڪڏهن تون ڪو اٽو آهين، ڪڏهن سپ ڪان گهٽو آهين،
مڃان ٿو آءٌ يَڪتائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

ڪڏهن تُون جارَ ۾ ڄرڪين، ڪڏهن تي ڪُونج ٿو ڪرڪين،
صدا جا روهَہ مان آئي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

’اياز‘ آهي وِٽي توکي، تہ هُن جي ڳالهہ ڳائي وَٽُ!
وَڄي جئن روز شهنائي، چوان ٿو ”تون“ تہ تون آهين!

**گيڙوويس غزل**

♣

اِهو گُل جو شباب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!
اِها خوشبو تہ خواب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

مُقدس آهہ پر تون، هر مُقدس ڪان، مُقدس آن،
اِهو ڪوئي ڪتاب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

ڏِسان ٿو مان، اُهو ڪنهن عڪس جو آ رقص دريا ۾،
اِهو ڇا ماهتاب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

ڇَون ٿا تُون خُدا آهين، ڪڏهن ڪان تُون جُدا آهين؟
ڪڏهن جو ڪو حسابُ آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

ستارا ٿا پيا گُونجن، صدائون جڻ ڪيون ڪُونجن،
اِهو ڪهڙو رَباب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

**گيڙوويس غزل**

اگر تون شمس تبريزي، تہ نڪري لحد مان ايندين،
مثان هو آفتاب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

نہ آ معلوم ڇا آهين؟ اگر معدوم، ڇا آهين؟
مگر جنهن سان خِطاب آهي، اِهو ناهين، اِهو ناهين!

فنا ڇا بيڪران آهي؟ ڪروڙين آسمان آهي؟
بقا ڇا ڪو حِجاب آهي؟ اِهو ناهين، اِهو ناهين!

’اياز‘ اڄ پَڪ سان آهن، ڏِنا تو لَڪَ سَڀُ هُن جا،
اِهو تُنهنجو جواب آهي! اِهو ناهين، اِهو ناهين!

♣

ٺُون آڌيءَ رات اُٺارين ٿي، ۽ منهنجي ننڊ ڦِٽائين ٿي،
جي رهجي ويا ها گيت اڌُگي، سي مونکان گيت لکائين ٿي.

اڌ رات اچي جاڳائين ٿي، ۽ چم چم چيرون پائين ٿي،
ٿا پيرَ پُڄن آڪاش مٿان، هِي ڪهڙا ناچ نچائين ٿي.

مان ٽُنهنجا چنڊ ستارا هان، ڪيڏيءَ نہ تجليءَ وارا هان،
ڪيڏا نہ گُلن جا ڪارا هان، سنسار سڄو مهڪائين ٿي!

سڀ سازَ سُرندا ٽُنهنجا ها، آواز نہ ٻُرندا منهنجا ها،
هر ڇَؤنرو ڪوئي پؤنرو آ، گُنجار ائين ڦهلاِئين ٿي!

هر ذّات بہ تون، برسات بہ تون، ۽ ساري ذات صفات بہ تون،
۽ سانوڻ جي پرڀات بہ تون، ٿي مورَ سوين ڀِرپائين ٿي.

## گيڙوويس غزل

ٿُون مندر جو در کولين ٿي، پر دير ڏسي جا ٻولين ٿِي،
ٿي گهنڊ هزارين ٻولين ٿي، تون سڀ جي ننڊ ڦِٽائين ٿي.

سُنسان ڊگر، ويران نگر، ڪنهن وقت هُيو آباد مگر،
ٿي مُنهنجا پيرَ ڇڪين اُن ڏي، ۽ منهنجو پنڌ پُڄائين ٿي.

هر وقت هوا جون هِيرون ٿي، اڌ رات سُڳندن ـ سيرون ٿي،
رابيل ڦُٽائين ٿِي ڪيڏا، ۽ هارَ هزارين پائين ٿي.

مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان، ڇا آءٌ سندءِ پاڇو آهيان؟
هي جيونَ ٿِي پٽڪائين ٿي، پو مون مان جندُ ڇڏائين ٿي.

هي گيتَ غزل گهاڙيتي ۾، جڙ تولءِ ڳهڻا ناهن ٿا،
سينگار ڪري سانباهن ٿا، ٿِي ڪنوار لڱين جي پائين ٿي.

مان تُنهنجوئي پڙلاءُ تہ هان، مان تُنهنجو جُهونو گهاءُ تہ هان،
ٿُون جنهن کي روز اکيڙين ٿي، ۽ ٻيهر خون وهائين ٿي.

هي جيون جڙ تہ ڪرڙ ـ ڦل آ، ۽ باک اُفق تي ڪو گُل آ،
هِئَن روز نئين خوشبو وانگر، ڇو مون مان گيت ڇِڪائين ٿي.

ٿُون سرد ـ سياري باک بہ آن، تون منهنجي لوئيءَ لاکَ بہ آن،
ٿُون ڪائي سُک جي ساک بہ آن، جا ڳائي گيت چوائين ٿي.

**گيڙوويس غزل**

چا هيلَ اها رابيل هُئي جا اڳ بہ سُڳنڌون ڏيندي هئي،
هي جيون جي ڦلواڙيءَ ۾ ٽُون پاڻُ وَري ورجائين ٿي.

هي ڳالهہ ازل جي ڳالهہ آهي، هي جڙ تہ اُها ئي مالهہ آهي،
اي ذات ڀَرين ٿي ڪِنگريون، تون ٻيهر ڪوهُہ هلائين ٿي.

مان ڪير؟ الا مان ڪير آهيان؟ ڪنهنجو تہ ڀلائيءَ ڀيرَ آهيان،
آيو تہ ’اياز‘ اويرو آ، پر پوءِ بہ ساٿ نڀائين ٿي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

نَچي ٿو مورُ چو من ۾، گھٽا گھنگھور آئي آ،
ڳري تون اوڙڪون آئينءَ، وَري مون دِل لڳائي آ.

اچن ٿا دُور تان گھنگھرو، وڄين ٿي وِڄَ وانگر تون،
ڪئي ڪويَل ائين ”ڪُو“ ”ڪُو“، وري ڪا ياد لائي آ!

سِرنهن جي ڇانوَ ۾ توسان، ملاقاتيون ڪيون جي مان،
اِهي عزلت نشيني ٿي ويون، جڳ ڪان جُدائي آ!

خبر ناهي تہ تون ڇاهين؟ بہ ٿي پَرڇائيون آهين!
اَنڌاري رات آهي ۽ اڪيلائي، اڳهائي آ!

وريءَ سُوريءَ سَڏيو آهي، لُڏيو ڪوئي لَڏو آهي،
اهو ڪنهنجو ڦَڏو آهي؟ ڳھُري ڪنهن هيءَ خُدائي آ!

**گيڙوويس غزل**

هَرڻ آيو ترائيءَ تي، لَهي تو سج لَيارن ۾،
نہ ڏرتيءَ تي خدا، تصوير ٻي اهڙي ٻڻائي آ!

اُتو اي ميڪدي وارؤ! رکو هي جامَ مون پارؤ!
ڏِسو هُو سِجُ سامهون، ميڪدي تي اُسَ آئي آ!

وَٽي تي واٽ هِيءَ ساري، مٿان جيڪي بہ آ پياري!
وجي تو ڏانهن تي اِن ۾، ڀلا ڪهڙي بُرائي آ؟

اِها صُورت ڏِٺي آهي، اڳي وانگر مِٺي آهي،
ڪٿي آخر؟ ڪٿي آخر؟ اِها ڳولها اجائي آ.

پيو آ سمنڊ هي سارو، جڏهن آيو سنڌءِ وارو،
ٽُٻي موتِي ڪٽي آئي، وَنين واري سَجائي آ.

اُفق تي تون شفق آهين، لَهي تو سِجُ ساحل تي،
اجا ڪجهہ تَرسڻو آهي، اجا ڪشتي نہ آئي آ.

اها ڪا شاعري آهي: ”اتو ناهي“، ”لتو ناهي“.
’اياز‘! اِن ڳالهہ ۾ آخر، ڀلا ڪهڙي ڀلائي آ.

♣

اجا تہ ڪجھہ ڏينهن پيا بہ آهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.
اجا تہ جذبا ڪُتا بہ ناهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

اجا تہ توکي ڏسي وري، آرزو ٿئي ٿي وڏيڪ جيئان،
اجا پيا چَپ پيارَ چاهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

چَڪُو جئين تارئين تِرَن ٿا، تئين پرينءَ ۾ اُپار آهي،
اجا تہ پيارا پيا نباهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

چَٽُون پيا آمَر ڏي اُڏامن، بهار پورو ڏِٺو نہ لامُن،
اجا تہ رَسَ رُوپَ ڏينهن آهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

’اياز‘ ڪئن موت گيت هَهڙا، ڪسي ڪڏهن چئن ساڻ وِهندو!
صديون مِلي پيئيون گيت ٺاهن، اجا نہ ويندس، اجا نہ ويندس.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٻُڏا نہ آهن اجا ستارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!
اجا وَئي ناهہ ويلَ پيارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا نہ رابيل ماڪ ۾ تي پڄي، نہ پوپا اجا تہ گجرا،
اجا نہ ٿيا باک جا نِهارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ ٿُون هِير ۾ تَرين ٿو اجا تہ ٿُون سارَ ۾ ٻَرين ٿو
اجا تہ ڏيئا ٻَرن ڏڪارا، ڪڏهن تہ ايندي، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ مرندس نہ ايستائين، ڏسان، ڪڏهن نينهن ٿو نڀائين!
ڪيا ڪِئي وار موت وارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

اجا تہ سُورج ٻُڏو نہ آهي، شفق لهي ٿي، نديءَ ٻُڏي ٿي،
سواءِ تُنهنجي مگر نظارا؟ ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

’اياز‘ تون خواب، هُو حقيقت، ٿِئي ملاقات ڪئن اوهانجي؟
چيو اُٿي مانس: پَر خدارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

موٽان ٻه يا نه موٽان، آ دُور دُور گهٽو،
تون ئي سراءِ ۾ رَهُه، مون کي نه آهه رهڻو!

اي دوست! تنهنجو منهنجو سارو حساب چُڪتو،
هِن نِنڊَ منجهه ڪنهن جو ڪنهن ڏي نه آهه لهڻو.

ڪيڏو سويرَ آندي، مون لاءِ تو سُواري!
پر قافلو وڃي ٿو، مون کي ٻه آ اُسهڻو.

جيڪي گهڙيون گُذاريئه، مون سان چڱيون گذاريئه،
ٿو اڄ ٻه جيءُ جرڪي، هئي ڳالهه ڳهڻو!

آغوشَ اڄ ڪٿي سي، ڳلهه جن ۾ ننڊ آئي؟
هاڻي ته راتڙيءَ جو ڪنهن هنڌ آهه ڊهڻو!

راهِي 'اياز' ڪيئي، ويندا لَهو لُهان ٿِي،
بس، پنڌُ ياد رکجو تِن جو اُداس پَهڻو!

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تاڪُئين آھہ دل ڪيستائين ھلي؟
جِندڙي! جيستائين نڀائين، ھلي.

ھي جُدائي تہ آھي اَٽل، ڇا ڪجي!
سوچيو ساٿُ توسان سدائين ھلي.

ٿي ڳھُلي اي پرين، اَڄ سَرءُ جي ھوا،
ڪئن ڇوان ڪيتري دير تائين ھلي.

ھونءَ پوري ڪَئي مون حياتي ھتي،
ھا، اجا دوستي جي وڏائين، ھلي.

اَنب تي ڪويليون ٿيون پُڪارن ’اياز‘،
ٿي وڃيئي ھِتان رُت، پائين ھلي!

## گيڙو ويس غزل

♣

مِينهن جي ڏينهن چو تون رُلين تي پَئي!
واءَ وانگر گهتيءَ ۾ گهُلين تِي پَئي!

سَمندَ وانگر تَري ۾ رکي ٻَالهيون،
ٻاهران هِيئن چا لئہ چُلين تِي پئي.

واءَ ۾ ڪيترا گُل اُڏامي ويا،
جيئن رابيل جو گُل کُلين تي پئي.

پيار تنهنجو ڏنو هونءَ ڪنهن نانهہ پر،
واءَ ۾ ٻَالهہ وانگر هُلين تي پئي.

ڪالهہ وارو اِهو آهہ ساڳو ’اياز‘،
تو سڃاتو نہ پر، تون پُلين تي پئي!

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

عمر بس تنهنجي وڇوٽي ايتري!
زندگاني آهہ ڪوٽِي ايتري!

پياس اڄ موکي ٻُجهي ئي ڪِين ٿي،
مَٿ ڪيڏا، پو بہ لوٽِي ايتري!

ٿي چوي پل موتُ منهنجي گهر اچي،
زندگي چو آهہ توٽِي ايتري!

ڪيترا چمڪاٽ وِڄَ جا ٿي ٿيا،
ڪيئن نِڪتي رات ڇوٽي ايتري!

ناوَ سان گڏجي وري موٽي 'اياز'،
ڪانگٹي ڪالي ڪلوٽي ايتري!

---

• ڪالي ڪلوٽي: ڏاڍي ڪاري (اردو جو مُحاورو)

**گيڙو ويس غزل**

♣

ٿي ڀَريو جامُ، مُند پاري جي،
اِئن ڳَٽي راتڙي سياري جي.

آءُ، چوليون اُڌارَ جن اُپ ڏي،
تو ڪئي ڳالھ ٿَي ڪناري جي.

مون ڇِڪي ڪالھ رات ٻُوڪي ۾،
ڪوھَہ مان روشني ستاري جي.

جئن ڪئي چنڊ_ رات تو چارڻ!
ڳالھڙي ٻي ڪئي نہ پياري جي.

ٿِي ويا ڪيترا نہ وسڪارا،
پَتِ توئي رکي اُجاري جي.

سِڙھہ سنباھيا ’اياز‘ تو ڇا لئہ؟
مون ڪئي ڳالھ جيئن ڪاري جي.

---

• ڪارو: سمنڊ

**گيڙو ويس غزل**

♣

جهولَ مُنهنجي اجا ٻَرين پيئي،
ڪيترا ڦول روز ڏئين پيئي.

جا گهڙي آهہ جڻ مِني ٿَڙ آ،
ڇا سبب، زهر مار ٿئين پيئي؟

هيءُ آڪاس وَڻ جيان آهي،
جڻ ستارا سوين ڇِنين پيئي!

تون سرشتي ڪروڙَ نيڻ آهين،
آءٌ ڀانيان تہ سَڀُ ڏسين پيئي!

تون ڪسيءَ جئن ڪٿي نہ ٿِي آهين،
ڏات! درياهہ جئن وڃين پيئي.

نہ ڏياتي، نہ در ڪُليل اڳ جان،
اڄ ’اياز‘ آ ڪٿي؟ ڏِسين پيئي؟

**گيڙو ويس غزل**

♣

تُنهنجا ڳلَ گُلابن جيئن،
مُنهنجا هٿ شرابن جيئن.

تُنهنجا چَپَ چَپن وانگر،
پوءِ بہ آهن خوابن جيئن.

توکي ڳوليندي گُذري،
ساري عمر سرابن جيئن.

سانجهيءَ وقت ڪنول ـ ڪوٺيون،
اکڙيون هيٺ حِجابن جيئن.

تُنهنجيءَ ياد تہ چيڙيو آ،
مُنهنجو روح رَبابن جيئن!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙ تہ عبادت لاءِ هُيو
هُو مُنهنڙو محرابن جيئن!

اونداهيءَ ۾ آئي آنهہ،
مون وٽ تون مَهتابن جيئن.

پيِري اڳيان اڄ تہ 'اياز'،
آئي آهہ حسابن جيئن!

♣

چَپَ چُمين کي ٻولن ٽا،
وِڇڙي ڪِن کي ٻولِن ٽا؟

تارا اُڀري آڏيءَ جو،
گھڙن ٻِن کي ٻولن ٽا؟

موتيا ڏئي مَهڪارون ڪِٽ،
اڄ ٻہ ٽِن کي ٻولن ٽا.

بَند ويا ٿي مَئخانا،
رِندَ ڳڙين کي ٻولن ٽا.

وِهڻ نہ وِهاٽيو هر ڪنهن کي،
ڪي تہ وَٽين کي ٻولن ٽا.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان ڪِلنديءَ جو گذري،
اَهڙي ڪِن ڪي ڳولن ٿا.

ڪالهہ جيان وانجهارڻَ وجهي،
ڪير مڇين کي ڳولن ٿا.

ڇا تو ڳاتو گيت ’اياز‘!
لُڙڪ اکين کي ڳولن ٿا.

**گيڙوويس غزل**

♣

مُنهن۔ اَنڌيرو ويو باک آئي پرين!
ساريان ٿو سندءِ سانورائي پرين!

تون انوکيون نِهارون ڪٽي ٿي اچين،
تون ڪٿي آنهہ مون لئہ پَرائي پرين!

ڪالهہ مون راهہ تُنهنجي تَڪي ڪيترو،
جا سُڳنڌ آهہ تو ۾، نہ آئي پرين!

مون ڏٺو چندَ جي پيچري ڪان پَري،
ايتري ڇو ڪئي تو جُدائي پرين!

رات زنجير توتي وفا جا هئا،
ظاهري سڀ هئي بي وفائي پرين!

ڪئن وِساريان اِهي چار همدرديون،
زندگي هونءَ آهي اَجائي پرين!

تو سَنو ڪيترو آهہ جاڻي 'اياز'!
دل ڏني پاڻَ، ناهي ڦرائي پرين!

**گيڙو ويس غزل**

♣

ايترو ڪالهہ موهي ويا رَت۔ جَڳا؟
مون ٻُڌا چو نہ، ٿي ڳِھندَ ڪيئي وڳا!

ايترو تيز تنهن جاءِ تي ٿو وڃين،
ساٿُ ڪنهن جو ڏِين جِت نہ پائر سڳا!

سمنڊ تي ڪيتري ريشمي شام آ،
ڪير ٻيڙائتو ويس ڪنهن جا وڳا؟

موتَ کي ماتِ چا ڪنهن ڏني آ ’ايازا!‘؟
جي بہ سامهون ٿيا، سي بہ آخر ڀَڳا.

**گيڙو ويس غزل**

♣

سوچجي چا پيو بزمِ افلاڪَ ۾؟
رات يا ڏينهن جو ڪو نہ آ تاڪَ ۾!

موت مُرڪي پيو ڪَرَ اُتاهان ڏِسي،
سانت سِرجي پئي هر وڏي واڪَ ۾.

ڪيترا ٿهڪ ها، جي گُلن ۾ ٽِڙيا،
ڪيترا لُڙڪ ها جي لِڪا ماڪَ ۾!

ڇو نہ ٿا سا ڏسن ڏِڱ ڪنهن ڏيان سان،
جا اڏامي پئي ڏوڙِ هر ڏاڪَ ۾؟

نيٺ پِيري جهُڪي ٿي عجب سان ڏسي،
بَرڪشي جا هُئي عمرِ بي باڪَ ۾.

ڏيڏيا نيٺ ڏيجي وڃن ٿا ’اياز‘!
آدمي خاڪ آ، ٿو مِلي خاڪَ ۾.

---

• برڪشي: سامهون ٿيڻ

گيڙو ويس غزل

♣

نہ جنھن جو مُنڍ آ ڪوئي، نہ جنھن جي ڪا پُڄاڻي آ،
حياتي آدمي ٽُنھنجي، ڪھاڻيءَ تي ڪھاڻي آ.

ڇَوي ٿو چنڊ ھو مُنھنجا، مُھاندا سڀ ويا ڪاڏي،
رِلي اڌ رات جِي جنھن، وقت قبرستان تاڻي آ.

سَڏي ديوار و در توکي، ڪٿي آھين؟ ڪٿي آھين؟
اَزل جيڏي اڪيلائي، نہ ساٿي آ، نہ ساٽي آ.

ڏسين اوسيرڙو تي تون، ڪٿي توکي ڏٺو آھي؟
نِگھہ ڪنھن تاڪَ وانگر آ، دري ڏاڍي پُراڻي آ.

لڳو آھي مياڻي ھِينءَ، ميڙاڪو عجب آھي!
مَڇيءَ جون جڙ اڪيون ھُن تي ڪُپيون، اھڙي مھاڻي آ.

**گيڙو ويس غزل**

گِرڻ جئن نيڻ آهي هي، ڳرڙوڊ کي وئي سَمجهي،
ڏِسڻ ۾ نينگري آهي، مگر ڏاڍي سياڻي آ.

پکي تو پريت ٿي وئي آ، انهيءَ بنجر ٽِڪاڻي سان،
اجا اُڏرين نہ ٿو ڇا لئہ؟ رهيو داڻو نہ پاڻي آ.

نہ ڪر ڳڻتي ’اياز‘ اُن جي، اجهو هي باک اُڀري آ،
ڪٿي هو رات ڪاري آ؟ وِهاڻي آ، وهاڻي آ.

♣

سَرءُ اچي وئي بهار ڪان گُل، وڏيڪ تو ۾ ڪِڙي پيا ڪئن؟
هوا تہ ڏاڍي تتي لڳي ٿي، پوئنر هزارين مِڙي پيا ڪئن؟

نہ مُند آ پيار جي مگر چو، پَکي اچن ٿا اِئين اُڏامي،
چوان پيو ڪنپ مورٽين جا، جِتي ڪٿي ائن ٽڙي پيا ڪئن؟

چُٽي پئي تير اج جواني، نہ عمر جي آهہ ڪا نشاني،
پَکي گهِڙي پيجري اچن ٿا، خبر نہ آ اِئن چڙي پيا ڪئن؟

لهي پيو سِجُ، نَدي نہ معلوم، ڪنهن طرف ٿي وڃي اُبهري،
’اياز‘ سورج مُکي ڏسان ٿو، تہ شام جواِئن ڪِڙي پيا ڪئن؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

مان ڳالهہ تہ سادي سُودي هان، اڄ مون کي ڇو پَر پاتا ٽِي؟
جي گيت ٻُرن ٽا تارن ۾، ٽي گوَيليون اڄ ڳاتا ٽِي.

ڪوڪيئن وجي، ڪوڪيئن وجي، ڪوٺَڪُ پيجي ڪوايئن وجي،
آ منزل هر ڪنهن لئہ آتي، ڇا پنهنجا گهٽَ سُجاتا ٽِي.

آڪاس گهٽائون ٽي ويو آ، تون ڏُور ڏِسين ٽو ڇؤنري ڏي،
ڇا لاءِ تَڪين ٽو گؤنري ڏي، جي پيرَ پرينءَ لئہ آتا ٽِي.

پريات اجا تہ نہ ٽي آهي، ءِ هَٽُ ڪلال نہ ٻُوٽيو آ،
گهر ڏانهن گهِٽي آهي تہ سڏي، ڪهڙي ڳٽتي مڏماتا ٽِي؟

ڪيڏيون نہ ڇُميون سپ اوڏر تي! هي ناريون ساريون تو دَر تي!
ها آءُ وهيءَ جي ڪولِ وَهي، هي تنهنجا سارا ڪاتا ٽِي.

ٽو لاءِ تڪيندي نيٺ ڏِڪيا، مون نيڻ تہ تون آئي آهين،
در ڪڙڪائي ٽي مِهٽو ڏين: ”مون ساڻ رکيا ائن ناتا ٽِي!“

ٽو آءُ ’اياز‘ مجان هر پَل، آ ٽو وٽ ڪوئي گيت پُليل،
آ جيڪي ٽو ۾ هاٽي ڇُل، ڇوڏار گوي سپ باتا ٽِي.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

هر هنڌ پئي نانهہ نِئي، جا تو وٽ آ برساتِ پئي،
ٿا دُور ستارا ٽِمِ ٽِمِ ڪن، پر آهي ڪيڏي راتِ پئي!

ٿُون پنهنجو هٿ ڦهلائين ٿو، يا ٻُڪَ ڪِڏي تون ڳائين ٿو،
ڪِٿ ڌاتِ سندءِ ٿِي مات ٿِئي، تو تاڙَي ٿي مرجات پئي!

تون وَر وَر جهول ورهائين ٿو ۽ وَر وَر جاڳي ڳائين ٿو،
۽ سوچين ٿو ڪنهن وقت ڪُٿي، آ تو وٽ ڪيڏي ڏات پئي!

تنهن وقت ’اياز‘ ڇُليو ڇولين، ٿي دنبورو درياهہ جيان،
جنهن وقت اُٿيا جهر جهنگَ هتي، جنهن وقت لَوَن ۾ لات پئي.

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ناس ٿيون ٿا پَيا يا بچون ٿا پيا؟
آسمانو! اوهان ڏي اچون ٿا پيا.

باکَ جي سِجَ جي ڇير پائي ڪري،
نينهن وارؤ! اوهان سان نچون ٿا پيا.

جيئن آهن شفق ۾ پَکي پارَ جا،
رنگَ ۾ تيئن ٽُنهنجي رَچون ٿا پيا.

موت جو آ مُگرمانُ جاري ’اياز‘،
مست ٿي ڪيترو ئي مَچون ٿا پيا!

**گيڙو ويس غزل**

♣

پنهنجي عمر اَجائي وئي،
مِينهُن ڦُڙيون تي آئي، وئي.

چانوَ ڇَپر جي کهڙي ڙي!
ڏرتي آهِه پرائي، وَئي.

نِم جا پَن ڳَڪا تي ويا،
چار گهڙيون هُئي سائِي، وئي.

چندُ مٽاهون مڪليءَ تي،
ساري راتِ سجائي وئي.

مون تہ چيو هو: ڪَڏَ اَتوَا!
ها، پر وِڪَ وڏائي وئي.

ساري ساري رات ’اياز‘،
سوچي اک نہ لائِي وئي.

## گيڙوويس غزل

♣

ڏينهن ڪُجهہ زندگيءَ جي اُتل ٿِي لڳي،
هونءَ پنهنجي حياتي ڪُتل ٿِي لڳي.

جهولَ پنهنجي گُلن سان ڀري آهہ مون،
پو بہ ڪائي تہ خوشبو ڪُتل ٿي لڳي.

ڪيئن ڇئجي تہ ڪوئي نشانو ڇُٽي،
زندگي تيرَ وانگر ڇُٽل ٿي لڳي،

زندگاني رڳو هڪ حقيقت هئي،
جي ڇِتائي ڏسون موت۔ پل ٿي لڳي.

هيئن سيلابَ جئن شاعري اڳ ڪِتي!
ذات جي هيلَ ڪائي اُتل ٿي لڳي.

اي ’اياز‘! اڄ تہ طُوفان ۾ دوستي،
نِمُ جي ڏار وانگر ٽُٽل ٿي لڳي.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪڏهن پيار برسات وانگر اچي ٿو،
وسي رات پريات وانگر اچي ٿو.

گهٽائون گهٽائون مُحبت اچي ٿي،
پريو مِينهن بارات وانگر اچي ٿو.

ڪڏهن رات ٿي رُوپ وانگر اچي ٿو،
ڪڏهن ڏينهن جو ڏات وانگر اچي ٿو.

ڪِڙي جيئن سُورج مُکي اِئن ڪِڙي ٿو،
جڏهن شام ٿي مات وانگر اچي ٿو.

ڪڏهن هُو ڪُليءَ دل ڏئي ٿو صدائون،
ڪڏهن هو حجابات وانگر اچي ٿو.

نہ اوڙي نہ پاڙي ٻُڌو نانهہ ڪنهن ڪان،
تہ هُو ذات يا پات وانگر اچي ٿو.

’اياز‘ آهہ ڪوشش ڪئي ڪانہ اُن لا،
اچي ٿو مدارات وانگر اچي ٿو.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

نئين مَت آهي، نئين ڳالهہ آهي،
مگر پو بہ ڪيڏي سَنئين ڳالهہ آهي.

اِئين ڪيتري وقت کان هي ٻُڌون ٿا،
ڇُميءَ سان اگر تون چئين، ڳالهہ آهي.

اِها سانجهہ کان ٿي هَلي باک تائين،
نہ تون چَندَ وچ ۾ پَئين، ڳالهہ آهي.

اسان اَڄ ۾ ڪالهہ اُن کي ڇڏيوسي،
'اياز' اڄ وري تو ڪنئين، ڳالهہ آهي.

**گيڙوويس غزل**

♣

انب جا ڪوڪِلا ڪنهن پَچايا پَئي،
ڏور ڪي ڏينهڙا ياد آيا پَئي.

لوڙهہ سوڊو ڪنول ڪلهہ ڪيڀائون پَئي،
ٻار ڪونتل مٿان لُڙ مَچايا پَئي.

مارِ اُن ڪي نہ 'ڪُون ڪُون' ڪئي جو ڪُٽي،
چوڪرا! چنڊ ڪي خار آيا پَئي.

ڪُونج ڪُونجار ڪئي، مُنهن_ انڌيرو هُيو،
نارَ اڄ ساجهري ڪنهن وهايا پَئي.

---

- ڪونتل: ٻيڙيءَ جو اصل نالو. (اصل ۾ هو لفظ سنسڪرت جو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪُويل آهي. سنڌيءَ ۾ ان ڇوڪريءَ کي بہ چئبو آهي، جا ڪويل جيان ڇهڪندي آهي.)
- ڪُونجار: ڪونج جو آواز.

ڪو ڪِڙاندُوا ڪٿي راتڙي ڪاٿِيوَ
ڪِرڙ ڳنڊيون تہ سڀ جهُڙ جُهمايا پئي.

ماڪَ آ باک جو چا رُني رات پَر؟
گل مٿان لُڙڪ ڪنهن جڙ وهايا پئي.

اي ’اياز‘! آسرو آهہ ڪاري ڳهَٽا،
ڏرتتيءَ پيرَ ڏاڍا جَلايا پئي.

---

• ڪُو ڪِڙاند: موسمي پکي (جمع ۾ استعمال ٿيل)

♣

تو چيو زندگاني حقيقت هُئي،
ڪيتري زور سان موت جي لَت هُئي!

تُون نہ آئينءَ تہ جڙ سِڄُ نيزي لٿو،
تو بنا موت سچ پچ قيامت هئي!

سِر ڏنوسي ڪِلي، ڪونہ پر هوءَ ملي،
ڇا ڪجي دوست جو ڳالھ تي ڳت هئي!

اوءِ پَرمَتڙيا ڪونہ سمجهي سگهئين،
هيءَ ڪوتا نہ هُئي، ڪا نئين مَتِ هئي!

اي ’اياز‘! هوءَ اڄ من لُپائي وئي،
مُنهن هُيس چنڊ جئن، ٿورڙي ڇت هئي.

**گيڙوويس غزل**

♣

ناوَ تُنهنجي ڪَڙي آ، ڏسون ٿا پيا،
موڪلائڻ تہ ڏي، بَس هلون ٿا پيا!

ڪيترو ٿاربا موت سان واعدا،
ويڄ! جيڪي بہ چؤ اڄ وڃون ٿا پيا.

ڪيتري دلربا، چَنڊَ جي رات آ،
دل مڇي ڪانہ ٿي، پر لَڏيون ٿا پيا.

دل تہ آهي اڃا پيا بہ ڪجھہ گُل ڇِنون،
پل تہ خوشبو ڏِين، ائن ڏسون ٿا پيا.

پل تہ لاٿيون لَنوو اي پکي پيار جون،
جڙ تہ پوبون دفعو سي ٻُڏون ٿا پيا.

اي ’اياز‘ اڄ تہ ڏرتي ڇڏي ڪانہ ٿي،
پيارَ جي ڳالھہ وچ ۾ ڇڏيون ٿا پيا.

**گيڙوويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

سمنڊ تي سِجُ پيرين پئي موڪلايو،
هو نہ آيو نہ آيو نہ آيو نہ آيو.

زندگيءَ جو سفر ڪيترو مختصر آ!
الوداعون ڪري ٿي گپرَ ٽِمٽمايو.

ڳل تنهنجا پرين سَل ڄڻ هانوَ ۾ ها،
تو جڏهن پار ٻيهي پئي موڪلايو!

وڄ! هي ڇيڇ ڇا جي هٽو ٿا، وڄون ٿا،
ڪيستائين پيا ٿا مُدي ڪي وَڏايو؟

ڪير ڄاڻي ’اياز‘ ايءُ توکان زياده،
گُل تہ مُرجهائبا جي سرءُ واءُ آيو!

**گيڙو ويس غزل**

♣

رات ڳچيءَ ۾ ٻَرندڙ ٻانهون ياد پيون،
جي نہ چَپن تي آيون، آهُون ياد پيون.

وَهہ تي ٻيڙا، هُو روئيندڙ نارين جا،
سنڌو توتي ساريون ڪاهُون ياد پيون.

آئينو هُئي يا پنهنجي تاريخ هُئي،
ديسَ! سَموريون تُنهنجون دانهُون ياد پيون!

جن تي سِر جي سَٿَ ڏئي سرويچَ وَڃن،
سوچي سوچي ڪيڏيون راهون ياد پيون!

تون ئي انهن جي پيڇٽي آهين اي مارو!
مونکي تولئہ جيڪي ڳاهُون ياد پيون.

چاندوڪيءَ ۾ پَٽ تي ويهي رات ’اياز‘،
چِٽُ چَرئي کي پُوريون چاهون ياد پيون!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ٿي ڪٽي ڪوھہَ تان اڄ بہ ساڱو گھَڙو،
آ شفق وانگيان مارئيءَ جو پَڙو.

جَڪ ماري پيا پَنڌُ پورو ڪيو
سج لھندو وجي، ھاڻ پُنتي لَڙو.

چو نہ آئينءَ اڇا ڪوھَہ تي تون ڪڏھن!
چَنڊُ ڪنڊيءَ مٿان اڄ بہ آھي ڪَڙو.

يار جي پار تان سَڏ پيا ٿا پَون،
رات برساتِ جي، ٻيو وسي ٿو ٻَڙو.

ٿِھڪَ ٻينا ڏين ڇِھڪ تاريخ کي،
ڪوٺ ڪوٺان ڪيو ڪُجھہ نہ ڏيندو دڙو!

اي 'اياز'! آھہ توکي شڪايت اِھا،
موت دَر تي ڪڙو آھہ ھُو بي وَڙو.

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڳاٽن جي ڳهراٽن جئن،
موت اچي ٿو ماٽن جئن.

جڻ آڳانجهي آهين تون،
سانجهيءَ جي سُرہاٽن جئن.

ٽُنهنجو آکيرو نہ مِلي،
من جي جهنگن گهاٽن جئن.

اوجهڙ جي اونداهيءَ ۾،
پيار اچي ٿو لاٽن جئن.

شاعر! ٻُڪَ پليري آ،
بيکَ نہ مڱ تون پاٽن جئن.

**گيڙوويس غزل**

سارو ڳوٺ پيو جاڳي،
آڏيءَ جي رانياڻن جئن.

راجستاني ڇڻ تہ لڳا،
مون کي سنڌُ سماڻَن جئن!

ٻيو ڪو اُپريو آهي ڇا،
هاڻ هٿوڙن ڏاڻَن جئن؟

اڄُ بہ تارا ٽِمڪن ٿا،
انڌو ٿيءُ نہ ٻاڻن جئن.

ٻَڪَ نہ آيا پارُ ڀُلي،
ڇڻ ڪلهہ جي ڪُوڪاڻن جئن.

سنڌُ اجا تائين بہ ’اياز‘،
ڇَڪيءَ جي ٻِن پاڻَن جئن.

## گيڙهون غزل

♣

چا لاءِ مَرن ۽ مارن ٿا، هي جڳ جا جهيڙا ڇا معنيٰ؟
ڪنهن ساڻُ وڙهين ٿو سپني ۾، هي گوڙ بکيڙا ڇا معنيٰ؟

هي ساٿي ڪهڙا ساٿي ها؟ آ هر ڪنهن پنهنجي راهہ وَتي،
هو هَر ڪنهن کي هيڪل ويٺو هِي سارا ميڙا ڇا معنيٰ؟

هي چوڳو آهي چار گهڙيون، پو پَنکَ پکيڙي اُڏرين ٿو،
ويا هر ڪنهن جا ڪيڏانهن وَلر؟ هي واءُ وِکيڙا ڇا معنيٰ؟

آ ڪيڏو سمنڊ اَجهاڳُ پرين، هت ناهي ڪنهن جو ماڳُ پرين!
ڪوئي بہ ڪنارو ڪونہ آهي، هي تُنهنجا ٻيڙا ڇا معنيٰ؟

تو مَڌُ پيتو هن وَستيءَ ۾، ۽ واڳ وٺين ٿو مستيءَ ۾،
پَر تنهنجو ماڳُ ’اياز‘ ڪٿي؟ هي سارا ليڙا ڇا معنيٰ؟

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

چا لاءِ بُلندين تي پهچي، تون هر هر هيٺ نِهارين ٿو؟
هو ماڻهو ڪِيڙا ماڪوڙا، چا لاءِ انهن کي سارين ٿو؟

هي ساري مايا سَپنو هئي، جڻ وَهندي جَر تي ڦوٽو هئي،
جا گذري وَئي سا گُذري وئي، ٿُون لُڙڪ اَجايو هارين ٿو!

بي انت ستارا پرڪرتي، تون ڪاءُ وَري تن ڏي ڦِرتي،
اڪ ٻُوٽ نہ ٻُوٽا ڪاڏي ويا، چو ڳڻ ڳڻ ريت سنيارين ٿو؟

ڏس هاڻ مِٽيءَ سان مِٽي ٿي، هي تنهنجو گهر هي گهِٽي ٿي،
هي ساپيا ڪُوڙي ساپيا آ، جا سپني سنگ اُپارين ٿو.

جا ويڄٽي آ سا ويڄٽي آ، سا ڪنهن جي مُور نہ ميڄٽي آ،
تنهن لاءِ ’اياز‘! ڏسي پنتي، تون چا لئہ ڳوڙهان ڳارين ٿو.

♣

ڪيڏا ڇارَ وِڏا آهن تو
جن ۾ يار وِڏا آهن تو.

ٽُڙڳائي تانگهي ۾ تن کي،
ڪارونڀارَ وڏا آهن تو.

آءُ بہ تن ۾ هڪ آهيان ڇا؟
ڪيڏا هارَ وڏا آهن تو!

سپني ۾ قاسائي سَيئي،
اي سنسارَ وڏا آهن تو!

گهايل من کي هئن تِڙڪائي،
ڏُک جا ڏارَ وڏا آهن تو.

جيون- رَتُ ڪيڏانهن وڃي ٿو؟
سَوَ سينگارَ وڏا آهن تو.

اونهي آهي ڪَڏ 'اياز'،
سڀ تڪرارَ وڏا آهن تو.

**گيڙووِيس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

عشق جي موت تي اوڇنگارون ڏَئي،
روءُ تون، پَل ڏسي لوڪُ اي بي چئي!

پاڻ پنهنجو وڃايءِ چَنيسر ڏئي،
هارُ ڪا چيز هو؟ حيفُ توتي هَئي!

عشق تارا نيارا ڏئي ٿو ڇڏي،
گهُور ۾ ٿو چئي ٻالهہ جا اَڻ چَئي!

قافلا ٿا وڃن دُور، تون ننڊ ۾،
ٿا ستارا ڇُپن رات ايڏي رَئي!

ٿُون معافي طلب، آءٌ آهيان نہ رب،
ياد رهندي سدا آهہ جا تو ڪَئي!

**گيڙوويس غزل**

هيل آڪاس کي ٿو سمندر ڇُهي،
هونءَ ٿوريون سٿون، وير آئي وئي!

بيهہ اي چنڊ! توکي وري مان چُمان،
نينهُن آهي نئون، رات آهي نَئي.

مُنڊَ ڪائي ڄڀيءَ جيئن ڄَرڪي ’اياز‘،
باهڙي ٿي ٻَري، رات ٻَر ۾ پَئي.

گيڙوويس غزل

♣

اڪيلو ڇڏي ڏينم، مَن ٿو چوي،
پَري گهر اَڏي ڏينم، مَن ٿو چوي.

زمانا! لڳي دل نہ ٿي هِتِ اِئين،
پرين تون گڏي ڏينم، مَن ٿو چوي.

رُليو آهِيان ڪيترو آءٌ، اڄُ،
لڏائي تڏي ڏينم، مَن ٿو چوي.

نہ آ دُور ڪا شيءِ، اُنهيءَ ڪان ’اياز‘،
متان هو سَڏي ڏينم، مَن ٿو چوي.

**گيڙوويس غزل**

♣

ڪيترو ڪالهہ آءٌ پڇتايو!
هيئن ڇا لاءِ مُون هرڻ گهايو؟

ڳَڊ جي گهاوَ جيئن وقت آهي،
هي ٿَتو روھُہ، سِجَ جو سايو!

چنڊُ سوچي پَيو تہ گهوڙي جي،
ڪنهن پُٺيءَ تان سوار ڪيرايو!

هي ڪنڌيءَ تي قطار هيڙهن جي،
بازُ آيو، اِجهو مٿان آيو!

ڪئن نہ واري وَٽيءَ وچون ٿا پيا،
ڪئن نہ سپ ڪي زمين ڳڙڪايو!

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتُ تنهنجي اُداس واديءَ تي،
آهہ ڪاري ڪکر جيان ڇانيو!

سانت ۾ پانت پانت گيتَ آهن،
گوڙ جو گيت تو رڳو ڳايو!

جندڙي، جيت هار، سپ سپنو،
ڇا سجايو بہ آهہ ڪو لايو؟

هيءَ اوطاق ڪانہ آ مُنهنجي،
جيتري وقت لاءِ تَرسايو.

بي گهڙي اوچتي چُمي تُنهنجي،
زندگيءَ جو عجيب سرمايو.

زندگيءَ ۾ ’اياز‘ هِن پيري،
چنڊُ ڪيڏو نہ ويجهڙو آيو!

♣

ڪيتري پيهَ ۾ تَڳين پيئي،
گُلِ لالا جيان لڳين پيئي.

عُمر اڳ جيئن روان دوان آهين،
هِيِ ڪنارا رُڳو تڳين پيئي!

ڇا نہ اُلجهاءُ آهہ مايا ۾،
ڇِيڙهہ جئن آهہ اڄ ڇُڳين پيئي؟

هاڻ هَل! ڇو پهاڙَ تي پڳلي،
پيرَ ڪوڙي وَري ڦِٻين پيئي!

ٿي ڪويتا اڄي ’اياز‘ اڄڪلهہ،
جڻ تہ اَمرت جيان رَڳين پيئي.

گيڙوويس غزل

♣

ماڪَ ۾ ٿُون گُلاب جي گُل جان،
آنهہ جڙ ڪنهن ثواب جي پُل جان!

نِندب ڏاڍي اَچي وَئي آهي،
ڪويليون دورِ ٿي ويون هُل جان!

چَندب تائين پُڳي بہ يا نہ پُڳي،
شاعري ڪالهہ سمنڊ جي ڇُل جان؟

هيءَ ڇُمي ڪيتري وَٽي پيئي،
اي پرين، پيار جي ڳري مُل جان!

گُل مَهر سپ ويا ٽِڙي پڪڙي،
آ هوا سرد، جيءَ جي جُل جان!

ڏات جي ڏيهہ ۾ اچا تائين،
ناهہ ڪوئي ’اياز‘ جي ڪُل جان!

---

• جُل: هنديءَ ۾ فريب کي چئبو آهي.

♣

پيارَ تي ايترو لَهي پيو آ!
شام تِي، ڪاڪ ڏي ڳهي پيو آ!

ڪالهہ جَهولو لڳو هُيو ڏاڍو
ڏِس تہ آڪيرڙو ڊَهي پيو آ؟

بَندِ تي وئي سَراءِ، وقت ٿيو
هِي مسافر اجا رَهي پيو آ!

هُو سَهو ڪوڙڪيءَ ۾ ڪيڏو
چُپ ڳري سُور کي سَهي پيو آ!

هُو اُڏامي ويو هِتان، سچ پچ!
ڪٿ تي ڪيرُ هيئن، هي پيو آ؟

ويڙهہ ڏاڍي هَلي 'اياز' مگر،
موتَ جي مات تي، ڊهي پيو آ!

**گيڙو ويس غزل**

♣

دردَ جي رات آزمائي ڏِس!
جا ڏِني ڏُک ڏاتِ، ڳائي ڏِس!

وقت وَهندي نَدي، ڪٿي نہ بهي،
سُورَ سَپ سِير ۾ سمائي ڏِس!

اي پرين! آڱريون مِڙي نہ وڃن،
آءُ بربط وَري وَڄائي ڏِس!

سمنڊ اونهو اُداس سانجهي آ،
ناوَ کي هيڪلو هلائي ڏِس!

چو چڙين ٿو گُلاب! ترس اچا،
آهہ ٿوري سُڳنڌ، ڳائي ڏِس!

**گيڙوويس غزل**



هيءُ رستو سڌو سنئون آهي،
نہ سَڄي ڏانهُن ڏِس، نہ ڏائي ڏِس!

پاڻ رابيل ٿا ٽِڙن تولئہ،
تون رُڳو هَٿَ کي وڏائي ڏِسُ!

ڪيترا گُل اجا ’اياز‘ آهن،
ڳنڍُ ڏرتيءَ مٿان نِوائي ڏِسُ!

♣

چا سڄو آب تاب گُذري ويو؟
خواب ۾ ڇڻ تہ خُواب گذري ويو!

عُمر پنهنجو پڙاءُ ڪٿ نہ وڌو،
قافلو هو، شِتاب گُري ويو.

ياد تُنهنجي جڏهن جڏهن آئي،
موتُ، جئڻ ڪو جواب گذري ويو.

هي جواني هُئي؟ خبر ناهي!
لهرَ تي ڪو رباب گذري ويو.

وقت جو وهڪرو اُهو ئي آ،
آدمي؟ ڇڻ حُباب گذري ويو.

سيءَ ۾ اڄ چڙهي ’اياز‘ آخر،
عشق جو آفتاب گذري ويو.

**گيڙوويس غزل**

♣

وري اچون ٿا گناهگارو، اسان مڃي مات ڪانہ آهي،
پئو پئو صبح جا ستارو، وَئي وَئي رات ڪانہ آهي.

اچي ويون اوچتيون گهٽائون، وَري وُٺي جون لڳيون هوائون،
گساب ٿي ويا ڦُڙي نہ پئي آ، گهڙي بہ برسات ڪانہ آهي.

نہ ماهتابي ائين ڪِڙي آ، ڪڏهن بہ ناريل جي ڇَڙين ۾،
اچين پئي ياد ڪيترو تون، مگر ملاقات ڪانہ آهي.

ڏِسين نہ ٿي وقت آهہ قاتل؟ نہ جيءَ جذبا مُدام رهندا!
نہ تون اُها آن، نہ آءٌ آهيان، نہ تانگهہ آهي، نہ تات آهي.

ملين ڪڏهن تون مَسين مَسين ٿِي، خبر نہ آهي ڪِٿي وَسين ٿي!
ڳُلاب جهڙي! ڪڏهن ڏِسين ٿي، تہ ماڪ جئن هي حيات آهي!

ڪڏهن ڪڏهن تُون اچي مِلين ٿي، جڻ نئين زندگي ڏئين ٿي،
حيات آ قيد جي علامت، رُڳو مُحبت نِجات آهي.

جڏهن جڏهن رات شبنمي آ، ’اياز‘ اِن ۾ ڪِٿي ڪمي آ؟!
اِنهيءَ ڪري آهي خوبصورت، نہ ڪابہ اِن کي ثبات آهي.

♣

چو ڪنهن سان اک اڙائين ٿي؟ چو چوري پيار وَڏائين ٿي؟
آزاد هوا جئن آهين تون، چو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پائين ٿي؟

تقدير بہ پنهنجي آهين تون، زنجير نہ وجهہ تدبير مٿان،
چو ڪنهن سان عشق نڀائين ٿي؟ چو پُٺتي موٽَ نہ کائين ٿي؟

ميهارُ جڏهن تو ڪوني ٿو ٿُون آنهہ هوا ۾ جڙ تہ گهڙو
چا ٿُنهنجي لاءِ انوکو آ؟ ٿُون ڪيئي پيارَ ٻُڏائين ٿي!

هي مرد بہ ساڳيا فَرد آهن، هابيلَ جيان قابيلَ جيان،
هي پاڻ مَرن پر پائن ٿا، تون تِن جو خون وَهائين ٿي!

ٿا ماڻهو سي سنسارُ پَسن، هر وقت جِتي ملهارَ وسن،
جنهن وقت هوا ۾ هِيرون ٿِي، ٿُون ڇيلَ ڇبيلي ڳائين ٿي!

چو آزادي قربان ڪرين؟ ڪنهن لاءِ ڳرين ڪنهن لاءِ مرين؟
ڪيڏو نہ ’اياز‘ وَڻين پيئي، جي پنهنجا ساز وڄائين ٿي!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

چڙ تہ جھُومي ٿي پئي ھيءَ ڪائنات،
ٿُون ڪٿي آھين پرين اڄ عيدَ راتِ؟

آءٌ آھيان ماتِ پنھنجي موتَ جي،
ٿُون ٻُلو آن، موت منھنجي ناھِ ماتِ.

چنڊ مون لئہ جامُ ٿاھي ٿو اچي،
ٿُون صراحي ٿي پرين اي ڪائنات!

موت ھر ڪنھن ڏي اچي ٿو اي پرين،
پيارُ ٿُنھنجو؟ پيار جي ٻي آھہ باتِ!

ٿيون اچن ڪاريون گھٽائون مون مٿان،
آزمايو جام منھنجي جي ثَباتِ!

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارَ ڪولي ڪالهه ٿُون آئي هُئينءَ،
جڙ گهٽائون ٿي وَئي هئي ڪائنات!

جڙ ازل ۾ ٿو ڏئي وَر وَر ٽُبي،
نِمُ تان ڪهڙي پڪيءَ جي آهه لاتِ؟

جڙ اُتر جو واءُ هُن لئہ آ چَهو،
جيئن ٿي ڏونگر ڏِسي، تيئن تيزُ ڏاتِ!

ڪو پَرندو هئن ڏنو آهي نہ مون،
جيئن پيجري مان اُڏامي ٿِي حيات!

جِندڙي رهندي خلا ۾ ڪيترو؟
مون چيو: ”اڪبُوٿَ وانگر آ مِماتِ.“

درد کي پنهنجو وجود آهي ’اياز‘،
موتُ آهي نِندَ وانگر ڏينهن راتِ.

♣

جو ڇُتو ڪونہ، گهاءُ آهين تون،
رَت ٽِمي ٿو، ڇِڪاءُ آهين تون.

جڙ تہ رابيل مان ڦُٽي آهين،
ايترو جو ھُٻڪاءُ آهين تون!

دُور تان ائن اچين پئي مون ڏي،
چاندنيءَ جو ڇٽاءُ آهين تون.

پيار ۾ ياڪُرين پَئي مُنهنجي،
آگ آهين، اُلاءُ آهين تون!

جڙ تہ رَڳ رَڳ رچي وئي آهين،
جڙ تہ لُنءَ لُنءَ لڳاءُ آهين تون!

**گيڙوويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوهہَ جي اُسَ جيئن ڪونہ آهين،
پر جياپي جتاءُ آهين تون.

ٻيو ڳويتا اُپاءُ ڪونہ ڪپي،
آهہ جي ڪو اُپاءُ آهين تون.

رات جي لُڙڪ تي لهين ٿي تون،
باک ڪان اڳ اُهاءُ آهين تون.

پاڙُ سُورج مُکيءَ جيان ٻوٽيان؟
سانجهہ تي آ، سماءُ آهين تون.

ڇو ڦڪي تي ٿئين ’اياز‘ اڳيان،
جي اُڀرو چِٽاءُ آهين تون.

♣

چنڊ درياهہ سان جيئن ڏُوران هلي،
جيستائين هلي، ساٿ توسان هلي.

ڪابہ ڏوهي نہ آ، هَٿَ ڇوهي نہ آ،
پيارَ توساڻ ٿو سانوڻيءَ جان هلي.

عُمر! تنهنجي ندي بيهڻي ڪانہ آ،
جيستائين ڇُلين پيار توسان هلي.

جو بہ پَل تو گذاريو ويو موت ۾،
جهولَ تولئہ جهَلي موتُ پُٺتان هلي.

موت جي ڳالهڙي ٿورڙي آ 'اياز'،
اک پوري، مگر جڳ اڳي جان هلي.

**گيڙو ويس غزل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

تون ئي سراءِ ۾ رهه، مونکي نه آهه رهڻو،
موٽان به يا نه موٽان، آ دُور ڪَهڻو.

اي دوست! تُنهنجو مُنهنجو سارو حساب چُڪتو،
هن ننڊ منجهه ڪنهن جو، ڪنهن ڏي نه آهه لَهڻو.

ساجهر سوير آندي مون لاءِ ناهه سُواري،
پر قافلو وڃي ٿو مونکي به آ اُسهڻو.

جيڪي گهڙيون گذاريئه، مون سان چڱيون گُذاريئه!
ٿو اڄ به جيءُ جَرڪي، هيءَ ڳالهه ڳهڻو.

آغوش سي ڪٿي اڄ، ڪلهه جن ۾ ننڊ آئي؟
هاڻي ته راتڙي جو ڪنهن هنڌ آهه ڍَهڻو.

راهِي 'اياز'! ڪيئي ويندا لَهو لهان ٿي،
بس پنڌ ياد رکجو، تَن جو اُداس پهڻو!

گيڙوويس غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

شام ٿِي سُورج مُکي مُرجهائيا،
هنجَ جي اُڏري ويا ها، آئيا؟

باک توتان لاکَ ڪنهن لاهي وَتي،
روئندي مون گيت تُنهنجا ڳائيا!

تو ڪيو ڪاٿو تہ ها ڪيڏا هرڻ،
اوچتو جي رُجَ ڳلهہ رولائيا؟

باغ ساري تي سَرءُ وئي ڇانئجي،
چار ڳاڙها گُل، اُهي ڪنهن ڇائيا؟

گردنون ڪيڏيون ڳپيون ڏاتي پئي،
ءِ هٿوڙي ڪيترا سِر گهائيا!

’فيض‘ اڳ ۾ ئي مري ويو اي ’اياز‘!
جيئرا شاعر سوبن شرمائيا.

**گيڙو ويس غزل**

♣

ايتري ڌات تي ويو آهين،
موتَ جي ماتِ تي ويو آهين!

ڪيترا گيت ٿا هلن توسان،
جڻ تہ باراتِ تي ويو آهين!

جهانجهہ تي ڪا وڄي شوالي ۾،
چَنڊ جي رات تي ويو آهين!

ننڊ ۾ هوءَ اِئن اچي پيئي،
جڻ مُلاقات تي ويو آهين!

روز اُڀري پئي گهَٽا توتي،
تون تہ برسات تي ويو آهين!

جهولَ خالي ڏسي سواليءَ جي،
عشقَ! سوغات تي ويو آهين!

جاڳَ۔ سپنا ’اياز‘، پَر ايڏا؟
تُون تہ ڪا تات تي ويو آهين!

**گيڙوويس غزل**

♣

عمر ساري تمام ٿي ويئي،
پيارَ جو انتقام ٿي ويئي.

مئڪدي جي اُداس راتِ وَري،
ڄڙ تہ لبريز جام ٿي ويئي.

ياد ٿُنهنجي اکيون اُجاري وَئي،
مُرڪ ڪائِي مُدام ٿي ويئي.

عُمر جي خار زار ۾ خوشبو
اوچتو همڪلام ٿي ويئي.

پيارَ۔ سُورج مُکي نہ مُرجهائيو
آ شفق۔ رنگُ شام ٿي ويئي.

عشق جي اي 'اياز' ناڪامي،
شاعريءَ جو دَوام ٿي ويئي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

زندگي ڄڻ تہ خواب جئن گذري،
آب ۾ ماهتاب جئن گذري.

اوتَ تي اوتَ، جا ڪُٽي نہ ڪُٽي،
عُمر جامِ شراب جئن گذري.

ڪنهن مُغني اُهو بہ ڄاتو آ،
روح تي ڇا رباب جئن گذري.

يارَ سان سٺُ، سمنڊُ جو ساحل،
شامَ پنهنجي حُباب جئن گذري.

هي بہ تون نانهہ، هُو بہ ٿُون ناهين،
زندگي انتخاب جئن گُذري.

سرسراهٽ ڪري سَڪي پرسان،
ڪنهن مُقدس ڪتاب جئن گذري.

ياد ماضي ’اياز‘ ائن آيو،
رات روزِ حِساب جئن گُذري.

**گيڙوويس غزل**

♣

جي مان مَري وڃانءِ تہ ايڏو نہ روئجانءِ!
لاڙي ٻہ چار لُڙڪ روئي هارَ پوئجانءِ!

مُون کي وسارجانءِ ٻہ ٽي گيت سارجانءِ!
جي آبشار جيئن گلي ۾ سموئجانءِ!

برسات هيئن ڪابہ وَسي ناهہ ديس ۾،
جي ٽي سگهي سماج سڄو وقت ڌوئجانءِ.

آ لوڪُ پوڪُ، ناهہ سندس اعتبار ڪو،
جي لوڪ ڪُجهہ چوي ٻہ تہ مونکي نہ لوئجانءِ.

تو لاءِ مُون صديون نہ ڇڏي ٻُڪ روح لاءِ،
هي گيت ها 'اياز'، ڀَريون روز ڍوئجانءِ.

**گيڙو ويس غزل**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

♣

ڪئن ڏينهن ٿِئي، ڪئن رات لهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!
ڪِئن دل ٿِي ايڏو درد سَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇاڻ ڄاڻان!

هر لهر هُئي مضراب جيان، ۽ ساري عُمر رَباب جيان،
آ وقتُ جئين درياهہ وَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

هِن رُوح هَرڻ جي ڳولا ۾، ڪو پاڻي آ؟ يا ڪونہ آهي؟
ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ڳهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

سنسار تہ ڪوئي پَل آهي، ۽ اُن جو اَنت اَٽل آهي،
ڪنهن وقت نهي ڪنهن وقت ڍَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

پَلُ پيار بنان جڻ وَيلُ آهي، هي جيون جڻ ڪو ٻَيلُ آهي،
ٿو چَڪر ۾ ڪيڏو نہ ڳهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

من روز مُنجهائي ٿو ساهي، ڪنهن وقت ’اياز‘ تري تائين،
ٿو سِپ ڏِسي موتِي نہ لهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

**گيڙووِيس غزل**

♣

ٿِي نِنڊ اچي جي نيٽن کي، هِي ڏات ڏھاڳڻ جاڳي ٿي،
ٿا شعر اچن برسات جيان، دل ڪيڏا ٿَر بَر جهاڳي ٿي.

هي ڏاتِ ڪِٿي ٿي پوڙهي آ؟ ٿِي اڄ بہ تہ ڳاڙها گُل روڙي،
پر پوئي گنديون پائي ٿي، ۽ خوشبوءَ سان بَنُ واڳي ٿي.

هي ٻُلِ چا ڪائي ٻُلِ آهي، درياهُہ وَهي ٿو جنهن هيٺان،
ٿُون پير ڪٽين جي سوچي ڪڻ، ڏِسجانءِ تہ لُڙڪي ڏاڳي ٿي!

جئن ڪينجهر تي ڪنهن وقت ولر، تيئن شعر اچن ٿا چار پهر،
ڪي ننڊَ اُڏارون ٿِي آيا، ۽ ڦاٿا ڪي اوجاڳي ٿِي.

ڪيڏانهن ڪهين ٿو ڄاڻُ اِهو پيو ڪجهہ ناهي هن ڏات ڄِهو،
ڇُڙواڳ ’اياز‘ اجا رهندين، ڪو ماڳ ڏِسي آن ماڳي ٿي.

**گيڙو ويس غزل**

♣

جنهن وقت اَسر جي هِير اچي، جنهن وقت پکي پَر کوهِن ٿا،
تنهن وقت گُلن تي ماڪَ ڦڙا، مَنُ منهنجو ڪيڏو موهِن ٿا.

مون چارڻَ ٻٽائي ڄَر جيءَ جي، جڙ آهہ تَپت ڪنهن آويءَ جي،
ٿا تن مان چِا چِا ٿانوَ جُڙن، جي ڪُنير مِٽي ڳوهِن ٿا!

هُو ڪير هُيا جِن ڳاتو ٿي؟ جن اونهو سمنڊ سُڄاتو ٿي؟
سُر سارا نڪتا سانت منجهان، اڄ جيڪي سازَ سَموهِن ٿا!

ڪنهن وقت اَچي ٿي ڪِربَ مٿان! ڪر پيار ’اياز‘ وڏيڪ اچا،
سي ماڻهو جُڳ جُڳ شال جيئن جي پريت ڪري پابوهِن ٿا.

**گيڙوويس غزل**

♣

اِئن دل ۾ ڪيئي سال رَهي، اي شعر صدائون ٿِي ويندءُ،
مون ڄاتو هو، مون ڄاتو هو، گهنگهور گهٽائون ٿِي ويندءُ!

هن جيون ۾ جي پَهر هُيئہ، سي چانڊوڪيءَ جي لَهر هُيئہ،
رهندءُ نہ اِئين ڪنهن ڄاتو هو، ڪنهن وقت جفائون ٿِي ويندءُ!

اي هَرڻين جهڙا نيڻَ اِئين، ڪنهن وقت پِٽون پِٽڪائيندؤ
ائن دُور رَهي ايندءُ نہ ڪَهي، ڪي ريت۔ هوائون ٿي ويندءُ!

وِرلي تہ ڪِرو ٿا اي ڳوڙها، وِيران اکين مان ورهين ۾،
ڪنهن ڄاتو هو اڄ بارش جون، مون لاءِ دعائون ٿِي ويندءُ!

هي چار ڏهاڙا چانڊوڪِي، ايڏو نہ ٽڏو اِن ڏانهن ڏِسي،
بس، آهہ ’اياز‘ عجب اِن تي، انسانَ خُدائون ٿِي ويندءُ!

**گيڙو ويس غزل**

♣

جنهن وقت گهَٽا گهنگهور اچي، ۽ مورَ نچن، ٿو جامَ پريان،
بي آءُ عبادت ڪيئن ڪريان، ڇؤ ڪيئن ڪريان، ڇؤ ڪيئن ڪريان؟

تَنهن وقت هوائون ٻُتجن ٿيون، جنهن وقت پَکي ٿو آءُ ڪُهان،
تَنهن وقت سمندر گهُٽجي ٿو، جنهن وقت مڇي ٿو آءُ ٽَريان!

مون ٻيهر لاٿو ڪوسُ آهي، ڏِس چنڊ اجا آ پاٽيءَ ۾!
جي تون ٻہ ڇِڪائين او ساٿي، مان چاهيان ٿو اُن کي ٻہ پريان!

هي تارِ صراحي اوڏو آ، جو پِيئين، پيءُ انهيءَ مان تون!
ڪنهن بادل تان ڪنهن سپني مان تون آئي آهين ذاتِ پَريان!

تو پيار ڏئي سنسارُ ڏِنو تو مونکي پارُ اَپارُ ڏِنو
هي خونُ تہ منهنجو ڪُجھ ناهي، مان ٽُنهنجي پيو ڇا پيٽ ڏريان؟

اي همعصرو! جيڪي ٻہ چئو ٻيهار ’اياز‘ نہ ايندو ڪو
خاموش رهان ٿوان لئہ جو مان ڪنهن تي ڪنهن تي مُڱ ڏريان!

گيڙهووِيھ غزل

♣

وئي عُمر خوشبوءَ جيان اي گُلابو وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!
اُڏامي تہ شبنم جيان آفتابو وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

اِهي ميڪدا ڪونہ پيهارَ ڪُلندا، وَري رِندَ ٽڙندي ڪِٿي ڪونہ رُلندا،
خُمار آهہ ڪوئي جواني، شرابو وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

ڪِٿي ڪانہ ٻِهندي ڪٿي ڪانہ ٻهندي، اِها آبشارن جيان تيز آهي،
ڏسو ٿا انهيءَ جي رواني حُبابو وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

اِها چاندني رات ڪجھ پَهر آهي، وَجي ٿي ائين جيئن ڪا نهر آهي،
ڪِٿي ٿَهر آهي اِنهيءَ ماهتابو؟ وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

نشاني اِها سوال جي آهہ يارو، جُدائي ازل کان لکي آهہ پيارو!
ڪيو غور ڇاتي پيا لاجوابو؟ وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

’اياز‘ آهہ هي ناوَ جي ڇانوَ ڪيسين؟ ڏين ٿا رُڳو ڏڏُ هُو هانوَ ڪيسين؟
انهن کي ڇئي ڏي تہ خانہ خرابو وَري ڪانہ ايندي، وري ڪانہ ايندي!

---

• ڪوس: ٿرِ ۾ چمڙي جي ڏول کي چوندا آهن.

♣

يار سان پيار جي ڳالهہ آ،
